ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 29 مارچ 2025ع 09 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (223)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم شهباز شريف جو ايراني صدر سان رابطو وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي ۽ امن ڪوششن لاءِ ڳالهيون

وزيراعظم ۽ ايراني صدر ۾ گفتگو هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تائين جاري رهي، ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ امن جي ڪوشش تي ڳالهيون ڪيون

پاڪستان جي آمريڪا، برادر نار ۽ اسلامي ملڪن سان جاري سفارتي رابطن سان اها اميد آهي ته ڇڪتاڻ جي خاتمي جو ڪو اثرائتو رستو نڪرندو: شهباز شريف

وزيراعظم طرفان ايران تي ٿيلن حملن جي سخت مذمت ڪئي وئي ۽ ڏکئي وقت ۾ ايراني عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

ايران جي صدر کي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊيفنس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاران ڪيل سفارتي رابطن کان آگاهه ڪيو ويو

ايران جي صدر پاڪستان جي مخلصاڻي سفارتي ڪوشش کي ساراهيندي ايران خلاف اسرائيلي قدمن جي حوالي سان پنهنجو موقف بيان ڪندي ڳالهين ۽ ٺاهڪڙي لاءِ اعتماد سازي جي ضرورت تي زور ڏنو

اسلام آباد(هر د)وزيراعظم شهباز شريف ۽ ايراني صدر مسعود پزشڪيان وچ ۾ هڪ هفتي دوران ٻيو ڀيرو ٽيليفونڪ رابطو ٿيو جنهن ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ تفصيلي گفتگو ڪئي وئي وزيراعظم هائوس طرفان بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سعودي، ترڪي ۽ مصر جا پرڏيهي وزير اڄ ۽ سڀاڻي پاڪستان جو دورو ڪندا

نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار پاران ٽنهي ملڪن جي اڳواڻن کي دعوت ڏني وئي

ٽنهي برادر ملڪن جا پرڏيهي وزير خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ڪوشش بابت ڳالهيون ڪندا

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي دعوت تي سعودي عرب جو پرڏيهي وزير بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ايران معاهدو چاهي ٿو، اسان ڳالهيون ڪيون پيا ۽ ان جو ڪو نتيجو به نڪرندو: ٽرمپ

آبناءِ هرمز وارو لنگهه کولڻو پوندو، ايران هاڻ ڪڏهن به جنگي جنگي جهاز نه ٺاهي سگهندو

جيڪڏهن ايران وٽ ايٽم بم هجي ها ته اهو اسرائيل خلاف استعمال ڪري سگهي پيو

اسان هميشه نيٽو جي مدد ڪئي پر هنن ڪڏهن به اسان جي مدد نه ڪئي، اها انهن جي وڏي غلطي آهي

واشنگٽن: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران ڊيل چاهي ٿو اسان ڳالهيون ڪري رهيا آهيون ۽ ان جو ڪو نه ڪو نتيجو ضرور نڪرندو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته ايران کي آبناءِ هرمز وارو لنگهه کولڻو پوندو ايران هاڻ ڪڏهن به جنگي جنگي جهاز نه ٺاهي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران ميزائل ۽ ڊرون ڪرڻ وارن هنڌن جون تصويرون ۽ وڊيوز ٺاهڻ ۽ شايع ڪرڻ تي پابندي

رياض(هر د)سعودي گهرو کاتي حملي وارن بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

خطي ۾ هلندڙ جنگ ڪجهه هفتن تائين جاري رهندي: مارڪو روبيو

پئرس(هر د)آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسلام آباد ۾ معرڪ حق يادگار جو تعميراتي ڪم ٿي رهيو آهي

پاڪستان زميني رستي ايران، آذربائيجان ۽ وچ ايشيائي ملڪن کي روانگي واپار جي اجازت ڏئي ڇڏي

وفاقي وزير جام ڪمال خان وچ ايشيائي ملڪن سان واپار جي حوالي سان تاريخي قدم کڻندي اجازت ڏني

ايران ڏانهن چانور، سامونڊي خوراڪ، پٽاٽا، گوشت، بصر، ٻيون شيون ايڪسپورٽ ٿي سگهنديون

دوائن جي روانگي واپار ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وزارت ايران ۽ وچ ايشيائي رياستن لاءِ روانگي واپار تي فنانشل انسٽرومينٽ کان عارضي ڇوٽ منظور ڪندي زميني رستي ذريعي ايران آذربائيجان ۽ وچ ايشيائي ملڪن کي روانگي واپار جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي وزارت طرفان جاري بيان موجب واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان وچ ايشيائي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي جي سربراهه پاران وچ اوڀر جي تڪرار وچ ۾ ڳالهين تي زور

تڪرار ۾ شامل سمورين ڌرين پائيدار حل جي ڳولا ۾ ڳالهين ڏانهن واپس اچن: رافيل ماريانو گروسي

ايٽمي پاور پلانٽ تي حملا يا ان جي سالميت تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي

ويانا (اي پي پي) عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي (آءِ اي اي اي) جي سربراهه رافيل ماريانوگروسي ايٽمي ٺڪاڻن تي حملن کي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ter Resource Accountabi
Climate Resilient Soluti
اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي بابت وفاقي سيڪريٽري عائشه حميرا تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

پاڪستان ۽ تاجڪستان وچ ۾ دوستاڻا ۽ برادر لاڳاپا موجود آهن: عبدالعليم خان

وفاقي وزير تاجڪ سفارتخاني جو دورو ڪيو ۽ ٻه طرفي سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي ڳالهيون

ملاقات ۾ پاڪ تاجڪ واپاري لاڳاپن ۾ اضافي ۽ سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات بابت وفاقي وزير عبدالعليم خان ڊپلوميٽڪ انڪليو ۾ تاجڪستان جي سفارتخاني جو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنگاپور ۾ پاڪستاني هاءِ ڪميشن جي انتظام هيٺ تقريب، ثقافتي ورثي جي نمائش

نمائش ۾ روايتي لباس، ٽرڪ آرٽ، رانديڪن جو سامان، مصالحا، چانور، ڪتاب ۽ سياحتي مواد رکيو ويو

هاءِ ڪمشنر عالمي شراڪتداري کي مضبوط بڻائڻ ۾ ثقافتي سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڏنو

سنگاپور (اي پي پي) سنگاپور ۾ پاڪستان جي هاءِ ڪميشن ايشيا-يورپ فائونڊيشن (اي ايس اي ايف) جي انتظام هيٺ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر نهال هاشمي سنڌ فشريز ترميمي بل 2026 جي منظوري ڏئي ڇڏي

سنڌ جي گورنر سيد محمد(هر د)ڪراچي نهال هاشمي سنڌ فشريز ترميمي بل 2026 جي منظوري ڏئي ڇڏي بل ۾ ماهيگيري بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن ڪانفرنس ۾ شريڪ ملڪن پاران پاڪستاني ڪوششن جي واکاڻ

ڊبليو ٽي او جي 14 هين وزارتي ڪانفرنس ڪيمرون جي گادي واري شهر يائونڊي ۾ جاري آهي

مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جي قيادت ۾ وفد عالمي واپار بابت اصلاحي سيشن ۾ شرڪت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن (ڊبليو ٽي او) جي 14 هين وزارتي ڪانفرنس ڪيمرون جي گادي واري شهر يائونڊي ۾ جاري آهي جنهن ۾ ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

يوڪريني صدر جي اماراتي صدر سان ملاقات، ايراني حملن جي مذمت

يوڪريني صدر زيلنسڪي يو(هر د)ابوظهبي اي اي جي صدر شيخ محمد بن زيد سان ملاقات ڪئي اجلاس ۾ سيڪيورٽي ۽ فوجي صورتحال تي بحث ڪيو ويو ۽ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف ۾ اسٽاف ليول معاهدو طئي، 1.2 ارب ڊالر ملندا

ايگزيڪيوٽو بورڊ جي منظوري ڪانپوءِ پاڪستان کي واڌو فنڊ سهولت تحت هڪ ارب ڊالر ملندو

ريزيلينس اينڊ سسٽين ايبلٽي فيلسٽي تحت 21 ڪروڙ ڊالرن تائين پهچ حاصل ٿيندي

ٻنهي پروگرامن تحت مجموعي ادائيگيون 4.5 ارب ڊالرن تائين پهچي وينديون: آءِ ايم ايف

اسلام آباد(هر د)آءِ ايم ايف ۽ پاڪستان وچ ۾ اسٽاف ليول معاهدو طئي ٿي ويو آءِ ايم ايف موجب ايگزيڪيوٽو بورڊ جي منظوري ڪانپوءِ پاڪستان کي واڌو فنڊ سهولت تحت هڪ ارب ڊالر جڏهن ته بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

حزب الله طرفان اسرائيل خلاف پهريون ڀيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل جو استعمال

حزب الله اسرائيلي جنگي جهاز تي زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل فائر ڪرڻ جي دعوا ڪئي

حزب الله پهريون ڀيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل استعمال ڪيو آهي: ميڊيا

عرب ميڊيا موجب، لبنان جي(هر د)بيروت مزاحمتي تنظيم حزب الله بيروت ۾ اسرائيلي جنگي جهاز تي زمين کان فضا ۾ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

اليڪشن ڪميشن جو بلوچستان حڪومت جو اين اي 256 جي ضمني چونڊن ۾ واڌ جو مطالبو رد

اليڪشن ڪميشن(هر د)اسلام آباد بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

محبت ڀريل ياد ۾

عبدالجبار ميمڻ

(پاڪستان جو اڳوڻو قونصل جنرل، لاس اينجلس)

1964–2022

عبدالجبار ميمڻ جي چوٿين ورسي جي موقعي تي، اسان هڪ مشهور سفارتڪار، مخلص محب وطن، ۽ نهايت شفيق انسان جي ياد کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. پاڪستان لاءِ سندس بي لوث خدمتن ۽ سفارتي برادري ۾ سندس گران قدر شراڪت کي هميشه وڏي احترام ۽ قدر سان ياد رکيو ويندو.

"اها زندگي جيڪا ٻين جي دلين کي ڇُهي، هميشه زنده رهي ٿي"

الله تعاليٰ سندس روح کي ابدي سڪون عطا فرمائي.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

گهرڀاتي، دوست احباب ۽ خيرخواهه

نديم الرحمٰن ميمڻ
سليم الرحمٰن ميمڻ
نعيم الرحمٰن ميمڻ
وسيم الرحمٰن ميمڻ
آفتاب الرحمٰن ميمڻ
فهيم الرحمٰن ميمڻ
راجه نسيم ميمڻ
حفيظ الرحمٰن ميمڻ
عادل ميمڻ

منهال جبار
فريده جبار
شهلا پيرزاده ميمڻ
حميده رحمٰن ميمڻ
شبانه خليل
شازيه مقصود
انيلا خان

ايران طرفان اسرائيل تي ڪلسٽر بمن جو وسڪارو، ڪويت ۾ 6 آمريڪي سامونڊي جهاز تباهه، حوثي باغي به جنگ ۾ شامل ٿي ويا

يمن جي حوثي باغين پهريون ڀيرو اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي فوجي ٺڪاڻن تي حملو، اسرائيل حملي جي تصديق ڪري ڇڏي، خطي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي

حملو لبنان، ايران، عراق ۽ فلسطين ۾ شهرين جي شهادت ۽ بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي ردعمل ۾ ڪيو ويو آهي، هدف حاصل ٿيڻ تائين ڪارروائيون جاري رهنديون: حوثي گروپ

لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله پهريون ڀيرو بيروت ۾ اسرائيلي جنگي جهاز تي زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل استعمال ڪيو 24 ڪلاڪن دوران 80 کان وڌيڪ ڪارروائيون ڪيون

ايران طرفان دنيا جي سڀ کان وڏي جهاز بردار سامونڊي ٻيڙي جيرالڊ تي 17 مختلف رخن کان نشانو بڻايو ويو، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ حملي جي تصديق ڪري ڇڏي

سعودي عرب ۾ پرنس سلطان ايئربيس تي پڻ ميزائل حملي ۾ آمريڪا جا ڪيترائي ري فيولنگ جهاز متاثر ٿيا. حملي ۾ 12 آمريڪي فوجي زخمي 2 جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي: عملدار

ڪويت جي الشويخ بندرگاهه تي آمريڪا جي ڇهن ٽيڪٽيڪل جهازن کي نشانو بڻايو ويو، 3 جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي ويا جڏهن ته ٻيا 3 سڙي رهيا آهن: ايراني ميڊيا

"وعده صادق 4" آپريشن تحت دبئي جي سامونڊي پٽي ۽ هڪ هوٽل ۾ آمريڪي اهلڪارن کي آپگهاتي ڊرونز ذريعي نشانو بڻايو ويو، ٻنهي حملن ۾ ڪيترائي آمريڪي فوجي مارجي ويا

تهران/اسلام آباد/ واشنگٽن/ صنعا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ جاري جنگ هاڻي پوري خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي رهي آهي يمن جي حوثي باغين پهريون ڀيرو اسرائيل تي ميزائل حملي جي تصديق ڪئي آهي جنهن ڪانپوءِ صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي آهي جوابي ڪارروائي طور آمريڪا پنهنجو هڪ ٻيو وڏو جهاز بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

بيروت: اسرائيلي بمباري ۾ تباهه ٿيل صحافين جي گاڏي ۽ شهيد ٿيل صحافي

سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏنو آهي: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد ايف آءِ اي هيڊ ڪوارٽر جي دوري دوران گهرو وزير هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي

پرڏيهه ۾ ملازمت جي سمورن گمراهه ڪندڙ اشتهارن بابت عوامي آگاهي کي يقيني بڻايو وڃي: هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ايف آءِ اي هيڊڪوارٽر ۾ جاري انفراسٽرڪچر جي بهتري جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

توانائي ۽ آبي وسيلن جو تحفظ هر محب وطن شهري جو فرض آهي: عبدالعليم خان

"ارٿ آور" صرف روشنيون بند ڪرڻ نه پر پائيدار مستقبل لاءِ اجتماعي ذميواري جي عزم جو ورجاءُ آهي

پاڪستان عالمي سطح تي ماحولياتي تبديلين جي شديد اثرن هيٺ آهي، پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو آهي ته "ارٿ آور" صرف روشنيون بند بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

قطر پاران ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ امن لاءِ پاڪستان جي سفارتڪاري ڪوششن جي ساراهه

نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

گهڻ پاسائن لاڳاپن جي نوعيتن ۽ تبديل ٿيل صورتحال تي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قطر ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ امن ۽ استحڪام کي هٿي وڌائڻ لاءِ پاڪستان جي ڳالهين ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان جي عوام جون قربانيون ۽ حب الوطني جو جذبو واکاڻ جوڳو آهي: انجنيئر امير مقام

هي خطو پاڪستان جي امن جو چهرو آهي ۽ علائقو هميشه امن جو گهوارو رهيو آهي

ديني عالم سڳورن طرفان امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن: ملاقات ۾ اظهار

اسڪردو (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان معاملن ۽ سفيران واري وفاقي انجنيئر امير مقام سان اسڪردو ۾ عالم بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: لوڊر رڪشا تي فروٽ وڪرو ڪيا پيا وڃن

افغانستان ۾ شديد برساتن ۽ طوفاني ٻوڏ سبب 5 ماڻهو فوت، ڪيترائي گهر تباهه

هلمند، قنڌار ۽ ڪابل سميت پڪتيا ۽ پروان صوبن ۾ شديد برساتن سبب وڏي تباهي ٿي

برسات ۽ ٻوڏ سبب 5 ماڻهو فوت، 6 زخمي ۽ 94 گهر تباهه ٿيا، نئين تعمير ٿيل پل کي پڻ نقصان پهتو

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي ڪيترن ئي صوبن ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران شديد برساتن سبب وڏي پيماني تي تباهي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

بابر اعظم خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪالعدم قرار، عدالتي فيصلو جاري

لاهور هاءِ ڪورٽ مبينا هراسگي واري ڪيس ۾ ماتحت عدالت جي حڪم خلاف درخواست جي ٻڌڻي ڪئي

قومي ڪرڪيٽر بابر اعظم خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪالعدم قرار، لکت ۾ فيصلو جاري

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ مبينه هراسگي تي قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان بابر اعظم تي داخل ڪيس جي ماتحت سيشن عدالت جي عدالتي حڪم خلاف داخل درخواست تي قومي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ پاڪستان اهم ڪردار ادا ڪندو: نجومي سامعه

21 مارچ کان پاڪستان جو ستارو پنهنجي محفوظ زون ۾ اچي چڪو آهي

جنهن ڪانپوءِ دنيا ۾ پاڪستان جو نالو وڌيڪ ورتو پيو وڃي

هاڻي پاڪستان جي ترقي جو وقت آهي ۽ ايندڙ 12 سال ترقي جا سال هوندا

جنگ بندي عارضي هوندي، ڳالهيون ٿيون ته اهي به عارضي نوعيت جون هونديون

اسلام آباد(هر د)پاڪستان جي ناليواري نجومي سامعه خان اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ پاڪستان اهم ڪردار ادا ڪندو خانگي ٽي وي پروگرام ۾ ڳالهائيندي سامعه خان بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي ۾ بيلسٽڪ ميزائل جا ٽڪرا ڪرڻ سبب باهه، 5 ڀارتي شهري زخمي

ايئر ڊفينس سسٽم طرفان ميزائل کي هدف تي پهچڻ کان اڳ ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو

ميزائل جا ٽڪرا ڪرڻ سبب خليفه اڪنامڪ زون ۾ ٻن هنڌن تي باهه لڳي وئي، 5 ڀارتي زخمي ٿيا

ابوظهبي (اي پي پي) ابوظهبي ۾ بيلسٽڪ ميزائل جا ٽڪرا ڪرڻ سبب 2 هنڌن تي باهه لڳڻ تي ضابطو آڻڻ جون ڪوششون جاري آهن پرڏيهي ميڊيا گذريل ڏينهن ٻڌايو ته ايئر ڊفينس سسٽم طرفان بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ملير انتظاميه مرحوم انعام سيال جي ياد ۾ رٿيل جلسو ڪرڻ نه ڏنو، احتجاج

جلسي واري هنڌ تي پوليس اٽالا ٻيهاري زبردستي پنڊال اکيڙيو ويو: صنعان قريشي

اسان کي پنهنجي ئي شهرن ۾ شهيد ڪارڪنن لاءِ جلسن جي اجازت نٿي ملي

ملير(هر د)اسان کي پنهنجي ئي شهرن ۾ شهيد قومي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي جلسن کان روڪي حڪومت ڪهڙي طرف وڃي چاهي ٿي مرحوم اڳواڻ انعام سيال جي ياد ۾ رٿيل جلسي واري هنڌ تي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هلندڙ هاءِ روف ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، عورتن ۽ ٻارن سميت 9 ڄڻا سڙي زخمي

زخمين ۾ 3 ٻارڙيون، 4 عورتون ۽ 2 مرد شامل آهن: ريسڪيو ذريعا

زخمين کي فوري طور تي سول اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو ويو

ڪراچي(هر د)ڪراچي جي علائقي خداداد ڪالوني ۾ الله والا برياني جي ڀرسان هڪ هاءِ روف گاڏي ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ ٽينگر ريڙهي تي ڀڳڙا وڪرو ڪري رهيو آهي

خطي جا ملڪ سلامتي چاهين ٿا ته پنهنجي سرزمين دشمن کي استعمال ڪرڻ نه ڏين: ايراني صدر

اسان ڪيترائي ڀيرا چئي چڪا آهيون ته ايران حملن ۾ اڳرائي نٿو ڪري، پر اسان تي حملا جاري آهن

ايران جي بنيادي ڍانچي يا اقتصادي مرڪزن کي نشانو بڻايو ويو ته ڀرپور جواب ڏنو ويندو

خطي جا ملڪ ترقي ۽ سلامتي چاهين ٿا ته پنهنجي سرزمين ايران جي دشمنن لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏين

تهران: ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته خطي جا ملڪ جيڪڏهن ترقي ۽ سلامتي چاهين ٿا ته پنهنجي سرزمين ايران جي دشمنن لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏين ايراني صدر مسعود پزشڪيان پنهنجي بيان ۾ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر جي اعلان باوجود اسرائيل جو ايران جي توانائي ڍانچن تي حملو

بجلي گهر، اسٽيل ڪارخانن ۽ هڪ سول نيوڪليئر ٽاڪ کي نشانو بڻايو ويو

ٽرمپ پاران ايران جي توانائي پلانٽن تي حملو 10 ڏينهن لاءِ ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو

تهران: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي اعلان باوجود اسرائيل ايران جي توانائي ڍانچن تي حملو ڪيو اسرائيل ايران جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ خطرن خلاف موثر نظام ڏانهن فوري منتقل ٿيڻو پوندو: عائشه حميره موراني

اسلام آباد (اي پي پي)موسمياتي تبديلي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

توهان اسان جي بنيادي ڍانچي تي حملا ڪيا، هاڻي جواب جو انتظار ڪريو: ايراني ڪمانڊر

اسرائيل ايران جي انفرا اسٽرڪچر تي حملو ڪيو آهي: ايرو اسپيس سربراهه جنرل ماجد موسوي

اسان کي اڳ به آزمائي چڪا آهيو، دنيا اوهان کي ٻيهر باهه سان کيڏندي ڏسي رهي آهي

هن ڀيري اک جي بدلي اک وارو معاملو نه هلندو هاڻ اسان انتهائي ڀرپور نموني جواب ڏينداسين: چتاءُ

تهران: پاسداران انقلاب ايران جي ايرو اسپيس سربراهه جنرل ماجد موسوي تصديق ڪئي آهي ته اسرائيل ايران جي انفرا اسٽرڪچر تي حملو ڪيو آهي جنرل ماجد موسوي چيو ته توهان اسان کي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

نيشنل گرڊ ڪمپني ۾ نئين تنظيمي تبديلين جو عمل جاري آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاور ڊويزن جي ترجمان چيو آهي ته پاور سيڪٽر جي ضرورتن موجب نيشنل گرڊ ڪمپني ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ايراني هيڪرز جو وڏو وار، ايف بي آءِ ڊائريڪٽر جو اي ميل اڪائونٽ هيڪ، اهم دستاويز ليڪ

تهران(هر د)ايراني هيڪرز ايف بي آءِ ڊائريڪٽر جو اي ميل هيڪ ڪري ورتو پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ايران سان لاڳاپيل هيڪرز دعوي ڪئي آهي ته هنن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سپاف يونٽ لمس جا عهديدار ملاقات ڪري رهيا آهن

نئون ديرو ۾ سپاف لمس حيدرآباد جي اڳواڻن جي پ پ چيئرمين سان ملاقات

سپاف اڳواڻ عبدالغفار ڪاتيار ۽ ٻين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ليڊيز ونگ اڳواڻ فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال لمس حيدرآباد ۾ سپاف يونٽ جي جنرل سيڪريٽري عبدالغفار ڪاتيار ۽ ٻين پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پ پ ليڊيز ونگ اڳواڻ فريال ٽالپر سان نئونديرو بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي سپاف اڳواڻن پاران پ پ چيئرمين وچ ۾ ملڪ جي موجوده سياسي حالتن ۽ شاگردن جدوجهد بابت ڳالهيون ٿيون، پ پ چيئرمين پاران سپاف اڳواڻن کي سندن جدوجهد کي ساراهيندي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

نئين ڪڻڪ خريداري پاليسي جو مقصد آبادگارن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ آهي: شرجيل

خريداري پاليسي سنڌ حڪومت جي وسيع حڪومتي ويزن مطابق تيار ڪئي وئي آهي

پهرين اپريل کان صوبي جي 109 مرڪزن تي ڪڻڪ جي خريداري شروع ٿيندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي نئين ڪڻڪ خريداري پاليسي سنڌ حڪومت جي وسيع حڪومتي ويزن مطابق تيار ڪئي وئي آهي. نئين ڪڻڪ خريداري پاليسي جو مقصد آبادگارن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي: زخمي ٽينگر کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ قومي ترجيح ۽ گڏيل ذميواري آهي: سينيٽ چيئرمين

پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي موسمياتي تبديلي سبب وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن

موثر پاليسي سازي، اداره جاتي ذميواري ۽ عوامي شموليت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ضروري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ رڳو قومي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ برطانيا ۾ سڌين اڏامن جي بحالي سان سياحت کي هٿي ملندي: آفتاب راڻا

ڇهن سالن جي وقفي بعد لنڊن جي لاءِ سڌي اڏام سياحت جي بحالي لاءِ هڪ اهم وک آهي

پاڪستان کي مضبوط ۽ مهمان نواز سياحتي منزل طور عالمي اعتماد جي بحالي ۾ به مدد ملندي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ برطانيا ۾ سڌين اڏامن جي بحالي خاص ڪري اسلام آباد ۽ لاهور کان لنڊن لاءِ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

موٽرسائيڪل ۽ رڪشا وارن کي پيٽرول تي سبسڊي ڏيڻ جي تجويز، اعلان جلد ٿيڻ جو امڪان

حڪومت مخصوص صارفين کي هر مهيني 20 کان 30 ليٽر جي حدف ٿيل سبسڊي جي تجويز ڏني

سبسڊي واري پيٽرول جي فراهمي لاءِ هڪ ڪيو آر ڪوڊ فراهم ڪيو ويندو

وفاقي حڪومت ڪفايت شعاري جي منصوبي تي عمل درآمد لاءِ صوبن کان 154 ارب رپيا گهريا آهن

اسلام آباد(هر د) حڪومت پاران موٽرسائيڪلن ۽ ٽن ڦيٿن وارن گاڏين لاءِ پيٽرول تي سبسڊي ڏيڻ جو امڪان آهي حڪومت مخصوص صارفين کي هر مهيني 20 کان 30 ليٽر جي حدف ٿيل سبسڊي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪنڀار برتنن جي طياري جو ڪم ڪري رهيا آهن

اميد آهي ته ايران سان ڳالهيون هن هفتي شروع ٿي سگهن ٿيون: اسٽيو وٽڪوف

واشنگٽن(هر د) آمريڪا جي وچ اوڀر لاءِ سفير اسٽيو وٽڪوف جو چوڻ آهي ته ايران سان ڳالهيون هن هفتي شروع ٿي سگهن بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اميد آهي ته ايران سان ڳالهيون هن هفتي شروع ٿي سگهن ٿيون: اسٽيو وٽڪوف

واشنگٽن(هر د) آمريڪا جي وچ اوڀر لاءِ سفير اسٽيو وٽڪوف جو چوڻ آهي ته ايران سان ڳالهيون هن هفتي شروع ٿي سگهن ٿيون هڪ بيان ۾ اسٽيو وٽڪوف چيو ته بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ايراني هيڪرز جو وڏو وار، ايف بي آءِ ڊائريڪٽر جو اي ميل اڪائونٽ هيڪ، اهم دستاويز

تهران(هر د)ايراني هيڪرز ايف بي آءِ ڊائريڪٽر جو اي ميل هيڪ ڪري ورتو پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ايران سان بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

افغانستان سان گڏ پاڪستان خلاف ڀارت جو خطرناڪ منصوبو بي نقاب

ڀارت، افغانستان سان ملي ڪري پاڪستان خلاف سوشل ميڊيا تي ڊس انفارميشن مهم هلائي پيو

پاڪستان بابت منفي تاثر پکيڙڻ لاءِ جعلي سوشل ميڊيا اڪائونٽس جو استعمال ڪيو پيو وڃي

درحقيقت اهڙا اڪائونٽس آهن جيڪي ظاهر ته ايراني سڃاڻپ سان ڏين ٿا: سيڪيورٽي ذريعا

اهي اصل ۾ ڀارت ۽ افغانستان مان هلايا پيا وڃن

ڪراچي(هر د)افغانستان سان گڏ پاڪستان خلاف ڀارت جو خطرناڪ منصوبو بي نقاب انڪشاف ٿيو آهي ته ڀارت، افغانستان سان بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ پوليس وين تي دهشتگردن جو حملو اي ايس آءِ شهيد

دهشتگردن جي پوليس وين تي حملي ۾ اي ايس آءِ شهيد ۽ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو

دهشتگردن فائرنگ ڪانپوءِ پوليس جي گاڏي ساڙي ڇڏي

بنون(هر د)خيبر پختونخواهه جي علائقي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ايران اسرائيل جنگ جا اثر گاسليٽ وڌيڪ 4 روپيه 66 پئسا في ليٽر مهانگو

گاسليٽ جي نئين قيمت 433 روپيه 40 پئسا في ليٽر ٿي وئي

گاسليٽ جي قيمت ۾ اضافو اڄ کان ئي لاڳو ٿيندو: نوٽيفڪيشن

اسلام آباد(هر د)عالمي منڊي ۾ تيل جي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 6 جهاز تباهه

بردار بحري بيڙو "يو ايس ايس جارج ايڇ ڊي بيٽ" وچ اوڀر ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو آهي، ٻئي پاسي، پاڪستان جي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن سان اهم ملاقات جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان ڳالهين ۽ نئين "ڊيل" جي اميد ظاهر ڪئي آهي. ٽرمپ دنيا جي سڀ کان وڏي جهاز بردار سامونڊي ٻيڙي تي ايراني حملي جي تصديق ڪري ڇڏي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي جهاز بردار سامونڊي ٻيڙي جيرالڊ تي ايراني حملي جي تصديق ڪندي چيو آهي ته ايران دنيا جي سڀ کان وڏي جهاز بردار ٻيڙي کي 17 مختلف رخن کان نشانو بڻايو. ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ هو ته ايران جو حملو ڏاڍو شديد هو، جهاز تي موجود ماڻهو جان بچائڻ لاءِ ڀڄڻ لڳا. يمني حوثين جو والاريل اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي فوجي ٽاڪن تي حملو يمن جي حوثي گروپ چيو آهي ته هنن اسرائيل تي بيلسٽڪ ميزائلن سان حملو ڪيو جنهن ۾ والاريل اولهندي ڪناري جي ڏاکڻن علائقن ۾ اسرائيلي فوجي ٽاڪن کي نشانو بڻايو ويو. حوثي گروپ جو چوڻ آهي ته حملو لبنان، ايران، عراق ۽ فلسطين ۾ شهرين جي شهادت ۽ بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي ردعمل ۾ ڪيو ويو آهي، هدف حاصل ٿيڻ تائين ڪارروائيون جاري رهنديون. حزب الله طرفان اسرائيل خلاف پهريون پيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل جو استعمال عرب ميڊيا موجب، لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله بيروت ۾ اسرائيلي جنگي جهاز تي زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل فائر ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ميڊيا رپورٽ موجب، حزب الله پهريون پيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل استعمال ڪيو آهي. حزب الله جو چوڻ آهي ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران اسرائيلي فوج خلاف 80 کان وڌيڪ ڪارروائيون ڪيون ويون آهن. ايران اسرائيل تي ڪلسٽر بمن جو مينهن وسائي ڇڏيو. ڪويت ۾ آمريڪا جا 6 بحري جهاز تباهه ڪرڻ ۽ دبئي جي ساموندي ڪناري ۽ هوٽل تي حملا ڪري ڪيترن آمريڪي فوجين کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. روسي ميڊيا موجب، تل ابيب ۾ گهڻ ماڙ عمارتن کي نشانو بڻايو پيو وڃي، ميزائل اسرائيلي فضا ۾ داخل ٿيندي ئي سائرن وڄڻ لڳا، جنهن ڪانپوءِ ماڻهو شيلٽرز ۾ وڃڻ تي مجبور ٿي ويا. اسرائيل ڪلسٽر بمن جي حملي ۾ هڪ ڄڻي جي مارجڻ ۽ ٻن زخمين جي تصديق ڪئي آهي. ايراني ميڊيا موجب، ڪويت جي الشويخ بندرگاهه تي آمريڪا جي ڇهن ٽيڪٽيڪل جهازن کي نشانو بڻايو ويو. ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته 3 جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي ويا جڏهن ته ٻيا 3 سڙي رهيا آهن. پاسداران انقلاب موجب "وعده صادق 4" آپريشن تحت دشمن تي حملي جي 84 هين لهر ۾ دبئي جي ساموندي پٽي ۽ هڪ هوٽل ۾ آمريڪي اهلڪارن کي آپگهاتي ڊرونز ذريعي نشانو بڻايو ويو. ايراني اختيارين موجب، ٻنهي حملن ۾ ڪيئي آمريڪي فوجي مارجي ويا آهن. سعودي عرب جي علائقي الخرج ۾ پرنس سلطان ايئربيس کي به نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، جتي ري فيولنگ ۽ ايئرسپورٽ فليٽ کي هدف بڻايو ويو. ايران جو سعودي عرب ۾ پرنس سلطان ايئربيس تي ميزائل حملو، ڪيترن آمريڪي ري فيولنگ جهازن کي نقصان ايران سعودي عرب جي پرنس سلطان ايئربيس تي ميزائل حملو ڪيو آهي. آمريڪي ميڊيا موجب، هن حملي ۾ آمريڪا جا ڪيترائي ري فيولنگ جهاز متاثر ٿيا.هڪ آمريڪي عهديدار ٻڌايو ته ايراني حملي۾ 12 آمريڪي فوجي زخمي ٿيا، جن مان 2 جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي.ٻئي پاسي ايراني ٽي وي موجب 3 ڪنٽينر جهازن جي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي. ايراني نيوي موجب، مختلف ملڪن جا 3 ڪنٽينر جهاز واپس موٽايا ويا آهن

بقايا 2 ايراني صدر

چيو ته هو ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهي ته ايران حملن ۾ اڳرائي نٿو ڪري، پر جيڪڏهن ايران جي بنيادي ڍانچي يا اقتصادي مرڪزن کي نشانو بڻايو ويو ته ڀرپور جواب ڏنو ويندو. ايراني صدر جو چوڻ آهي ته خطي جا ملڪ ترقي ۽ سلامتي چاهين ٿا ته پنهنجي سرزمين ايران جي دشمنن لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏين.

بقايا 3 ايراني ڪمانڊر

اڳ به آزمائي چڪا آهيو. دنيا اوهان کي ٻيهر باهه سان کيڏندي ڏسي رهي آهي، هن ڀيري اوهان ايران جي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻايو آهي، هاڻي جواب جو انتظار ڪريو.هن خبردار ڪيو ته هن ڀيري اک جي بدلي اک وارو معاملو نه هلندو. واضح رهي ته آمريڪي صدر ٽرمپ جي اعلان باوجود اسرائيل ايران جي توانائي ڍانچن تي حملو ڪيو. اسرائيل ايران جي هڪ بجلي گهر، ٻن اسٽيل فيڪٽرين ۽ هڪ سول نيوڪليئر ٽاڪ کي نشانو بڻايو.

بقايا 4 ٽرمپ

ڪي آبناءِ هرمز وارو لنگهه کولڻو پوندو. ايران هاڻ ڪڏهن به جنگي جنگي جهاز نه ناهي سگهندو. اسان ايراني نظام جي خطري کي ختم ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن ايران وٽ ايٽم بم هجي ها ته اهو اسرائيل خلاف استعمال ڪري سگهي پيو. ان کانپوءِ ميامي ۾ خطاب ڪندي ٽرمپ چيو ته ان (ايران) کي اسٽريٽ آف ٽرمپ کولڻي پوندي، پوءِ چيو ته منهنجو مطلب هرمز آهي، معاف ڪجو، مون کان غلطي ٿي وئي، ميڊيا هاڻي ان تي به تبصرا ڪندو. ٽرمپ چيو ته هن هميشه چيو آهي ته نيٽو ڪاغذي شينهن آهي، اسان هميشه نيٽو جي مدد ڪئي پر هنن ڪڏهن به اسان جي مدد نه ڪئي، اها انهن جي وڏي غلطي آهي، نيٽو جي ابتڙ سعودي عرب، قطر يو اي اي، بحرين ۽ ڪويت مدد ڪئي ۽ وڙهيا.

بقايا 5 ڍانچن تي حملو

هڪ بجلي گهر ٻن اسٽيل ڪارخانن ۽ هڪ سول نيوڪليئر ٽاڪ کي نشانو بڻايو. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي اسرائيلي حملي جي تصديق ڪندي چيو ته اسرائيل جي دعويٰ آهي ته اهي حملا آمريڪا سان رابطي ڪانپوءِ ڪيا ويا. ايراني پرڏيهي وزير چيو ته ايران اسرائيلي ڏوهن جي وڏي قيمت اوڳاڙيندو. واضح رهي ته ان کان اڳ ٽرمپ ايران جي توانائي پلانٽن تي حملو 10 ڏينهن لاءِ ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو.

بقايا 6 دورو ڪندا

شهزاده فيصل بن فرحان السعود، ترڪيه جو پرڏيهي وزير حاقان فيدان ۽ مصري پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي اڄ 29 ۽ سڀاڻي 30 مارچ تي پاڪستان جو دورو ڪندا. پرڏيهي آفيس جي بيان موجب دوري دوران پرڏيهي وزير مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪندا، جن ۾ خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ڪوششون شامل آهن. ٽنهي برادر ملڪن جا پرڏيهي وزير ان موقعي تي وزيراعظم سان پڻ ملاقات ڪندا. پاڪستان سعودي عرب، ترڪيه ۽ مصر جي برادرانه ناتن کي وڏي اهميت ڏيندو آهي. اهو دورو پاڪستان کي انهن ملڪن سان گڏيل دلچسپي جي مختلف شعبن ۾ سهڪار ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ جو موقعو فراهم ڪندو

بقايا 7 وفاقي گهرو وزير

پراجيڪٽ جو معائنو ڪيو ۽ اڳيرائي جو جائزو ورتو. ايف آءِ اي هيڊ ڪوارٽر جي دوري دوران گهرو وزير هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏنو ويو. گهرو وزير جاري تعميراتي سرگرمين کي جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن مطابق سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ايف آءِ اي ۾ سڌارن جو عمل هلندڙ سال ڊسمبر تائين مڪمل ڪيو ويندو. گهرو وزارت مان جاري بيان مطابق گهرو وزير چيو ته پرڏيهه ۾ ملازمت جي سمورن اشتهارن جي آن لائين نگراني ڪئي وڃي ۽ گمراهه ڪندڙ اشتهارن بابت عوامي آگاهي کي يقيني بڻايو وڃي. ايف آءِ اي کي هر قسم جي منظم ڏوهن خلاف هر اول جٿي طور منظم ڪيو ويندو. هن ايف آءِ اي کي هر سطح تي مڪمل سپورٽ جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل ايف آءِ اي ڊاڪٽر عثمان انور گهرو وزير کي اداري بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن ۽ سندن سهولتڪارن جي جامع ڊيٽا جوڙي پئي وڃي. هن ٻڌايو ته اداري ۾ احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ شفاف ۽ اثرائتو نظام واضح ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ٻين ادارن سان ورڪنگ گروپ ۽ ڪو آرڊينيشن ڪميٽيون بڻايون پيون وڃن. هن ٻڌايو ته اميگريشن - اينٽي هيومن اسمگلنگ ۽ مني لانڊرنگ خلاف اثرائتي ڪارروائي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي عمل ۾ آندو پيو وڃي.

بقايا 8 عبدالعليم خان

ڪرڻ نه پر پائيدار مستقبل لاءِ اجتماعي ذميواري جي عزم جو ورجاءُ آهي، توانائي ۽ آبي وسيلن جو تحفظ هر محب وطن شهري جو فرض آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ارٿ آور جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو. وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي ماحولياتي تبديلين جي شديد اثرن هيٺ آهي، اسان کي تباهه ڪندڙ ٻوڏن ۽ بدلجندڙ موسمن جا اثر درپيش آهن. هن چيو ته ماحول دوست گرين انفراسٽرڪچر جي تعمير وقت جي ضرورت آهي، اسان سڀني کي گڏجي پائيدار مستقبل طرف پنهنجي ذميواري نڀائڻي پوندي. هن چيو ته انفراسٽرڪچر کي جديد ۽ ماحول دوست بڻائي فٽ پرنٽ گهٽ ڪنداسين ۽ توانائي جا اثرائتا ذريعا اسان جي ايندڙ نسلن جي ضرورت آهن.

بقايا 9 ڳالهين تي زور

قبولڻ نه جوڳو قرار ڏيندي وچ اوڀر ۾ متحارب ڌرين وچ ۾ ڳالهين جي بحالي تي زور ڀريو آهي. پرڏيهي ميڊيا کي انٽرويو ۾ هن چيو ته وچ اوڀر جي تڪرار ۾ شامل سمورين ڌرين پائيدار حل جي ڳولا ۾ ڳالهين ڏانهن واپس اچن. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ايٽمي نڪاتن تي حملا قبول جوڳا ناهن. هن چيو ته ايٽمي پاور پلانٽ تي ڪڏهن به حملو نه ڪرڻ گهرجي، يا ان جي جسماني سالميت تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪرڻ گهرجي.

بقايا 10 عبدالعليم خان

دورو ڪيو ۽ تاجڪ سفير شريف زاده يوسف توئير سان غير رسمي ملاقات ڪئي. وزارت طرفان جاري بيان مطابق وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو ته پاڪستان ۽ تاجڪستان وچ ۾ دوستاڻا ۽ برادر لاڳاپا موجود آهن. ٻئي ملڪ مذهب جي مضبوط لاڳاپن سان جڙيل آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ تاجڪستان جي سفير شريف زاده يوسف توئير جو خدمتون تحسين جوڳيون آهن. تاجڪستان سان ٻه طرفه واپاري لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جا خواهشمند آهيون. پاڪستان ۽ تاجڪستان کي ويجهو آڻڻ ۾ سفير جو اهم ڪردار آهي. عبدالعليم خان پنهنجي تاجڪستان جي دوري جو ذڪر ڪيو ۽ ٻه طرفه مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. تاجڪستان جي سفير وفاقي وزير جي آجيان ڪئي. ملاقات ۾ پاڪ تاجڪ واپاري لاڳاپن ۾ اضافي ۽ سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي. وفاقي وزير چيو ته وچ ايشيائي رياستن وچ ۾ واپاري راهداريون اهم آهن.

بقايا 11 تقريب

افتتاحي اوپن ڊي ۾ پاڪستان جي شاندار ثقافتي ورثي جي نمائش ڪئي وئي. پاڪستان بوٿ ملڪ جي ثقافتي ورثي کي اجاگر ڪيو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن زبردست دلچسپي جو مظاهرو ڪيو. سنگاپور ۾ پاڪستاني هاءِ ڪميشن طرفان جاري بيان مطابق نمائش ۾ روايتي لباس، ترڪ آرٽ، اعليٰ معيار جي راندين جو سامان، مصالحا، اعليٰ قسم جا چانور، ڪتاب ۽ سياحتي مواد رکيو ويو هو جيڪو پاڪستان جي ثقافتي رونق، روانگي واپار واري صلاحيت ۽ سياحت جي موقعن بابت آگاهي فراهم ڪري ٿو. بوٿ جو افتتاح سنگاپور ۾ پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر ۽ اي ايس اي ايف جي گورنر رابعه شفيق ڪيو. هن اي ايس اي ايف جي ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر، مختلف ملڪن جي سفيرن ۽ ٻين اي ايس اي ايف گورنرز جي نمائش بابت آگاهه ڪيو. هاءِ ڪمشنر گڏيل افهام تفهيم کي هٿي ڏيڻ ۽ عالمي شراڪتداري کي مضبوط بڻائڻ ۾ ثقافتي سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڀريو.

بقايا 12 آفتاب راڻا

اڏامن سان ملڪ ۾ سياحت جي شعبي کي نمايان هٿي ملندي. اهڙو اظهار پاڪستان ٽوئرزم ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر آفتاب الرحمان راڻا هڪ بيان ۾ ڪيو. ان مثبت اڳيرائي جي آجيان ڪندي هن چيو ته برطانيا جهڙي اهم عالمي مارڪيٽن سان بهتر فضائي رابطا پاڪستان تائين پرڏيهي سياحن جي پهچ کي نمايان طور آسان بڻائيندا. هن چيو ته ڇهن سالن جي وقفي بعد 29 مارچ 2026ع کان لنڊن جي لاءِ سڌين اڏامن جي بحالي اندروني سياحت جي بحالي لاءِ هڪ اهم وک آهي. ان سان نه رڳو سفر ۾ آساني پيدا ٿيندي بلڪ پاڪستان کي هڪ مضبوط، متحرڪ ۽ مهمان نواز سياحتي مقام طور عالمي اعتماد جي بحالي ۾ به مدد ملندي.

بقايا 13 ساراهه

سفارتڪاري جي جاري ڪوشش کي ساراهيو آهي. ڪالهه پرڏيهي آفيس طرفان جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمان بن جاسم آل ثاني سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ٻنهي اڳواڻن موجوده علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڇڪتاڻ ۾ فوري گهٽتائي جي اهميت تي زور ڀريو. قطر جي قيادت امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پاڪستان طرفان ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي جاري ڪوشش کي ساراهيو.هن پاڪستان ۽ قطر وچ ۾ گهرن پائرائن لاڳاپن جي توثيق ۽ تبديل ٿيل صورتحال تي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 14 ايراني ڪمانڊر

۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي سيڪريٽري عائشه حميره مورائي چيو آهي ته ملڪ کي ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ رد عمل تي ٻڌل حڪمت عملي بدران اڳواٽ قدمن ۽ خطرن خلاف موثر نظام ڏانهن فوري منتقل ٿيڻو پوندو ڇاڪاڻ ته ماحولياتي تبديلي سبب ڏڪار جي شدت ۽ تڪرار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. مقامي هوٽل ۾ قومي ڏڪار ايڪشن پلان جي حوالي سان منعقد مشاورتي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي هن چيو ته ڏڪار هاڻي ڪو وقتي خطرو ناهي رهيو پر گرمي پد ۾ اضافو پاڻي جي کوٽ ۽ موسمي تبديلي سبب هڪ مستقل چئلينج بڻجي چڪو آهي. هن چيو ته پاڪستان اڳ ئي انهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي پاڻي جي کوٽ جو وڌيڪ خطرو آهي. جڏهن ته سوڪهڙو سڌي ريت زراعت، آبي وسيلن غذائي تحفظ ماليائي نظام ۽ ماڻهن جي روزگار کي متاثر ڪندو آهي. هن چيو ته ماضي ۾ اسان جو وڌيڪ ڌيان نقصان کان پوءِ امدادي قدمن تي رهيو جڏهن ته هاڻي نقصان کان بچڻ لاءِ اڳواٽ ڪوششون ضروري آهن. عائشه حميره مورائي ان ڳالهه تي زور ڀريو ته انگن اکرن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ جامع اداره جاتي ۽ پاليسي فريم ورڪ جي ضرورت آهي.

بقايا 15 ترجمان

نئين تنظيمي تبديلين جو عمل جاري آهي، نيشنل گرڊ ڪمپني جي پاور سيڪٽر ۾ وڏن سڌارن جو نئون ماڊل پهرين جولاءِ کان لاڳو هوندو. وفاقي وزير سردار اويس احمد لغاري سڌارن واري عمل جي مڪمل حمايت جو ورجاءُ ڪيو آهي. توانائي واري وزارت طرفان جاري بيان موجب پاور ڊويزن جي ترجمان چيو آهي ته نئين ماڊل ۾ پاور سيڪٽر ۾ شفافيت، ڪارڪردگي ۽ جوابدهي وڌائڻ لاءِ اهم قدم شامل آهن. نيشنل گرڊ ڪمپني جو نئون آپريٽنگ ماڊل گرڊ جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار هوندو. هن چيو ته اين ٽي ڊي سي جي پراڻي ڍانچي جي خامين کي ختم ڪرڻ لاءِ جامع حڪمت عملي طئي ڪئي وئي آهي، تنظيمي سڌارن تحت اين جي سي ۾ 6 اهم ٽنپ متعارف ڪرايا ويا. ڊجيٽل سسٽمز ذريعي ريئل ٽائيم ڊيٽا ۽ سمارٽ گرڊ مئنيجمينٽ ممڪن ٿيندي. هن چيو ته نئين ٽيڪنالاجي سسٽمز پڄائي جي ويجهو ۽ ڪارڪردگي جا معيار به طئي ٿيا آهن. مڪمل ڊجيٽل ۽ آپريشنل نظام ڊسمبر 2026ع تائين فعال ٿيڻ جي اميد آهي، هن چيو ته اين جي سي سڄي ملڪ ۾ بجلي جي پهچ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

بقايا 16 اهم دستاويز ليڪ

ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ڪاش پٽيل جي ذاتي اي ميل ان باڪس تائين پهچ حاصل ڪري ورتي آهي. رپورٽ موجب، هيڪرز ثبوت طور ڊائريڪٽر جون تصويرون ۽ ٻيا دستاويز انٽرنيٽ تي جاري ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 17 انجنيئر امير مقام

سگهورن ۽ علائقي جي معززن ملاقات ڪئي. گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير ايران جي سپريم ليڊر آيت الله خامنائي جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ سندس درجن جي بلندي لاءِ فاتحه خواني ڪئي. وفاقي وزير هاٿوڪن اٿوٽندڙ واقعن ۾ ٿيل جاني ۽ مالي نقصان تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته گلگت بلتستان جي عوام جون ماضي جون قربانيون ۽ سندن حب الوطني جو جذبو واکاڻ جوڳو آهي. هن چيو ته گلگت بلتستان پاڪستان جي امن جو چهرو آهي ۽ هي خطو هميشه امن جو گهوارو رهيو آهي. گلگت بلتستان سياحت جو مرڪز آهي جتي هر سال هزارين سياح ايندا آهن. هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي واضح هدايت ڪئي آهي ته گلگت بلتستان ۾ پائيدار امن کي يقيني بڻائڻ سان گڏوگڏ ترقياتي عمل کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي. وفاقي وزير عالم سگهورن طرفان امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيندي سندن ٿورو مڃيو ۽ چيو ته امن جي بحالي اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي جنهن لاءِ اجتماعي ڪوششون ضروري آهن. هن خاطري ڪرائي ته حڪومت هاٿوڪن اٿوٽندڙ واقعن جي شفاف ۽ انصاف تي ٻڌل جاچ کي يقيني بڻائيندي ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. ان موقعي تي عالم سگهورن وزيراعظم جي هدايت تي وفاقي وزير جي بلتستان آمد کي ساراهيندي امن امان جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ پنهنجون سفارشون پيش ڪيون. عالم سگهورن واقعي جي غيرجانبدارائي ۽ شفاف جاچ لاءِ جوڙيل جڊيشل ڪميشن جي شفاف جاچ تي زور ڀريو ۽ وفاقي حڪومت کان موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا 18 شرجيل

آهي، هڪ ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي خريداري جو فيصلو خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ اٽي جي قيمتن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ ڪيو ويو آهي. ڪڻڪ خريداري پاليسي بابت هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پهرين اپريل کان صوبي جي 109 مرڪزن تي ڪڻڪ جي خريداري شروع ٿيندي، في مڻ ڪڻڪ جي امدادي قيمت 3,500 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي، وچ وارن ماڻهن جو ڪردار ختم ڪرڻ لاءِ پهريون پيرو ڪڻڪ صرف رجسٽرڊ هاري ڪارڊ هولڊرن کان خريد ڪئي ويندي، هاري ڪارڊ ذريعي خريداري جو سڀ کان وڏو فائدو حقيقي آبادگارن تائين پهچندو، جڏهن ته 330,000 آبادگار سڌي طرح فائدو حاصل ڪندا. هن چيو ته هن سال حڪومت بارداڻو فراهم نه ڪندي، آبادگار پنهنجو بارداڻو پاڻ آڻيندا. هر ٿيلهي لاءِ 60 رپيا ادائيگي سڌي طرح انهن جي بئنڪ اڪائونٽن ۾ سنڌ بئنڪ ذريعي ڪئي ويندي، نئين طريقيڪار سان نه صرف خريداري جو عمل آسان ٿيندو پر اهو وڌيڪ شفاف، مؤثر ۽ ڪنهن به ممڪن جعلسازي کان محفوظ هوندو.شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حڪومت وٽ 200,000 ٽن ڪڻڪ اسٽاڪ ۾ موجود آهي ۽ ان کي عوامي ضرورت مطابق استعمال ڪيو ويندو، سنڌ ۾ ساليانو لڳ ڀڳ 4.3 ملين ٽن ڪڻڪ پيدا ٿئي ٿي، موجوده پاليسي نندن آبادگارن جي سڌي مالي مدد لاءِ ترتيب ڏني وئي آهي، هن وڌيڪ چيو ته هاري ڪارڊ اسڪيم تحت آبادگار ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ تي سبسڊي ذريعي فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. نئين پاليسي جو مقصد آبادگارن جي سهائتا، خوراڪ جي حفاظت ۽ عوام کي گهٽ قيمت تي اٽو فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 19 سينيٽ چيئرمين

ترجيح ٿي نه پر ايندڙ نسلن لاءِ اسان جي گڏيل ذميواري پڻ آهي، ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ موثر هم آهنگي سان گڏوگڏ سول سوسائٽي، نجي شعبي ۽ عوام جي فعال شرڪت به ضروري آهي. اهڙو اظهار هن ارٿ آور 2026ع جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو. سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته سينيٽ آف پاڪستان 28 مارچ 2026ع تي سڄي دنيا جي ملڪن سان گڏ ارٿ آور ملهائي رهي آهي، هي عالمي قدم ماحولياتي تحفظ، موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ ۽ پائيدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اجتماعي قدمن جي اهميت جي اجاگر ڪري ٿو. هن چيو ته پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي موسمياتي تبديلي جي اثرن کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. شديد موسمي واقعن ۾ اضافو گليشيئرز جو تيزي سان پگهرجڻ ۽ پاڻي جي وڌندڙ کوٽ جهڙا چئلينجز ان ڳالهه جا گهرجائو آهن ته هڪ جامع ۽ دور انديش قومي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ موثر پاليسي سازي، اداره جاتي ذميواري ۽ عوامي شموليت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ضروري آهي. هن چيو ته جيتوڻيڪ ارٿ آور هڪ علامتي قدم آهي جڏهن ته هي اسان کي ڌرتي جي تحفظ لاءِ پنهنجي گڏيل ذميواري جو احساس ڏياري ٿو. اهي قدم پائيدار زندگي جي طور طريقن، توانائي جي موثر استعمال ۽ معاشري جي سمورن شعبن ۾ ماحول دوست طريقيڪار اختيار ڪرڻ جي ضرورت کي به اجاگر ڪري ٿو. هن چيو ته سينيٽ آف پاڪستان ماحولياتي تحفظ، موسمياتي لچڪ ۽ پائيدار ترقي کي ترجيح ڏيڻ لاءِ مضبوط قانونسازي ۽ موثر پارلياماني نگراني جي عزم کي ورجائي ٿو. ان سلسلي ۾ ماحولياتي نظم ۽ نسق جي بهتري، قدرتي وسيلن جو تحفظ، تجديد جوڳي توانائي کي هٿي وٺرائڻ ۽ سڄي ملڪ ۾ اهم ماحولياتي نظام لاءِ ڪوششون جاري آهن. هن سڀني شهرين کي اپيل ڪئي ته هو ماحول جي محافظ جي حيثيت سان پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪن ۽ هڪ صاف، سرسبز ۽ پائيدار پاڪستان جي تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. سينيٽ چيئرمين چيو ته سينيٽ پاڪستان ماحول جي تحفظ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ۽ مضبوط مستقبل جي ضمانت ڏيندڙ پاليسين ۽ قدمن جي مڪمل حمايت جاري رکندو.

بقايا 20 گهر تباهه

آئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ 5 ماڻهو فوت، 6 زخمي ۽ 94 گهر تباهه ٿيا آهن. ميڊيا رپورٽن موجب برسات ۽ ٻوڏ سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر علائقن ۾ ڏکڻ صوبو هلمند، قنڌار ۽ ڪابل سميت پڪتيا ۽ پروان صوبا پڻ شامل آهن. هلمند جي واشير ضلعي ۾ پاڻي جي سطح ۾ اضافي سبب نئين تعمير ٿيل ڊيم کي پڻ نقصان پهتو آهي.

بقايا 21 فيصلو جاري

ڪرڪيٽر بابر اعظم خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪالعدم قرار ڏيڻ جو 8 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. عدالت لکت واري فيصلي ۾ قومي ڪرڪيٽر بابر اعظم خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪالعدم قرار ڏنو ۽ داخل ڪيس خلاف سندس داخل درخواست باضابطه طور منظور ڪري ورتي. جسٽس اسجد جاويد گهرال لکت واري فيصلي ۾ چيو ته درخواست گذار جسٽس آف پيس جو ڪيس داخل ڪرڻ جي حڪم کي چئلينج ڪيو هو، جيڪو عورت حميره مختار جي درخواست تي جاري ٿيو هو. عورت موجب ٻنهي وچ ۾ ڊگهي عرصي تائين لاڳاپا رهيا جيڪي اٽڪل 8 سالن تائين جاري رهيا، ان دوران هو 2015ع ۾ ڳورهاري به ٿي، بعد ۾ حمل ضايع ڪرايو ويو ۽ درخواستگذار ان کان وڏي رقم به حاصل ڪئي، جڏهن ته بعد ۾ شادي کان انڪار ڪري ڇڏيو. عدالت ڌرين جي وڪيلن جا تفصيلي دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪيس جو رڪارڊ غور سان ڏسڻ ڪانپوءِ قرار ڏنو ته عورت جا الزام يقين جوڳا ناهن. 8 سالن تائين خاموشي غير معمولي ۽ ايتري ڊگهي عرصي ڪانپوءِ الزام سامهون آڻڻ سواليه نشان آهي. عدالت موجب صرف شادي جي واعدي جي دعويٰ دير جو جواز فراهم نٿو ڪري، لکت واري فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ويو ته رڪارڊ تي اهڙو ڪو به ٺوس ثبوت موجود ناهي ۽ الزامن جي تائيد لاءِ ثبوت پيش ناهن ڪيا ويا، جڏهن ته جسٽس آف پيس مناسب جاچ ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو جيڪو قانون موجب نه هو جنهن تي لاهور هاءِ ڪورٽ جاڙايل حڪم کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا 22 نجومي سامعه

مارچ کان پاڪستان جو 21" چيو ته ستارو پنهنجي محفوظ زون ۾ اچي چڪو آهي، جنهن ڪانپوءِ دنيا ۾ پاڪستان جو نالو وڌيڪ ورتو پيو هن دعويٰ ڪئي ته هاڻي ".وڃي پاڪستان جي ترقي جو وقت آهي ۽ .سال ترقي جا سال هوندا 12 ايندڙ ٻئي پاسي ايران ۽ آمريڪا جي تڪرار بابت هن چيو ته جنگ بندي عارضي هوندي، جيڪڏهن ڳالهيون ٿيون ته اهي به عارضي نوعيت جون هونديون، جڏهن ته مئي جو مهينو سامعه خان .خطرناڪ ٿي سگهي ٿو وڌيڪ چيو ته دنيا ۾ امن نه رهندو، آمريڪا ۽ اسرائيل پاران هن خطي ۾ جوهري حملي جا امڪان پڻ موجود .آهن

بقايا 23 امڪان

جي تجويز ڏني آهي، جڏهن ته سبسڊي واري پيٽرول جي فراهمي لاءِ ڪوڊ فراهم ڪيو ويندو ۽ QR هڪ ان حوالي سان جلد اعلان ٿيڻ جو رپورٽ موجب، وفاقي .امڪان آهي حڪومت ڪفايت شعاري جي منصوبي تي عمل درآمد لاءِ صوبن ناڻي .ارب رپيا گهريا آهن 154 کان واري وزارت جي هڪ بيان موجب، ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ هڪ اعليٰ سطحي مشاورتي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪ مئي تائين 10 ۾ ايندهن جي فراهمي صدر، وزيراعظم ۽ .موجود آهي جاري وڏا وزير ايندڙ هفتي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ تبديلي تي حتمي فيصلو ڪرڻ لاءِ ملاقات .ڪندا

بقايا 24 شهري زخمي

بيلسٽڪ ميزائل کي هدف تي پهچڻ کان اڳ ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو، جڏهن ته ميزائل جا ٽڪرا ڪرڻ سبب خليفه اڪنامڪ زون ابوظهبي (ڪي اي زيڊ اي ڊي) ۾ ٻن هنڌن تي باهه لڳي وئي. لاڳاپيل اختياريون باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش مصروف آهن. ابوظهبي ۾ اختيارين ان واقعي ۾ 5 ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته انهن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي. اختيارين مطابق زخمين جو تعلق ڀارت سان آهي.

بقايا 25 جلسو نه ڏنو

پوليس اٽالا ٻيهاري زبردستي پنڊال اکاڙيو ويو. اسان کي عدم تشدد واري پاليسي کان هٽائڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي، اهو سلسلو بند نه ٿيو ته حڪمرانن جي رستا روڪ ڪئي ويندي. اها ڳالهه جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جسقم هائوس گلشن حديد هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ڪئي. جسقم چيئرمين جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان سائين جي ايم سيد جي ڏسيل راهه ۽ شهيد بشير خان قريشي جي مشن تي هلندا رهنداسين. رياستي ادارا اسان کان عدم تشدد واري واٽ تان هٽائي ٻي طرف رخ موڙڻ چاهين ٿا جيڪا سندن ڀل آهي. اسان سدائين عدم تشدد واري واٽ تي هليا آهيون ۽ هلنداسين. هن چيو ته انعام سيال جي چاليهي واري رٿيل جلسي هنڌ پوليس جا اٽالا ٻيهاري ڪارڪنن کي هيسائي پنڊال پٽيو ويو اسان اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چتاءُ ڏيون ٿا ته پيپلز پارٽي جي حڪومت هوش کان ڪم وٺي ۽ جسقم کي جيڪڏهن عدم تشدد واري سياست کان روڪيو ويو ته سڄي سنڌ ۾ جسقم دمادم مست قلندر جو نعرو هڻندي پوءِ ڪنهن به پيپلز پارٽي واري کي جلسا ڪرڻ نه هن چيو ته سنڌ هميشه امن .ڏنا ويندا پائيچاري جو سڄي دنيا ۾ پيغام ڏنو آهي ۽ ان فلسفي تي اڄ به سيد هن چيو .جا پيروڪار عمل پيرا آهن ته اسان جو پرامن پروگرام هو ۽ اسان اڄ جي رٿيل پروگرام ۾ ڊاڪٽر انعام سيال کي پيتا ڏيڻي هئي سڄي سنڌ اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ٿي، آخر ۾ مرحوم ڊاڪٽر انعام سيال جي مغفرت جي دعا سان گڏ پنهنجي شهيدن کي هميشه سنهري لفظن ۾ .ياد رکڻ جو وچن ڪيو ويو

بقايا 26 باهه

4 ،ٻارڙيون 3 موجب زخمين ۾ اطلاع .مرد شامل آهن 2 عورتون ۽ ملندي ئي ڇيپا جون ايمبولينسز واقعي واري هنڌ پهچي ويون جن زخمين کي فوري طور تي سول .اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو پوليس موجب متاثر خاندان شادي جي تقريب مان واپس گهر وڃي رهيو هو ته رستي ۾ گاڏي ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، سمورا زخمي ماڻهو خدا داد ڪالوني جا رهواسي ٻڌايا پيا شروعاتي جاچ موجب باهه جو .وڃن امڪاني سبب شارٽ سرڪٽ قرار ڏنو پيو وڃي پر واقعي جي وڌيڪ .جاچ جاري آهي

بقايا 27 بي نقاب

ملي ڪري پاڪستان خلاف سوشل ميڊيا تي هڪ منظم ڊس انفارميشن مهم هلائي رهيو (غلط معلومات) پاڪستان بابت منفي تاثر .آهي پکيڙڻ لاءِ جعلي سوشل ميڊيا اڪائونٽس جو استعمال ڪيو پيو سيڪيورٽي ذريعن موجب، هي .وڃي اسٽريٽجڪ ڊس " پاڪستان تي هڪ ذريعن جو .آهي "انفارميشن حملو چوڻ آهي ته درجنن اهڙا اڪائونٽس آهن جيڪي ظاهر ته ايراني سڃاڻپ سان ٽين ٿا، پر اهي اصل ۾ ڀارت ۽ .افغانستان مان هلايا پيا وڃن هن مهم جي :گهوسٽ اڪائونٽس ۽ "آءِ اين اين ايران نيوز" شروعات جهڙن جعلي ايڪس "ايران ٽي وي" .اڪائونٽس تان ڪئي وئي (ٽويٽر) مقصد اهو هو ته دنيا کي ائين لڳي جڻ پاڪستان خلاف هي ردعمل ايران مان اچي رهيو آهي، جڏهن ته اهو سڀ ڪجهه افغانستان مان آپريٽ پاڪستان :ڪوڙو الزام .ٿي رهيو هو تي آمريڪا لاءِ تيل جي فراهمي جو ڪوڙو الزام مڙهي نفرت پکيڙڻ جي :منفي بيانيو .ڪوشش ڪئي وئي پاڪستان کي ايران مخالف ۽ مغربي ايجنڊا جو حصو ڏيکاري عالمِ اسلام ۾ بي اعتمادي ۽ ٻڌي کي نقصان پهچائڻ جو خطرناڪ منصوبو تيار هن مهم جو اصل .ڪيو ويو آهي مقصد پاڪستان جي امن وارين .ڪوششن کي تڪراري بڻائڻ آهي

بقايا 28 شهيد

بنون ۾ دهشتگردن جي پوليس وين تي حملي ۾ اي ايس آءِ شهيد ۽ پوليس .هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو موجب بنون ۾ هويد ٿاڻي جي حد ممه خيل جي علائقي ۾ دهشتگردن پوليس موبائل وين تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اي ايس آءِ شهيد ۽ هڪ اهلڪار زخمي ٿي دهشتگردن فائرنگ ڪانپوءِ .پيو پوليس جي گاڏي ساڙي ڇڏي، واقعي ڪانپوءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس جي ڳري نفري، بڪتربند گاڏيون .روانيون ڪيون ويون

بقايا 29 مهانگو

وڌندڙ قيمتن سبب پاڪستان ۾ به پئسا في ليٽر 66 رپيا 4 گاسليٽ جاري ڪيل .مهانگو ٿي ويو آهي نوٽيفڪيشن موجب گاسليٽ جي پئسا في 40 رپيا 433 نئين قيمت گاسليٽ جي .ليٽر ٿي وئي آهي قيمت ۾ اضافو اڄ کان ٿي لاڳو ٿيندو .ٻئي طرف پيٽرول جي في پئسا ۽ 17 رپيا 321 ليٽر قيمت رپيا 335 ڊيزل جي في ليٽر قيمت .پئسا برقرار رکي وئي آهي 86 حڪومت پيٽرول تي آئل رپيا 95 مارڪيٽنگ ڪمپنين کي پئسا في ليٽر پي ڊي سي جي 59 نوٽيفڪيشن ۾ .مد ۾ ادا ڪندي ڄاڻايو ويو آهي ته حڪومت ڊيزل تي 203 آئل مارڪيٽ ڪمپنين کي پئسا في ليٽر پي ڊي سي 88 رپيا .جي مد ۾ ادا ڪندي

بقايا 30 اسٽيو وٽڪوف

ٿيون هڪ بيان ۾.اسٽيو وٽڪوف چيو ته آمريڪا کي اميد آهي ته ايران سان ڳالهيون هن هفتي شروع ٿي سگهن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته آبنائي هرمز مان جهازن جو گذرڻ هڪ مثبت نشاني آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان امن .معاهدو چاهي ٿو

بقايا 31 اسٽيو وٽڪوف

آمريڪا کي اميد آهي ته ايران سان ڳالهيون هن هفتي شروع ٿي سگهن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته آبنائي هرمز مان جهازن جو گذرڻ هڪ مثبت نشاني آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان امن معاهدو چاهي .ٿو

بقايا 32 اهم دستاويز ليڪ

لاڳاپيل هيڪرز دعويٰ ڪئي آهي ته هنن ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ڪاش پٽيل جي ذاتي اي ميل ان باڪس تائين پهچ حاصل ڪري رپورٽ موجب، هيڪرز .ورتي آهي ثبوت طور ڊائريڪٽر جون تصويرون ۽ ٻيا دستاويز انٽرنيٽ تي جاري ڪري .ڇڏيا آهن

بقايا 33 رابطو

جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته وزيراعظم ۽ ايراني صدر ۾ گفتگو هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تائين جاري رهي، ٻنهي اڳواڻن خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ امن جي ڪوشش .تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وزيراعظم ايران تي حملن جي سخت مذمت ڪئي ۽ ڏکيءَ وقت ۾ ايراني عوام سان مڪمل يڪجهتي جو شهباز شريف پاڪستان .اظهار ڪيو طرفان امن جي قدمن جي ڀرپور حمايت جو ذڪر ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته اجتماعي ڪوشش سان ڇڪتاڻ جي خاتمي جو ڪو رستو مسعود پزشڪيان .نڪري ايندو پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيندي ڳالهين ۽ ٿياڪڙي لاءِ اعتماد سازي جي ضرورت تي زور .ڏنو

بقايا 34 پابندي

هنڌن جي رپورٽنگ تي پابندي گهرو کاتي موجب، .مڙهي ڇڏي آهي ميزائل ۽ ڊرون ڪرڻ وارين جاين جون تصويرون ۽ وڊيوز ناهڻ ۽ شايع ڪرڻ سعودي ڪگهرو .تي پابندي آهي کاتي جو چوڻ آهي ته اهڙي جاڻ ڦهلائڻ تي قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي ۽ ذميوارن خلاف ترت گهرو کاتي اِهو .ايڪشن ورتو ويندو به چيو آهي ته اهڙو ڪو به مواد پکيڙڻ کان پاسو ڪيو وڃي جيڪو ملڪي سلامتي کي متاثر ڪري .سگهي

بقايا 35 مارڪو روبيو

روبيو ايران ۾ آمريڪي فوج لاهڻ جي تاثر کي رد ڪندي چيو آهي ته جنگ مهينن نه پر ڪجهه هفتن تائين جاري رهندي. پرڏيهي خبرن اداري جي رپورٽ موجب، فرانس ۾ جي سيون ملڪن جي اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته واشنگٽن هن آپريشن ۾ شيڊيول موجب يا ان کان به اڳتي آهي ۽ اميد آهي ته اهو مناسب وقت اندر يعني ڪجهه مهينن بدران ڪجهه هفتن ۾ مڪمل ڪيو ويندو هن چيو ته جيتوڻيڪ آمريڪا پنهنجا مقصد زميني فوج موڪلڻ ڪانسواءِ حاصل ڪري سگهي ٿو پر هن اهو به قبول ڪيو ته ڪجهه فوجي دستا علائقي ۾ مقرر ڪيا پيا وڃن ته جيئن صدر کي حالتن موجب وڌ کان وڌ اختيارن سان فيصلا ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته واشنگٽن خطي ۾ هزارين ميرينز جا ٻه دستا موڪليا آهن، جن مان پهريون مارچ جي آخر تائين هڪ وڏي ايمفيبيئس اسالٽ جهاز ذريعي پهچڻ وارو آهي، جڏهن ته پينٽاگون طرفان هزارين ايليٽ ايئر بورن فوجين جي مقرري پڻ متوقع آهي. رپورٽ موجب، انهن مقررين سبب خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته هڪ فضائي جنگ، جنهن اڳ ئي عالمي توانائي جي فراهمي کي متاثر ڪيو آهي، ڊگهي زميني جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. مارڪو روبيو چيو ته واشنگٽن اڃا تائين ايران طرفان هلندڙ هفتي موڪليل 15 نڪاتي تجويز جي باضابطا جواب جو انتظار ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پيغامن جو ڏي وٺ ٿي آهي ۽ ايراني حڪومت طرفان ڪجهه معاملن تي ڳالهين لاءِ تياري جا اشارا مليا آهن. جڏهن ته وڌيڪ وضاحت جو اوسيئڙو آهي ته ڪير ڳالهين ۾ شامل ٿيندو، ڪهڙن معاملن تي ڳالهه ٿيندي ۽ ڪڏهن ٿيندي. ٻئي پاسي ايران جو موقف آهي ته هن تجويز کي رد ڪري ڇڏي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، ان معاملي بابت باخبر ذريعن ٻڌايو ته ٽرمپ ۽ وائيٽ هائوس جي اعليٰ عملدارن کي ٽياڪڙ ذريعي آگاهه ڪيو ويو آهي ته ايران طرفان جوابي تجويز امڪاني جمعي کان پوءِ ملي سگهي ٿي. رپورٽن موجب، آمريڪي تجويز ۾ ايران جي جوهري ۽ ميزائل پروگرام جي خاتمي کان وٺي عالمي توانائي جي فراهمي جي اهم واپاري رستي تي ڪنٽرول ڇڏڻ تائين جا مطالبا شامل آهن. جيتوڻيڪ ايراني اختيارين عوامي طور آمريڪي سفارتڪاري کي رد ڪيو آهي، پر هنن چيو آهي ته هو ٽن ملڪن ذريعي پيغامن جي ڏي وٺ لاءِ رابطا برقرار رکيو ويٺا آهن. ان کان اڳ هڪ ايراني عهديدار ٻڌايو هو ته اعليٰ اختيارين آمريڪي تجويز جو جائزو وٺي ان کي رڳو آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن جي حق ۾ قرار ڏنو، پر سفارتڪاري مڪمل طور ختم ناهي ٿي.

بقايا 36 اجازت ڏئي ڇڏي

ملڪن سان واپار جي حوالي سان تاريخي قدم کڻندي وفاقي حڪومت روانگي واپار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ وڏو فيصلو ڪيو آهي. زميني رستي ذريعي ايران، آذربائيجان ۽ وچ ايشيائي ملڪن ڏانهن روانگي واپار جي اجازت ڏني وئي آهي. وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو ته ٽن مهينن لاءِ خصوصي رعايت 24 مارچ کان 21 جون 2026ع تائين لاڳو هوندي. وفاقي حڪومت روانگي واپارڪندڙن کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ علائقائي واپار وڌائڻ لاءِ هي قدم کنيو آهي. ايران ڏانهن چانور، ساموندي خوراڪ، پٽاٽو، گوشت، بصر مڪئي ۽ ميون سميت ڪيترين ئي شين جي ايڪسپورٽ جي اجازت ڏني آهي. فارماسيوٽيڪل مصنوعات ۽ ٽينٽس جي روانگي واپار ۾ به رعايت شامل آهي. اسٽيٽ بئنڪ جي ضابطن سان جزوي ڇوٽ، ايڪسپورٽ آمدني مقرر مدي ۾ واپس آڻڻ جي شرط برقرار آهي. واپار واري وزارت موجب قدمن سان خطي ۾ واپاري رابطا مضبوط ٿيندا. وفاقي وزير چيو ته حڪومت روانگي واپار کي هٿي ڏيڻ ۽ واپارين جي سهولت لاءِ عملي قدم جاري رکندي، هاڻي پاڪستان ايران جي رستي وچ ايشيا ۽ آذربائيجان کي چانور ايڪسپورٽ ڪري سگهندو. هن چيو ته دوائن جي روانگي واپار ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. واپار واري وزارت علائقائي رابطن ۽ واپاري ڳانڍاپي ۾ اضافي لاءِ سمورا وسيلا استعمال ۾ آڻي رهي آهي. هن چيو ته ايران جي رستي واپار سان روانگي واپار ڪندڙن جي خرچن ۽ وقت ۾ نمايان گهٽتائي ايندي، روانگي واپار ۾ اضافو ڪري ملڪ کي معاشي استحڪام ڏانهن وٺي وينداسين.

بقايا 37 واکاڻ

ڪياني جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد عالمي واپار ۾ سڀني لاءِ برابرموقعا فراهم ڪرڻ واري اصلاحتي سيشن ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته ان موقعي تي اهم ٻطرفين ملاقاتن جو سلسلو پڻ جاري آهي، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني عالمي واپار تي پاڪستان جو موقف پيش ڪيو. عالمي واپاري نظام کي شفاف، جامع ۽ لچڪدار بڻائڻ تي زور ڀريندي گهڻ رخين ڳالهين ۾ پاڪستان جي برابري ۽ ترقياتي ايجنڊا جي حمايت ڪئي. ان موقعي تي هن برطانيه جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار بزنس اينڊ ٽريڊ پيٽرڪيل، ترڪيه جي واپار واري وزير ڊاڪٽر عمر بولت، جاپان جي زراعت جي نائب وزير يوڪي نورونيموٽو سان ملاقات ڪئي، جڏهن ته هن چين آمريڪا، برازيل، يورپي يونين، ڪيمرون، ڪينيڊا ۽ ارجنٽائن جي عملدارن ۽ ٻين ميمبر ملڪن جي نمائندن سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ صلاح مشورا ڪيا، ڪانفرنس ۾ شريڪ ملڪن اتفاق راءِ جي سلسلي ۾ پاڪستان جي ڪوشش جي واکاڻ ڪئي، پاڪستان جو وفد اڄ آچر تي پڻ ڊبليو ٽي او ڪانفرنس تحت ڳالهين ۾ شريڪ رهندو.

بقايا 38 منظوري ڏئي ڇڏي

نظام کي بهتر بنائڻ ۽ ساموندي حيات جي تحفظ لاءِ قانون ۾ ترميم ڪئي وئي، سنڌ فشريز ترميمي بل جي تحت پڇڪڙين تي لاڳو ڪيل .ڏنڊن ۾ پڻ اضافو ڪيو ويو آهي جڏهن ته بنا لائسنس جي ماهيگري ڪندڙن جي خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، ماهيگيري قانونن جي ڀڃڪڙي تي هڪ لک سنڌ جي .رپيه ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو گورنر چيو ته بندش پيل جار استعمال ڪرڻ ۽ غير قانوني شڪار ڪرڻ تي ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪيا ويندا جڏهن ته مڇي مارڻ جي قانونن جي ڀڃڪڙي رپين تائين ڏنڊ 100,000 ڪرڻ تي مقرر ڪيو ويو آهي، گورنر چيو ته لائسنس کان سواءِ پروسيسنگ پلانٽ رپين 50,000 يا ڪارخانو هلائڻ تي تائين ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو، غير قانوني مڇي خريد ڪرڻ، وڪڻڻ ۽ واپار ڪرڻ وارن خلاف به ڪارروائي انهي کان علاوه .ڪئي ويندي ماحولياتي آلودگي پيدا ڪرڻ ۽ ڪارخاني جي گدلاڻ کي پاڻي ۾ .ڇڏڻ تي به ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو

بقايا 39 مذمت

ايراني حملن جي مذمت ڪئي وئي زيلنسڪي يوڪرين ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ دفاعي معاهدي کان پوءِ ابوظهبي پهتو جتي هن اعليٰ اماراتي عملدارن سان ڳالهين کان پوءِ .يوڪريني ماهرن سان ملاقات ڪئي يوڪريني صدر زيلنسڪي قومي دفاعي ماهرن جي خدمتن جي تعريف ڪئي يو اي اي سيڪيورٽي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ اماراتي هوائي حدن کي وڌيڪ محفوظ بڻائڻ لاءِ نئين حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي بحث ڪيو ويو

بقايا 40 مطالبو رد

بلوچستان حڪومت جو قومي 256 اسيمبلي جي تڪ اين اي خضدار جي ضمني چونڊن ۾ واڌ جو .مطالبو رد ڪري ڇڏيو آهي بلوچستان حڪومت طرفان تڪ اين اي جي چونڊن جي تاريخ ۾ واڌ 256 جي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي خط لکيو ويو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته خضدار ۾ امن امان جو 256 اين اي مسئلو آهي انهي ڪري چونڊن جي پر هاڻ .تاريخ ۾ واڌ ڪئي وڃي ذريعن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن تاريخ ۾ واڌ جو بلوچستان حڪومت جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن جي ذريعن .آهي خضدار ۾ ضمني 256 موجب اين اي تي شيڊول 2026 اپريل 5 چونڊون آهن اها سيٽ بي اين پي مينگل جي سربراهه اختر مينگل جي اسيمبلي .تان استعيفيٰ کان پوءِ خالي ٿي هئي

بقايا 41 معاهدو طئي

ريزيلينس اينڊ سسٽين ايبلٽي ڪروڙ ڊالرن تائين 21 فيلسٽي تحت اداري جو چوڻ .پهچ حاصل ٿيندي آهي ته ٻنهي پروگرامن تحت ارب ڊالرن 4.5 مجموعي ادائيگيون آءِ ايم ايف .تائين پهچي وينديون موجب پاڪستان حڪومت مالي خسارو گهٽ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، مهانگائي ڪنٽرول ۾ آهي، جڏهن ته ٽيڪس نظام ۾ سڌارا جاري آهن ۽ معيشت بهتري ڏانهن وڃي رهي .آهي

بقايا 42 استعمال

مار ڪندڙ ميزائل فائر ڪرڻ جي ميڊيا رپورٽ .دعويٰ ڪئي آهي موجب، حزب الله پهريون پيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل حزب الله جو .استعمال ڪيو آهي ڪلاڪن 24 چوڻ آهي ته گذريل کان 80 دوران اسرائيلي فوج خلاف .وڌيڪ ڪارروائيون ڪيون ويون آهن

بقايا 43 بيڙو

بردار بحري بيڙو "يو ايس ايس جارج ايڇ ڊي بيٽ" وچ اوڀر ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو آهي، ٻئي پاسي، پاڪستان جي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن سان اهم ملاقات جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان ڳالهين ۽ نئين "ڊيل" جي اميد ظاهر ڪئي آهي. ٽرمپ دنيا جي سڀ کان وڏي جهاز بردار سامونڊي ٻيڙي تي ايراني حملي جي تصديق ڪري ڇڏي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي جهاز بردار سامونڊي ٻيڙي جيرالڊ تي ايراني حملي جي تصديق ڪندي چيو آهي ته ايران دنيا جي سڀ کان وڏي جهاز بردار ٻيڙي کي 17 مختلف رخن کان نشانو بڻايو. ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ هو ته ايران جو حملو ڏاڍو شديد هو، جهاز تي موجود ماڻهو جان بچائڻ لاءِ ڀڄڻ لڳا. يمني حوثين جو والاريل اولهندي ڪناري ۾ اسرائيلي فوجي ٽاڪن تي حملو يمن جي حوثي گروپ چيو آهي ته هنن اسرائيل تي بيلسٽڪ ميزائلن سان حملو ڪيو جنهن ۾ والاريل اولهندي ڪناري جي ڏاکڻن علائقن ۾ اسرائيلي فوجي ٽاڪن کي نشانو بڻايو ويو. حوثي گروپ جو چوڻ آهي ته حملو لبنان، ايران، عراق ۽ فلسطين ۾ شهرين جي شهادت ۽ بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ جي ردعمل ۾ ڪيو ويو آهي، هدف حاصل ٿيڻ تائين ڪارروائيون جاري رهنديون. حزب الله طرفان اسرائيل خلاف پهريون پيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل جو استعمال عرب ميڊيا موجب، لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله بيروت ۾ اسرائيلي جنگي جهاز تي زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل فائر ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ميڊيا رپورٽ موجب، حزب الله پهريون پيرو زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل استعمال ڪيو آهي. حزب الله جو چوڻ آهي ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران اسرائيلي فوج خلاف 80 کان وڌيڪ ڪارروائيون ڪيون ويون آهن. ايران اسرائيل تي ڪلسٽر بمن جو مينهن وسائي ڇڏيو. ڪويت ۾ آمريڪا جا 6 بحري جهاز تباهه ڪرڻ ۽ دبئي جي ساموندي ڪناري ۽ هوٽل تي حملا ڪري ڪيترن آمريڪي فوجين کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. روسي ميڊيا موجب، تل ابيب ۾ گهڻ ماڙ عمارتن کي نشانو بڻايو پيو وڃي، ميزائل اسرائيلي فضا ۾ داخل ٿيندي ئي سائرن وڄڻ لڳا، جنهن ڪانپوءِ ماڻهو شيلٽرز ۾ وڃڻ تي مجبور ٿي ويا. اسرائيل ڪلسٽر بمن جي حملي ۾ هڪ ڄڻي جي مارجڻ ۽ ٻن زخمين جي تصديق ڪئي آهي. ايراني ميڊيا موجب، ڪويت جي الشويخ بندرگاهه تي آمريڪا جي ڇهن ٽيڪٽيڪل جهازن کي نشانو بڻايو ويو. ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته 3 جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي ويا جڏهن ته ٻيا 3 سڙي رهيا آهن. پاسداران انقلاب موجب "وعده صادق 4" آپريشن تحت دشمن تي حملي جي 84 هين لهر ۾ دبئي جي ساموندي پٽي ۽ هڪ هوٽل ۾ آمريڪي اهلڪارن کي آپگهاتي ڊرونز ذريعي نشانو بڻايو ويو. ايراني اختيارين موجب، ٻنهي حملن ۾ ڪيئي آمريڪي فوجي مارجي ويا آهن. سعودي عرب جي علائقي الخرج ۾ پرنس سلطان ايئربيس کي به نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، جتي ري فيولنگ ۽ ايئرسپورٽ فليٽ کي هدف بڻايو ويو. ايران جو سعودي عرب ۾ پرنس سلطان ايئربيس تي ميزائل حملو، ڪيترن آمريڪي ري فيولنگ جهازن کي نقصان ايران سعودي عرب جي پرنس سلطان ايئربيس تي ميزائل حملو ڪيو آهي. آمريڪي ميڊيا موجب، هن حملي ۾ آمريڪا جا ڪيترائي ري فيولنگ جهاز متاثر ٿيا.هڪ آمريڪي عهديدار ٻڌايو ته ايراني حملي۾ 12 آمريڪي فوجي زخمي ٿيا، جن مان 2 جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي.ٻئي پاسي ايراني ٽي وي موجب 3 ڪنٽينر جهازن جي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي. ايراني نيوي موجب، مختلف ملڪن جا 3 ڪنٽينر جهاز واپس موٽايا ويا آهن

بقايا 44 اسپتال

4 ،ٻارڙيون 3 موجب زخمين ۾ اطلاع .مرد شامل آهن 2 عورتون ۽ ملندي ئي ڇيپا جون ايمبولينسز واقعي واري هنڌ پهچي ويون جن زخمين کي فوري طور تي سول .اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو پوليس موجب متاثر خاندان شادي جي تقريب مان واپس گهر وڃي رهيو هو ته رستي ۾ گاڏي ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، سمورا زخمي ماڻهو خدا داد ڪالوني جا رهواسي ٻڌايا پيا شروعاتي جاچ موجب باهه جو .وڃن امڪاني سبب شارٽ سرڪٽ قرار ڏنو پيو وڃي پر واقعي جي وڌيڪ .جاچ جاري آهي

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 29 مارچ 2026ع

اسرائيل جي وجود لاءِ خطرو
بڻجي ويل ايران جنگ

فريد احمد



ايران سان جنگ نہ رڳو آمريڪا لاءِ دفائي ۽ معاشي بحرانن جو سبب بڻجي رهي آهي، پر حزب الله ۽ حوثي باغين جي حملن سبب اسرائيل جي وجود لاءِ پڻ واضح خطرا پيدا ٿي ويا آهن. آمريڪا ۽ اسرائيل گذريل سال جڏهن ايران تي حملو ڪيو هو تہ 12 ڏينهن جي جنگ ۾ هنن دعويٰ ڪئي هئي تہ نہ رڳو ايران جا ائٽمي اثاثا تباهہ ٿي ويا آهن، پر ان جي ٻين فوجي صلاحيتن کي بہ سخت نقصان پهتو آهي. ساڳي وقت، ايران اسرائيل تي 12 ڏينهن تائين ميزائل فائر ڪيا، جنهن مان اندازو لڳايو ويو هو تہ اسرائيل تي ايترا ميزائل فائر ڪرڻ سان ايران جو ميزائل ذخيرو گهٽجي ويو آهي ۽ ايران هاڻي ٿوري وقت ۾ ساڳي تعداد ۾ ميزائل ٻيهر تيار نہ ڪري سگهندو. پر هاڻي 28هين فيبروري کان ايران سان سندن جنگ کي چار هفتا گذري ويا آهن. ايران جا حملا شدت سان جاري آهن. ان باوجود آمريڪا ۽ اسرائيل اڃا تائين ساڳي دعويٰ ڪري رهيا آهن تہ ايران جي فوجي صلاحيت ختم ٿي وئي آهي. جڏهن تہ زميني صورتحال مختلف آهي، ايران نہ رڳو روزانو اسرائيل ۽ نار وارن ملڪن تي لڳاتار هڪ ئي وقت ۾ ڪيترائي ميزائل ۽ ڊرون فائر ڪري رهيو آهي، ايتري قدر جو ايراني ميزائل اسرائيل جي جديد دفاعي نظام کي بہ ڪنگهڻ بنا ڪاميابيءَ سان نشاني تي نقصان پهچائي رهيا آهن. جنهن تي اولهہ ملڪن جي ميڊيا پڻ حيرانگيءَ جو اظهار ڪري رهي آهي. واشنگٽن پوسٽ جي هڪ رپورٽ موجب ايراني ميزائل اسرائيلي هوائي دفاعي نظام کي چيري پنهنجي نشاني تي لڳي رهيا آهن، جنهن ڪري اسرائيلي دفاعي ميزائل نظام بابت سوال اٿاريا پيا وڃن ۽ اسرائيل جي ڪمزوري ظاهر ٿي چڪي آهي.

21 مارچ واري رات جڏهن ايراني ميزائلن سڌو سنئون ٻن شهري علائقن رمات ۽ ڊيمونا کي نشانو بڻايو. جنهن ۾ ڪيترين ئي عمارتون تباهہ ٿي ويون ۽ اختيارين موجب 115 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا، جن مان 11 جي حالت نازڪ آهي. ڊيمونا جي هڪ رهواسي، جنهن سڄو منظر ڏٺو، چيو تہ اسرائيل جي جديد دفاعي نظام تان اسان جو اعتماد هاڻي ختم ٿي ويو آهي. بهرحال! اسرائيلي فوج وضاحت نہ ڪري سگهي تہ رمات ۽ ڊيمونا ۾ دفاعي ميزائل نظام ۾ ڪهڙي خرابي هئي، پر انهن حملن کان پوءِ سوال اٿاريو پيو وڃي تہ ڇا اسرائيل جا ميزائل گهٽجي ويا آهن؟ ۽ عملدارن ۾ اهو خوف ٻيهر پيدا ٿيو تہ ڊگهي عرصي تائين اهم هنڌن جي حفاظت لاءِ ميزائلن جي ضرورت پوندي، ڇو تہ ڊيمونا ائٽمي مرڪز آهي ۽ اسرائيل جي حساس هنڌن مان هڪ آهي. ڊيمونا تي حملي کان پوءِ ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف جو چوڻ هو تہ "ڊيمونا جهڙي محفوظ جاءِ تي ميزائل حملو روڪڻ ۾ اسرائيلي ناڪامي جنگ جو نئون موڙ آهي، اسرائيل جون هوائي حدون هاڻي غير محفوظ ٿي ويون آهن". واشنگٽن پوسٽ جي ان رپورٽ موجب اسرائيلي سيڪيورٽي عملدارن جو خيال آهي تہ گذريل سال جون ۾ 12 ڏينهن جي جنگ دوران ايران جي ميزائل جو ذخيرو تمام گهٽجي ويو هو، اندازن 3000 کان گهٽجي 1500 ٿي ويو هو، پر ايران جلد ئي ميزائل تيار ڪرڻ جي صلاحيت ٻيهر حاصل ڪري ورتي ۽ موجوده جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ، ايران وٽ لڳ ڀڳ 2500 ميزائل هئا. اها اهڙي رفتار جيڪا اسرائيلي سيڪيورٽي عملدارن لاءِ پريشاني جو سبب آهي، ڇو تہ اسرائيلي دفاعي نظام 3000 کان 5000 ميزائلن کي برداشت نٿو ڪري سگهي ۽ ايران شايد هڪ سال ۾ هن انگ کي پار ڪري چڪو هجي. اسرائيلي عملدارن جو چوڻ آهي تہ اسرائيل جو دفاعي نظام توقع مطابق ڪم ڪري رهيو آهي، پر ڪو بہ نظام 100 سيڪڙو اثرائتو ناهي هوندو.

رپورٽ موجب اسرائيل جو گهڻ تهن وارو هوائي دفاعي نظام دنيا جي بهترين دفاعي نظامن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي، هر تهہ کي هڪ خاص قسم جي خطري لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. آئرن ڊوم ايندڙ راڪيٽن کي روڪي ٿو. ڊيوڊ جي سلنگ وچولي ۽ ڊگهي فاصلي جي ميزائلن کي روڪي ٿو. جڏهن تہ ايرو 2 ۽ ايرو 3 ڊگهي فاصلي جي بيلسٽڪ ميزائلن لاءِ تيار ٿيل نظام آهن. ان کانسواءِ آمريڪي فوج جو ٿاڊ سسٽم پڻ اسرائيلي دفاع لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان باوجود ايراني ميزائل اسرائيل ۾ تباهي مچائي رهيا آهن.

عملدارن موجب ايراني ميزائل روڪڻ مهانگو پڻ ثابت ٿي رهيو آهي، ڇو تہ هڪ ايرو ميزائل جي قيمت لڳ ڀڳ 300,000 ڊالر آهي، هڪ ڊيوڊ سلنگ ميزائل جي قيمت لڳ ڀڳ 700,000 ڊالر آهي، جڏهن تہ آئرن ڊوم 50,000 کان 70,000 ڊالر جو ميزائل فائر ڪري ٿو. جڏهن تہ ٿاڊ انٽرسيپٽر جي قيمت لڳ ڀڳ 15 ملين ڊالر آهي. آمريڪي اختيارين جو چوڻ آهي تہ ايران تي حملي جي پهرين ٻن ڏينهن ۾ 5.6 ارب ڊالر جا هٿيار استعمال ڪيا ويا. رپورٽ موجب، پنهنجي ميزائل ناهڻ جي صلاحيتن تي حملن باوجود ايران مختلف رينج وارا ميزائل ڏيکاري خوف پکيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. 20 مارچ تي ايران هندي سمنڊ ۾ ڊياگو گارسيا ٻيٽ تي ميزائل فائر ڪيا، جتي آمريڪا ۽ برطانيہ جا اڏا آهن. هن حملي يورپ ۾ پڻ خدشا پيدا ڪيا. يورپي رد عمل جو جواب ڏيندي، هڪ اسرائيلي فوجي ترجمان جو چوڻ هو تہ ايران هڪ ميزائل فائر ڪيو آهي جنهن جي رينج لڳ ڀڳ 4,000 ڪلوميٽر آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ايران وٽ واقعي ڊگهي رينج جا ميزائل آهن تہ ان سان آمريڪا ۽ نيٽو اتحادين لاءِ خطرو وڌي ويو آهي.

آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ سينٽر فار اسٽريٽجڪ اينڊ انٽرنيشنل اسٽڊيز ۾ ميزائل ڊفينس پروجيڪٽ جي ڊائريڪٽر ٽام ڪروڪ مطابق ايران ۾ اهڙيون صلاحيتون ٿي سگهن ٿيون جيڪي هن اڃا تائين ظاهر نہ ڪيون آهن. ايران خلائي لانچ گاڏيون ناهي رهيو آهي، جن کي ميزائل جو ڍانچو چئي سگهجي ٿو. "جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪا ننڍڙي شيءِ بہ خلا ۾ موڪلڻ جي صلاحيت آهي تہ پوءِ اهو پڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اهو 2,000 ميلن کان وڌيڪ پري تائين ڊسڻ جي صلاحيت بہ رکندو هجي" يعني آمريڪي ۽ اسرائيلي عملدارن جو خيال آهي تہ ايراني ميزائل اسرائيل جي ملٽي ليئرڊ دفاعي نظام کان بچي هدفن کي نشانو بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيا آهن. جنهن ۾ اسرائيل جي ائٽمي سهولتن جي ويجهو ميزائل حملا شامل آهن. ڊيمونا کي گذريل ڏينهن ٻيهر نشانو بڻايو ويو. ساڳي طرح ايراني ميزائلن گذريل ڏهاڙي تل ابيب ۽ مختلف شهرن ۾ نقصان پهچايو. ايراني ميڊيا موجب، ريب سيمونز ۾ ايراني ميزائلن وڏي تباهي آندي. اسرائيل جي ساحلي شهر حيفا طرف ڊرون پڻ لانچ ڪيا ويا ۽ ڪيترن ئي اهم نڪاتن کي نشانو بڻايو ويو. ايران اڃان تائين آمريڪا جي جنگي جهازن کي نشانو بڻائيندو رهي ٿو، جنهن جي تصديق اولهہ جي ميڊيا پڻ ڪندي رهي ٿي، جنهن ڪري آمريڪا گهڻي حد تائين بيوسي محسوس ڪري رهيو آهي. اسرائيل ۾ ڇهن هفتن کان هلندڙ هن جنگ جي ڪري عام زندگي سخت متاثر ٿي آهي. ماڻهن جا ڪاروبار بند آهن. وقت بوقت ايران کان ايندڙ ميزائلن سبب سائرن گونجڻ بعد شهري پناهگاهن جي ويجهو رهڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. ۽ سندن برداشت ختم ٿي رهي آهي. اها عام ڳالهہ آهي. مون کي لڳي ٿو تہ هن طرح رهڻ تمام ڏکيو آهي. ڇهن هفتن کان جاري هن جنگ جي ڪري، اسرائيل ۾ عام زندگي سخت متاثر ٿي آهي. ماڻهن جا ڪاروبار بند آهن. ڪربين ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي. وقت بوقت ايران کان اسرائيل تي ميزائل فائر ڪيا ويندا آهن. پوءِ آس پاس جي علائقن ۾ سائرن گونجندا آهن، جنهن جي ڪري اسرائيلي شهري هر وقت پناهگاهن جي ويجهو رهڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. انهن کي رهڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي برداشت آهستي آهستي جواب ڏئي رهي آهي.

لبنان واري پاسي کان اسرائيل تي ايران جي حامي مليشيا حزب الله جا حملا تيز ٿي ويا آهن. اتر اسرائيلي شهر مارگليوٽ جي ميئر ميڊيا آڏو پار ڪيدي جذباتي لهجي ۾ چيو تہ "حزب الله جي حملن شهر ۾ وڏي تباهي مچائي آهي. سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي چڪو آهي ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ڪو بہ ملڪ اسرائيل جي حمايت ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي. حزب الله جي اتر اسرائيل تي مسلسل راڪيٽ حملن سبب وڏي تعداد ۾ ماڻهو لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن. اسرائيلي وزيراعظم بنجمن نتنياهو طرفان شهرين کي پنهنجن علائقن ۾ رهڻ جي اپيل جي باوجود، مقامي حڪومتي نمائندن حڪومت جي پاليسين تي سخت تنقيد ڪئي آهي ۽ سيڪيورٽي ناڪامين تي سوال اٿاريا آهن. اسرائيلي فوج پڻ سخت دٻاءَ هيٺ آهي. چيف آف اسٽاف ليفٽيننٽ جنرل ايال ضمير خبردار ڪيو آهي تہ فوج کي افرادي قوت جي کوٽ، ٿڪاوٽ ۽ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي محاذن تي ويڙهہ جي ڪري ڪمزور ڪيو پيو وڃي. رپورٽن موجب، فوج وٽ هزارين اهلڪارن جي کوٽ آهي. انهن حالتن ۾، اسرائيلي حڪومت تي اندروني دٻاءُ وڌي رهيو آهي، ۽ مخالف ڌر پڻ سخت تنقيد ڪري رهي آهي تہ فوج کي مختلف محاذن تي اثرائتي حڪمت عملي کان سواءِ ڌڪيو ويو آهي.

ٻئي طرف يمن جي حوثي باغين پڻ اسرائيل تي حملا شروع ڪري ڏنا آهن، جنهن ڪري اسرائيل ٻاهران ٿيندڙ حملن ۽ اندروني بي چيني جي طوفان کي منهن ڏئي رهيو آهي. رزرو فورس جي هڪ لک اهلڪارن ڊيوٽي تي اچڻ کان انڪار ڪيو آهي. فوجين سميت لکين ماڻهو اسرائيل ڇڏي ويا آهن. اسرائيل ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿيڻ واري حالت کي منهن ڏئي رهيو آهي، جڏهن تہ آمريڪا ۾ بہ صدر ٽرمپ تي سخت تنقيد ٿي رهي آهي تہ هن اسرائيل جي جنگ ۾ لهي نہ رڳو ملڪ جو وڏو مالي نقصان ڪيو آهي، پر عالمي سطح تي ان جي اثر ۽ وقار کي پڻ ڇيهو رسايو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو جنگ مان نڪرڻ لاءِ ايران کي اڻ سڌي طرح منٿون ڪري رهيو آهي. ڌمڪيون ڏئي پوئتي هٽي رهيو آهي. سندس ماضيءَ جا اتحادي ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن ۽ سموري دنيا هن جو تماشو ڏسي رهي آهي. هن پاڪستان معرفت ايران سان ڳالهيون ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. ٻئي پاسي ايران آهي، جيڪو لڳاتار حملا ڪري رهيو آهي، هن جا ڪلسٽر ميزائل اسرائيل لاءِ تباهيءَ جو سامان بڻجي رهيا آهن. اولهہ جي دانشورن ۽ دفاعي تجزيا نگارن چوڻ شروع ڪيو آهي تہ ايران جنگ کٽي رهيو آهي. ٻئي طرف اهي بہ خدشا آهن تہ ايران ائٽمي تجربو ڪري جنگ جي نتيجي جي آخري سٽ رقم ڪري ۽ آمريڪا صبر جو زهريلو ڍڪ پيري شڪر ادا ڪري پوئتي هٽي وڃي. نتيجي ۾ هرمز جي سامونڊي لنگهہ وٽان هميشہ لاءِ ايران ٽول ٽئڪس اوڳاڙڻ شروع ڪري ۽ گڏوگڏ فلسطين ۽ لبنان جي عوام کي ڪو تاريخي رليف بہ ملي وڃي.

NEEDS NOT WAR W/ IRAN
ANSWERCOALITION.ORG
NO NEW US WAR IN THE MIDDLE EAST
STOP
NO NEW US WAR IN THE MIDDLE EAST
PARTY FOR SOCIALISM & LIBERATION

مورو سانحي جي اسيرن جي آزادي لاءِ 14هين ڏينهن بہ وارثن جو احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

معصوم ٻارڙن ۽ نياڻين پارن پنهنجا هٿ لوهي زنجيرن سان ٻڌي پنهنجن ٻي ڏوهي پيارن جي آزادي جي گهر

اسان 14 ڏينهن کان مسلسل پنهنجن پيارن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون پر حڪمرانن جا ڪن ۽ اکيون بند آهن: مظاهرين

مظلوم ماڻهن، ٻارڙن ۽ نياڻين جون درد ڀريون دانهون رنگ لائينديون حڪمرانن جي ظلم جو خاتمو ٿيندو انصاف نيٺ ملندو

مورو مورو سانحي جي اسيرن جي آزادي لاءِ 14هين ڏينهن بہ وارث احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

مورو(ن ع) مورو سانحي جي اسيرن جي آزادي لاءِ 14هين ڏينهن بہ وارثن امڙين ڀينرن ڀائرن ٻچن نياڻين شهرين وڪيلن مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو معصوم ٻارڙن نياڻين پنهنجا هٿ لوهي زنجيرن سان ٻڌي پنهنجن ٻي ڏوهي پيارن جي آزادي جي گهر ڪئي ۽ زنجيرن سان ٻڌل هٿ مٿي ڪري حڪمرانن کي پٽون پاراتا ڏنا هنن معصوم نياڻين ٻارڙن جي هٿن ۾ ڪتاب هجڻ اسڪول ۾ هجڻ پر هو روڊن رستن تي 13 ڏينهن کان ويٺل آهن هٿن ۾ زنجيرون پاتل اٿن ڏهن مهينن کان ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ بيگناهہ اسيرن جي وارثن پيرسن والدين امڙين قبران لغاري ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي محسن علي رستماڻي ايڊووڪيٽ اسرار احمد ٻٽي نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو وسيم سجاد لغاري نياڻي فرحانہ لغاري ۽ ٻين چيو تہ اسان 14 ڏينهن کان مسلسل پنهنجن پيارن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون پر حڪمرانن جا ڪن ۽ اکيون بند آهن عدالتون خاموش آهن مظلوم ماڻهن ٻارڙن ۽ نياڻين جون درد ڀريون دانهون رنگ لائينديون حڪمرانن جي ظلم جو خاتمو ٿيندو هنن چيو تہ 60 بيگناهہ قيدي هاري پورهيت مزدور استاد شاگرد دڪاندار پوليس اهلڪار پيرسن ماڻهو ڏهن مهينن کان قيد آهن انهن جو ڪيس بہ نٿو هلايو وڃي عدالت ۾ بہ پيش نٿا ڪن ضمانتون بہ ڏيڻ نٿا ڏين ملاقاتون بہ بند آهن سنڌ حڪومت جو سڄو توجهہ مورو سانحي جي بيگناهہ اسيرن تي آهي هنن سپريم ڪورٽ اسلام آباد جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي چيف جسٽس ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن ادارن ۽ سنڌ جي سنڌ دوست وڪيلن قومپرست تنظيمن جي اڳواڻن کي پر زور اپيل ڪئي آهي تہ مورو سانحي جي بيگناهہ اسيرن جي آزادي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن مظلومن جو ساٿ ڏين ۽ سنڌ جي حڪمرانن جو جبر بربريت ڏاڍ ظلم ختم ڪرائين اسان جو احتجاج پنهنجن پيارن جي آزادي تائين جاري رهندو

ننگرپارڪر واسي بزرگ جوڙي جو ڏگهڙي ۾ احتجاج

پٽ، ننهن ۽ پوٽي تي بااثر ماڻهن مبينا تشدد ڪيو آهي: شير خان

بااثر ماڻهن جون زمينون سندن ڇوڙاري آهن ۽ اهي چاهين ٿا تہ اسان اتان نہ گذرون

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پريس ڪلب آڏو ننگرپارڪر واسي بزرگ جوڙي جو پٽ، ننهن ۽ پوٽي تي بااثرن پاران مبينا تشدد خلاف احتجاج تفصيل موجب ننگر پارڪر جي ڳوٺ ڪپليون صوفي شير خان جي ڍاڻي جا رهواسي بزرگ صوفي محمد شير خان فقير پنهنجي زال سان گڏ ڏگهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي موقف اختيار ڪيو تہ انهن جي پٽ هن جي ننهن ۽ پوٽي تي بااثر ماڻهن مبينا تشدد ڪيو آهي هنن الزام لڳايو تہ پوليس اهلڪار اي ايس آءِ علي خان جي اڪساهہ تي اسحاق مجنون اشرف مجنون گل محمد جعفر محمد شريف مجنون فريد مجنون ۽ ٻين سندن پٽ نور حسن سندس ننهن شهناز ۽ پوٽي شميلا تي تشدد ڪيو هنن وڌيڪ چيو تہ انهن بااثر ماڻهن جون زمينون سندن ڇوڙاري آهن ۽ اهي چاهين ٿا تہ اسان اتان نہ گذرون ۽ پنهنجي زمينون وڪڻي هليا وڃون هنن ٻڌايو تہ سندن پٽ کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي ۽ لاڳاپيل انتظاميا ڪا بہ داد رسي نہ ٿي ڪري بزرگ مائٽ پيءُ ڊي آءِ جي ميرپورخاص، ايس ايس پي ٿرپارڪر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان انصاف جي اپيل ڪئي آهي.

0300-3300786

ڏگهڙي تنگرپارڪر واسي بزرگ جوڙو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ملڙائو ڪئنال جي واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي چوري وڌي وئي: حاجي زاهد نون

نفيس نگر(ن ع) ڪٽيءَ جي پوکائي وارو عمل شروع ٿيڻ ۽ ملڙائو ڪئنال توڙي شاخن جا منڍ وارا واٽر ڪورس ڪٽڻ وارو عمل تيز ٿيڻ ۽ اهڙي معاملي جون ميڊيا تي خبرون اچڻ بعد آبادگار اڳواڻ حاجي زاهد نون پنهنجو وڊيو بيان جاري ڪندي ٻڌايو تہ پوکائي وارو عمل ٿيندي ئي منڍ جي ڪٽل وارن جون شڪايتون اچڻ شروع ٿي ويون آهن تازو پيان شاخ جو منڍ وارو ڏڪو لکين رپين جي رشوت عيوض ٽوڙايو ويو آهي ۽ گڏوگڏ ڏڙيلو شاخ جي ٽيل وارا واٽر ڪورس ٽوڙائي ڪين ريڪر ۾ غيرقانوني رعايتون ڏنيون ويون آهن ايم ڊي سيڊا ڊائريڪٽر نارا ڪئنال فوري طور معاملي جو نوٽيس وٺي غيرقانوني رعايتون بند ڪرائي آبادگارن سان انصاف ڪن

حيدرآباد جي پراڻي وحدت مان 12 ڏينهن اڳ پراسرار لاپتہ ذهني معذور ناري جو پتو نہ پيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي پراڻي وحدت مان 12 ڏينهن اڳ پراسرار لاپتہ ذهني معذور ناري جو پتو نہ پيو وارث پريشان حيدرآباد جي پراڻي وحدت ڪالوني قاسم آباد مان 17مارچ تي گهران نڪري پراسرار گم ٿي ويل 18ورهين ذهني معذور ناري ڪنزڪلثوم ڌي مختيار حسين رند جو پتو پئجي نہ سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ نينگري جي پيءُ مختيار حسين رند ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ٻاهران دانهيندي چيو تہ سندس ڌي ڪنيز ڪلثوم 17مارچ 2026 کان پراسرار گم آهي حد جي ٿاڻي تي اطلاع داخل ڪرائڻ باوجود پتو پئجي نہ سگهيو آهي. هن چيو تہ سندس ڌي جو ذهني توازن درست نہ آهي ڌي جي گمشدگي سبب سمورا گهر ڀاتي

يوسي چيئرمين اورنگزيب جهيجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: فهميده راجپوت

منهنجي مڙس عبدالسلام عرف سلامو راجپوت ۽ پٽن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن

يوسي چيئرمين ۽ ان جي ماڻهن مان اسان کي جاني ۽ مالي خطرو پيدا ٿي ويو آهي: پريس ڪانفرنس

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد تعلقي ڀهراڙي جي ڳوٺ جهندو ڪوسو جي رهواسڻ فهميده زال عبدالسلام راجپوت ڪالهہ پنهنجي ٻارن سوڌو حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي تہ يونين ڪائونسل 70 جي چيئرمين اورنگزيب جهيجو پنهنجي ماڻهو

ارمان راجپوت تي پوليس ذريعي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن. منهنجا پٽ اسڪول ۾ پڙهندا آهن. جڏهن تہ مڙس ڪوڙي ڪيسن ۾ جيل حوالي آهي. هن چيو تہ يوسي چيئرمين ۽ ان جي ماڻهن مان اسان کي جاني ۽ مالي خطرو پيدا ٿي ويو آهي ۽ اسان جون حياتيون پڻ خطري

ٿرپارڪر جي ڳوٺ وڪڙيو واسڻ جو ميرپورخاص ۾ احتجاج

ڀاءُ ۽ ڀاڄائي پاران لکين روپين جي ماليت جا سونا زيور ڪنيا آهن: راڌي ميگهواڙ

موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن هٿيارن جي زور تي گهر مان بي دخل ڪري ڇڏيو آهي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ڀاءُ ۽ ڀاڄائي پاران لکين روپين جي ماليت جا سونا زيور ڪنيا آهن زيورن جي گهر ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن هٿيارن جي زور تي گهر مان بي دخل ڪري ڇڏيو آهي اهڙو اظهار ٿرپارڪر جي ڳوٺ وڪڙيو واسڻ عورت راڌي ميگهواڙ پنهنجي مڙس سومجي ۽ ٻارن سان گڏ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو عورت چيو تہ منهنجي ڀاءُ ڪرمون جو پٽ قيمت ميگهواڙ جنهن جو اسلام ڪوٽ ۾ دڪان آهي ڪجهہ عرصو اڳ مون وٽ آيو چيائين تنهنجا زيور ڏي جيڪي بينڪ ۾ رکي پيسا ڪڍان ٿو ڪجهہ ڏينهن اندر زيور واپس ڏيندس مون لکين روپين جي ماليت جا سون ۽ چاندي جا زيور ڪيس ڏنا جيڪي واپس نہ ڏئي رهيو آهي زيور واپس گهرڻ تي مونکي ڪٽنب سميت مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ سميت مختلف طريقن سان حراسان ڪري رهيو آهي حد جي پوليس کي شڪايت ڪرڻ باوجود ڪو بہ تدارڪ نہ ٿيو آهي اسان کي گهر مان بي دخل ڪري ڇڏيو آهي خوف سبب دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهيون متاثر عورت ۽ سندس مڙس واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو تہ معاملي جو نوٽس وٺي ڪين زيور واپس ڏياري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص ٿرپارڪر جي ڳوٺ وڪڙيو واسڻ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺ فضل محمد ٽالپر جي رهواسين جو مظاهرو

گهٽي تي قبضي ۽ بااثر جي ڌاڙائين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار(ن ا) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ فضل محمد ٽالپر جي رهواسين پاران گهٽي تي قبضي ۽ بااثر جي ڌاڙائين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي قائم ٽالپر غلام مصطفيٰ ٽالپر دلبر ٽالپر ۽ وحيد علي ٽالپر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ اسان ڪنهن تي بہ حملو ناهي ڪيو ۽ اسان خلاف لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن هنن چيو تہ اسان جو 9 سالن کان گهٽي جي ماپري تي پنهنجي برادري جي ماڻهن گهراڻ عظيم خدا بخش پليو غلام قادر ۽ يونس وارن سان تڪرار هلندڙ آهي جن گذريل ڏينهن اسان جي گهرن تي حملو ڪيو جڏهن تہ سامهون واري ڌر موبائيل چوري جو الزام هڻي ڊرامو رچائي پريشان ڪري رهيا آهن جنهن ۾ ڪابہ صداقت ناهي هنن چيو تہ بااثر علائقي جي معززين وٽ بہ فيصلو ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ڪورٽ سگهوري پڻ ڪيس ڪوڙو قرار ڏنو آهي جڏهن تہ مقامي انتظاميا کي پڻ ڳوٺ جي رستي تي قبضي بابت ڄاڻ آهي پر هو ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن اسان پوليس وٽ بہ دانهيو پر اڄاڻ تائين پوليس ڪک پڇي ڏيڻو ناهي ڪيو ۽ بااثر موتمار ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري رهيا آهن ان لاءِ مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ڊپٽي ڪمشنر سميت ٻين وس وارن کان گهر ڪئي تہ اسان جي گهٽي تان ناجائز قبضو ختم ڪرائي بااثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

TANDO ALLAHYAR PRESS CLUB
ٽنڊوالهيار پريس ڪلب

ٽنڊوالهيار ڳوٺ فضل محمد ٽالپر جا رهواسي گهٽي تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ تيز مٽي جو طوفان

طوفاني هوائن سان علائقي ۾ ڪيترن ئي ڪڪاٿن گهرن جون ڇتيون اڏاميون

طوفان دوران حادثا پيش آيا، معجزاتي طور ڪو بہ جاني نقصان نہ ٿيو

ٽنڊومحمدخان(ن ا) ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ تيز مٽي جي طوفاني هوائن لڳڻ ڪري ڀهراڙين ۽ شهر جي علائقن ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي جڏهن انب جي باغ ڪي

جا ڪڪاٿن گهرن جون ڇتيون سولر پليٽون ڇپرا بہ هوا ۾ اڏامي ويون ٽنڊو محمد خان جي ٻلڙي شاهہ ڪريم ٽنڊو غلام حيدر ۽ ڀرپاسي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ مٽي جي

سکر چلڊرن اسپتال ۾ دوائن جي مبينہ کوٽ ۽ طبي سهولتن جي فقدان، مريض پريشان

بنيادي ۽ ضروري دوائون دستياب نہ هجڻ ڪري مريض مجبوري تحت پرائيويٽ ميڊيڪل اسٽورن تان وٺڻ تي مجبور

اسپتال ۾ ٻارن جي ماهر پروفيسر ۽ تجربيڪار اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي، دوائون بہ نٿيون ڏنيون وڃن: مريض

موجود وسيلن مطابق بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي، اختيارين کي آگاهہ ڪيو ويو آهي: اسپتال انتظاميہ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ واقع سکر چلڊرن اسپتال ۾ دوائن جي مبينہ کوٽ ۽ طبي سهولتن جي فقدان سبب مريض ٻارن جا وارث سخت پريشاني جو شڪار آهن اسپتال ايندڙ شهرين جو چوڻ آهي تہ بنيادي ۽ ضروري دوائون دستياب نہ هجڻ ڪري کين مجبوري تحت پرائيويٽ ميڊيڪل اسٽورن تان مهانگيون دوائون خريد ڪرڻيون پون ٿيون جنهن سان غريب ۽ وچولي طبقي تي مالي بار وڌي ويو آهي. مريض ٻارن جي وارثن شڪايت ڪئي آهي تہ اسپتال ۾ ٻارن جي ماهر پروفيسر ۽ تجربيڪار اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي جنهن سبب پيچيده ۽ نازڪ بيمارين جي وقت سر تشخيص ممڪن نہ ٿي رهي آهي سندن مطابق گهڻن ڪيسن ۾ صرف ايم بي بي ايس ڊاڪٽرن تي ڀاڙيو پيو وڃي، جڏهن تہ چائلڊ اسپيشلسٽن جي مناسب تعداد مقرر نہ هجڻ سبب علاج جي معيار تي سوال اٿي رهيا آهن. ذريعن موجب اسپتال ۾ اهڙا ڪيترائي ٻار اچن ٿا جن کي فوري ۽ خاص طبي سنڀال جي ضرورت هوندي آهي، پر سهولتن جي کوٽ ۽ علاج ۾ دير سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وڃي ٿي ڪجهہ وارثن الزام هنيو آهي تہ وقت سر تشخيص ۽ مناسب علاج نہ ملڻ سبب ٻارن جي اموات ۾ واڌ ٿي رهي آهي، جيڪو هڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي. ٻئي پاسي اسپتال انتظاميا جو چوڻ آهي تہ چلڊرن اسپتال ۾ روزانو ڪيترائي ايمرجنسي ڪيس اچن ٿا، جن مان ڪيترائي ٻار انتهائي نازڪ حالت ۾ آندا ويندا آهن انتظاميا موجب اهڙن مريضن کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، پر ڪڏهن ڪڏهن حالت ايتري خراب هوندي آهي جو کين بچائڻ ممڪن نہ هوندو آهي. انتظاميا وڌيڪ چيو آهي تہ موجود وسيلن مطابق بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي جڏهن تہ دوائن جي فراهمي ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي آگاهہ ڪيو ويو آهي. شهرين ۽ مريض ٻارن جي وارثن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ اسپتال ۾ فوري طور تي ضروري دوائن جي دستيابي يقيني بڻائي وڃي، ٻارن جا ماهر اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ۽ پروفيسر مقرر ڪيا وڃن ۽ طبي سهولتن کي بهتر بڻائي اسپتال جي نظام کي وڌيڪ مؤثر ۽ فعال بڻايو وڃي تہ جيئن معصوم ٻارن جون حياتيون محفوظ بڻجي سگهن.

مٽياري جي ڳوٺ الهبچايو ڳهيلو جي رهواسي معذور شخص جو حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) مٽياري جي ڳوٺ الهبچايو ڳهيلو جي رهواسي جنگهہ کان معذور طيب ڳهيلو وڏيري جي چرچ تي ڀاءُ مريد ڳهيلو کي ناحق يرغمال بڻائي وحشياڻي تشدد ۽ موتمار ڌمڪين خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو تہ سندس ڀڄائي اجنا زال مريد کي ڪجهہ عرصو اڳ اڪرم سولنگي اغوا ڪري ويو هو جنهن تي اسان وڏيري طيب ڳهيلو کي شڪايت ڪئي پر عورت واپس نہ ٿي جڏهن تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ جوابدار اڪرم سولنگي اجنا کي ڇڏي ڏنو جنهن تي وڏيري جي پاٽرن ۽ سوٽن منهنجي ڀاءُ مريد ۽ ڀڄائي اجنا کي پاڻ وٽ گهرائي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو جنهن سبب منهنجي ڀاءُ مريد جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جنهن کي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ بہ نٿو ڏنو وڃي نہ ئي ٿاڻي تي فرياد لاءِ ڇڏيو وڃي جنهن سبب منهنجو ڀاءُ ۽ اسان گهرڀاتي گهر ۾ ئي قيد آهيون. هن الزام هنيو منهنجي ڀاءُ تي تشدد ڪندڙ اجمل ڳهيلوگلزار ڳهيلوشهاب ڳهيلو ۽ وڏيرو عارف ڳهيلو ڌوهاري قسم جا ماڻهو آهن جيڪي جوابدار اڪرم سولنگي خلاف ڪارروائي ڪرائڻ بدران اسان کي قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن ايس ايس پي مٽياري کي اپيل ڪئي تہ ڄاڻايل وڏيرن جي ظلم کان بچائي تحفظ ڏنو وڃي ۽ ڄاڻايل ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي

شهدادپور شهر جي هنگورا روڊ تي پوليس جي ڪارروائي

مزدا ۾ اينداز 20 لک رپين جي ماليت جا غير ملڪي ڪسٽم چوري سگريٽ هٿ

پوليس پنجاب واسي ساجد بلوچ ۽ محمد احسان ملڪ کي گرفتار ڪري ورتو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ شهر جي هنگورا روڊ تان چيڪنگ ڪرڻ دوران پوليس ڪارروائي ڪندي ملتان کان شهدادپور مزدا ۾ اينداز 20 لک رپين جي ماليت جا غير ملڪي ڪسٽم چوري وارا چيز سگريٽن جا 280 ڪارٽونن سان ڀريل مزدا هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي 2 ڄڻا پنجاب واسي ساجد بلوچ ۽ محمد احسان ملڪ کي گرفتار ڪري ورتو مک جوابدار اياز نرپان فرار ٿي ويو ايس ايڇ او شهدادپور عمران اختر چانڊيو ٻڌايو تہ شهر جي هنگورا روڊ تي چيڪنگ ڪرڻ دوران مزدا مان 20 لکن جي ماليت جا غير ملڪي ڪسٽم چوري وارا چيز سگريٽن جا 280 ڪارٽون هٿ ڪري ڀريل مزدا سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي هڪ جوابدار فرار ٿي ويو جنهن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو اهڙو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جانچ ڪري رهيا آهيون واضح رهي تہ شهدادپور ۾ غير ملڪي ڪسٽم چوري وارن سگريٽن جو ڪاروبار ۽ وڪرو وڏي پيماني تي ڪيتري عرصي کان هلندڙ آهي

شهدادپور پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

سکر جي مختلف علائقن ۾ مڇرن جو آزار

اسپري نہ ٿيڻ سبب مڇرن جو وڌندڙ آزار شهرين لاءِ وڏو مسئلو بڻجي ويو

مڇرن جي نتيجي ۾ مليريا سميت ٻين موذي بيمارين جا ڪيس تيزي سان وڌڻ لڳا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي مختلف علائقن خاص طور تي نثار صديقي ٽائون بچل شاهہ مياڻي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مڇر مار اسپري نہ ٿيڻ سبب مڇرن جو وڌندڙ آزار شهرين لاءِ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مليريا سميت ٻين موذي بيمارين جا ڪيس تيزي سان وڌڻ لڳا آهن رهواسين موجب علائقي ۾ صفائي جي ناقص صورتحال ۽ اسپري مهم جي کوٽ سبب مڇرن جي افزائش ۾ واڌ ٿي رهي آهي جنهن ڪري ٻارن، بزرگن ۽ عام شهرين جي صحت کي سخت خطرا لاحق ٿي ويا آهن هنن ٻڌايو تہ هو ڪيترائي ڀيرا ميونسپل ڪارپوريشن جي اختيارين ۽ ميئر ارسلان شيخ کي مسئلي کان آگاهہ ڪري چڪا آهن پر ان باوجود ڪا بہ سنجيده عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي مقامي ماڻهن خدشو ظاهر ڪيو آهي تہ جيڪڏهن فوري طور تي مڇر مار اسپري نہ ڪئي وئي تہ بيماريون وڌيڪ پکڙجي سگهن ٿيون ۽ صورتحال ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي سگهي ٿي سکر جي شهرين ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي تہ هنگامي بنيادن تي مڇر مار اسپري مهم شروع ڪئي وڃي، گٽرن ۽ گندگي جي صفائي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ صحت جي سهولتن کي بہ بهتر بڻايو وڃي تہ جيئن ممڪن وبائي صورتحال کان بچي سگهجي. واضح رهي تہ گرمين جي شروعات سان گڏ سکر ۾ مڇرن جي واڌ عام ٿي ويندي آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ بروقت ۽ باقاعدہ اسپري مهم انتهائي ضروري سمجهي وڃي

سول اسپتال ملي ۾ گهوسٽ اسٽاف جي لسٽ سيڪريٽري صحت حوالي

ملي (ن-ا) سول اسپتال ملي جي ٽئين جي مقرر ٿيل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) شاهد جنجهي گذريل ڏينهن 7 ڊاڪٽر جن ۾ 3 ليڊي ڊاڪٽر بہ شامل آهن جيڪي ڪيترن ئي مهينن کان غير حاضر هئا تن جي رپورٽ سيڪريٽري صحت سنڌ کي موڪلي ڇڏي آهي تن ۾ ڊاڪٽر پنيشا (ڊبليو ايم او)، ڊاڪٽر امرتا (ڊبليو ايم او)، ڊاڪٽر ڪينا (ڊبليو ايم او)، ڊاڪٽر

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپلز پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 29 مارچ 2026ع

ڪڻڪ خريداريءَ بابت نئين پاليسي!

خبر آهي ته سنڌ جي خوراڪ کاتي ڪڻڪ جو امدادي اگهه 3500 رپيا في مڻ مقرر ڪندي پهرين اپريل کان رڳو هاري ڪارڊ رکندڙ آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪرڻ ۽ باردانو نه ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. خميس واري ڏينهن سنڌ جي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان سنڌ ڪابينا جي خوراڪ بابت ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جام خان شورو، مڪيش ڪمار چاولا ۽ گيانچند ايسراڻي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته خوراڪ کاتي هن سال 10 لک ٽن (هڪ ڪروڙ ٻورين) ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو حدف مقرر ڪيو آهي ۽ باردانو (100 ڪلو واري ٻوري) جا الڳ پئسا ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته خوراڪ کاتي هيل ڪڻڪ جي في مڻ امدادي قيمت 35 سئو رپيا مقرر ڪئي آهي، خوراڪ کاتو روايتي طور باردانو ڏيڻ بدران آبادگارن کان باردانو به خريد ڪندو، 50 ڪلو واري باچڪي (ڪٿي) جا 50 ۽ 100 ڪلو واري ٻوري جا 100 رپيا الڳ ادا ڪيا ويندا. هن چيو ته سنڌ حڪومت هيل 10 لک ٽن ڪڻڪ خريداري جو حدف مقرر ڪيو آهي. جيڪا رڳو هاري ڪارڊ تحت رجسٽرڊ ٿيل ننڍن آبادگارن کان خريد ڪئي ويندي ۽ خوراڪ کاتي پاران پهرين اپريل کان ڪڻڪ خريداري جا 109 سينٽرز قائم ڪيا ويندا. ان موقعي تي صوبائي وزيرن جو چوڻ هو ته هيل سنڌ ۾ 45 لک ٽن جو ڪڻڪ جو بمپر فصل لٿو آهي، سنڌ سرڪار رڳو 10 لک ٽن ڪڻڪ خريد ڪندي، هن چيو ته غلط تاثر ڏنو پيو وڃي ته خوراڪ کاتو بند ٿيڻ گهرجي. صوبائي وزير جو چوڻ هو ته گدامن مان ڪڻڪ چوري ڪندڙ خوراڪ کاتي جي 22 آفيسرن کي معطل، جڏهن ته 9 آفيسرن کي برطرف ڪيو ويو آهي، ڪجهه آفيسرن خلاف ڪيس هلندڙ آهن. هاري ڪارڊ رکندڙ آبادگارن جون لسٽون سنڌ بينڪ جي ويب سائيٽ ۽ خريداري مرڪزن تي موجود هونديون. ڪڻڪ ڏيندڙ کي سنڌ بينڪ سڌي ريت اڪائونٽ ۾ پئسا اماڻيندي.

سنڌ حڪومت طرفان ڪڻڪ جو امدادي اگهه 3500 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ ۽ پهرين اپريل کان رڳو 'هاري ڪارڊ' رکندڙ آبادگارن کان خريد ڪرڻ جو اعلان، ظاهري طور ته زرعي شعبي کي منظم ڪرڻ جي هڪ ڪوشش نظر اچي ٿو پر انهيءَ نظام تي ڪيترائي سوال ۽ خدشا پڻ جنم وٺي رهيا آهن خاص طور تي جڏهن سرڪار پاڻ چئي رهي هجي ته 'هن سال صوبي ۾ لڳ ڀڳ 45 لک ٽن ڪڻڪ جو بمپر فصل لٿو آهي پر ان مان رڳو 10 لک ٽن خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.' اها پاليسي هڪ پاسي هارين لاءِ ڪجهه سهولتون آڻي ٿي، جيئن باردانو جي پراڻي مسئلي کي ختم ڪري، ان جي قيمت الڳ ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ مثبت قدم آهي ماضيءَ ۾ باردانو جي کوٽ، ورچ ۾ ڪرپشن ۽ دير سبب هارين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو هو.

ان کان علاوه 45 لک ٽن پيداوار مان صرف 10 لک ٽن خريد ڪرڻ جو فيصلو پڻ سواليه نشان بڻجي ويو آهي سوال آهي ته 45 لک ٽن ڪڻڪ مان سرڪار صرف 10 لک ٽن خريد ڪري رهي آهي ته پوءِ بقايا جيڪا ڪڻڪ آهي انهيءَ جو ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن هن ڀيري به محدود خريداريءَ سبب مارڪيٽ ۾ بحران پيدا ٿئي ٿو ته ساڳيو مسئلو ٻيهر جنم وٺي سگهي ٿو بلڪ خوراڪ کاتي جي گدامن ۾ ڪڻڪ جو چوري ٿي وڃڻ ۽ ملي ملائڻ جا واقعا سامهون ايندا رهن ٿا هاري ڪارڊ ذريعي سڌي طرح بينڪ اڪائونٽ ۾ ادائيگي ڪرڻ جو فيصلو اهم قدم چئي سگهجي ٿو پر ان لاءِ به ضروري آهي ته هر هاريءَ کي بينڪنگ نظام تائين رسائي حاصل هجي. جيڪا اڃا تائين سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ هڪ وڏو چئلينج آهي. اسين سمجهون ٿا ته جيڪڏهن زرعي پاليسين ۾ توازن، شفافيت ۽ شموليت کي يقيني نٿو بڻايو وڃي ته پوءِ بمپر فصل لهڻ باوجود هاري خوشحال نه پر قرضن جي چڪيءَ ۾ ڦاسندا ۽ زرعي معيشت پنهنجن اصل مقصدن کان پري رهندي، جو ته سنڌ جهڙي زرعي صوبي ۾ هارين جو اعتماد بحال رکڻ ئي ڪنهن به پاليسيءَ جي ڪاميابيءَ جي ضمانت آهي

زيب ڪنگو جي غزلن جو مجموعو 'ديد جو درشن'

منظور ڪوسو

شاعري ڇا آهي؟ ان لاءِ مختلف دانشورن، نقادن ۽ شاعرن پنهنجا الڳ الڳ خيال بيان ڪيا آهن جنهن جيئن محسوس ڪيو تنهن تيئن اظهار ڪيو پر منهنجي خيال ۾ نقادن کان به وڌيڪ شاعر ئي سهڻي نموني ٻڌائي سگهن ٿا ته شاعري ڇا آهي انگريزي ادب جو عظيم رومانوي شاعر جنهن انساني جذبن احساسن حُسن ۽ جمال کي تمام لطيف پيرائي ۾ بيان ڪيو آهي جان ڪيٽس (31 آڪٽوبر 1795ع- 23 فيبروري 1821ع). پر افسوس جو فطرت جي حُسن ۽ انساني جذبن کي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪرڻ واري هن شاعر سان زندگي وفا نه ڪئي ۽ 25 سالن جي ننڍي عمر ۾ فوت ٿي ويو. هن شاعريءَ کي مختصر لفظن ۾ ڏاڍو سٺو بيان ڪيو آهي هو چوي ٿو:

Poetry should come as naturally as leaves to tree, if it does not come so, it "
had better not come at all."

نقاد ڪيترين ئي وضاحتون ڇو نه ڪن پر منهنجي خيال ۾ جان ڪيٽس جي هنن چند لفظن کي پهچي نه سگهندا شاعري جي وصف بيان ڪرڻ لاءِ هن کان وڌيڪ خوبصورت لفظ نه ٿا ٿي سگهن 'شاعري وڻ جي پنن جيان فطري طور خودبخود اچڻ گهرجي جيڪڏهن ائين نه ٿي اچي ته پوءِ بهتر آهي ته نه اچي' رابرٽ فراسٽ (1874ع-1963ع) به ڏاڍي سهڻي ڳالهه ڪئي آهي هن چيو آهي ته 'شاعري اُها آهي جڏهن جذبو خيال بڻجي وڃي ۽ خيال لفظن جو لباس اوڙهي وٺي' بهرحال شاعري جي دنيا به هڪ وڏو جهان آهي جتي احساس جذبا ۽ ڪيفيتون لفظن جا لباس اوڍين ٿيون ۽ اظهار ائين ٿئي ٿو جيئن سانوڻ مُند ۾ اوچتو وڏ ڦڙو وسي پئي مان ڪو نقاد ته ڪونه آهيان پر شاعري ٻڌڻ ۽ پڙهڻ مان خوب لطف اندوز ضرور ٿيندو آهيان ٿڪل ذهن کي سڪون ڏيڻ ۽ نئين قوت بخشڻ لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو ڪجهه وقت ڪنهن سٺي ۽ معياري شاعري به پڙهي اهڙي شاعري جيڪا گهڙي نه وئي هجي پر بهار مُند ۾ گونچن جيان وڻن تي خودرو ڦٽي نڪتي هجي اڄ ڪلهه سقلتا پبليڪيشن حيدرآباد طرفان ڇپيل زيب ڪنگو جو شعري مجموعو 'ديد جو درشن' منهنجي مطالعي هيٺ آهي هن شعري مجموعي ۾ به سيئي درد ۽ ڪيفيتون اظهاريل آهن ڪٿي ديد جا درشن ڪٿي پريءَ جي نهار ته ڪٿي هجر ۽ وصال جون آهون، انسانيت جا درد، ماڻهپي جو زوال ۽ ٻيو گهڻو ئي ڪجهه غزل جو اهو شعر جنهن مان لفظ ڪڍي ڪتاب جو عنوان بڻايو ويو آهي اهو ڪجهه هن ريت آهي جنهن ۾ زيب چئي ٿو ته:



روز، تنهنجي ديد جو درشن ڪيان،
روز، پنهنجي قلب کي روشن ڪيان،
هٿ چمي تنهنجي ڪجي بيعت اچي
چوٽ من منڪر وري، مومن ڪيان،

ديد، قلب، بيعت ۽ مومن ٿيڻ جو تمام خوبصورت اظهار!

منهنجي ڪافي سالن کان اِها عادت رهي آهي ته ڪو ڪتاب هٿ لڳندو آهي ته ڏينهن رات هڪ ڪري پڙهندو ۽ ان مان مزا ماڻيندو آهيان هونئن ڏٺو وڃي ته نثر هجي يا نظم تقريبن ڳالهيون يا موضوع ساڳيا ئي هجن ٿا پر انداز بيان جو فرق هوندو آهي جنهن مان پڙهندڙ لطف وٺي ٿو، جيئن اردو جي هڪ شاعر 'سيف' چيو آهي:

سيف انداز بياں رنگ بدل ديتا هے
ورنه دنيا ميں کوئی بات نئی بات نهيں.

177 صفحن تي مشتمل هن مجموعي ۾ غزلن جو هڪ اهڙو جهان وکريو پيو آهي جنهن ۾ زندگيءَ جا سيئي رنگ ڀريا ويا آهن هيٺين ٻن سٽن ۾ سماج جي اخلاقي زوال کي اهڙو ته قلمبند ڪيو اٿائين جو ڇا ڳالهه ڪجي

هي زمانو، ڪمال تي پهتو،
ماڻهپو، پر زوال تي پهتو،

تڏهن ئي ته چيو ويو آهي ته نثر جي پستڪ تي شاعر جون ٻه سٽون ڀاري آهن هڪ طرف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ڪمال حاصل ڪندڙ انسان ته ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا ته ماڻهن مان ماڻهپو ڇڏائي ويو آهي جيئن ڀٽائي صاحب فرمايو آهي:

'آدمين اِخلاص، منڍي ماڻو ڪيو، هاٿي ڪٿي سيڪو، سٽنو ماڙهوءَ ماسُ'

بيحد مادي ترقيءَ جي باوجود سماج اخلاقي زوال ڏانهن ڌڪيندو پيو وڃي ۽ اسان جهڙا سماج بک، بيمارين، بدامني ۽ بي حسيءَ جو شڪار آهن ۽ انسانيت جا دعويدار ابن آدم جي مارڻ تي اربين کربين ڊالر خرچ پيا ڪن ۽ هن سڄي درد مان نجات لاءِ ٻن سٽن ۾ تمام سهڻو ڏس ڏنو اٿائين، بغض انسان ذات مان نڪري! ڏک سڄي ڪائنات مان نڪري! قوم کي سٺين ڏڳ تي لائڻ بدران پنڻ جو هيراڪ بڻائيو ويو آهي، جنهن درد جو اظهار زيب هنن سٽن ۾ ڪري پيو.

ٿيو لسان جو، ته حال اهڙو،
پنڻ نيائيون، ڪري، قطارون

هر شاعر جي عشق جي ابتدا ۽ انتها 'سٽنو' ان سان محبت جو اظهار هن ريت ڪيو آهي

ٽرمپ جي نئين چال يا امن جي سنجيده ڪوشش؟

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

گذريل ڇنڇر ۽ آچر جي رات، آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي سڌي ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن ايران ايندڙ 48 ڪلاڪن اندر آبنائي هرمز مان خليجي ملڪن جي تيل ۽ گئس کڻندڙ جهازن تي لڳايل پابنديون ختم نه ڪندو ته آمريڪا هڪ ڪانپوءِ هڪ ايران جا بجلي پيدا ڪندڙ پلانٽ تباهه ڪري ڇڏيندو يعني صاف لفظن ۾، آمريڪا چاهي پيو ته سامونڊي رستن تي ڪا به رڪاوٽ نه هجي ان جي جواب ۾ ايران به سخت ردعمل ڏنو ۽ چيو ته جيڪڏهن آمريڪا واقعي اهڙو قدم کنيو ته پوءِ ايران به خليج فارس ۾ آمريڪا جي ساٿين وارن ملڪن ۾ نه رڳو بجلي ٺاهڻ وارا پلانٽ، پر سمنڊ جي پاڻي کي پيئڻ جهڙو بڻائڻ وارا پلانٽ (جيڪي پاڻي صاف ڪن ٿا) ۽ تيل گئس جا ذخيرن کي به نشانو بڻائيندو يعني ڳالهه سڌي جنگ جهڙي صورتحال تائين پهچي وئي ان تڪرار ڪانپوءِ ٽرمپ چيو ته هُو ايران جي ايٽمي مرڪزن تي حملي واري ڌمڪي کي عارضي طور جمعي تائين روڪي رهيو آهي ۽ پوءِ وري اها مُدت وڌائي ڇهه اپريل تائين ڪري ڇڏي، هن جو چوڻ هو ته ان جو سبب اهو آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي اهم ماڻهن وچ ۾ ڳالهيون ٿيون آهن ۽ انهن ڳالهين ۾ ڪجهه مثبت اڳڀرائي نظر آئي آهي هاڻي اميد ڪئي پئي وڃي ته انهن ڳالهين جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اهو معاهدو ٿي سگهي ٿو ته ايران ڪجهه وقت (تقريبن پنج سال) لاءِ يورينيم جي افزائش (ايٽمي پروگرام) ۽ ڊگهي فاصلي وارن ميزائلن جي تياري روڪي ڇڏيندو ان سان گڏ اهو به امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ هلندڙ تڪرار به گهٽجي يا ختم ٿي سگهن ٿا، جنهن سان سڄي وچ اوڀر ۾ مستقل امن ۽ استحڪام اچي سگهي ٿو.

صدر ٽرمپ طرفان ايران کي ڏنل الٽي ميٽم کي ملتوي ڪرڻ ڪو حيران ڪندڙ يا اوچتو فيصلو نه هو، ڇاڪاڻ ته لڳ ڀڳ هڪ مهيني کان هلندڙ هن جنگ سبب سڄي دنيا ۾ ڳڻتي مسلسل وڌندي پئي وڃي وڏن ملڪن کان وٺي ننڍن ملڪن تائين سڀني کي هن صورتحال بابت فڪر آهي ان جو سڀ کان وڏو سبب اهو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل (خام تيل) جي فراهمي گهٽجي وئي آهي ۽ ان جون قيمتون تمام تيزيءَ سان وڌي رهيون آهن نتيجي ۾ جيڪي ملڪ ٻاهران تيل گهرائن ٿا، انهن جي معيشتن تي وڏو بار پئجي ويو آهي ۽ انهن کي سنگين معاشي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي انٽرنيشنل انرجي ايجنسي جي تازي بيان موجب، هن جنگ سبب دنيا کي جيڪو تيل جو بحران درپيش آهي، اهو 1973-74ع واري عرب-اسرائيل جنگ ڪانپوءِ لڳايل آئل ايمبارگو (تيل بندش) کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو يعني جيڪڏهن صورتحال اهڙي ئي رهي، ته دنيا کي هڪ وڏو معاشي ۽ توانائي جو بحران منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو.

هن سڄي صورتحال جو هڪ وڌيڪ ڳڻتي وارو پهلو اِهو آهي ته ايران جي سخت ردعمل ۽ مزاحمت سبب آمريڪا ڪجهه حد تائين گهٻراهٽ جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ وڏي پيماني تي هٿيار ۽ گولا بارود جنگ ۾ استعمال ڪري رهيو آهي يعني جنگ آهستي آهستي وڌيڪ خطرناڪ شڪل اختيار ڪري رهي آهي جيڪڏهن هن عمل کي نه روڪيو ويو، ته امڪان آهي ته جنگ جلدي اهڙي خطرناڪ موڙ تي پهچي وڃي، جتي ايٽمي هٿيارن جي استعمال کانسواءِ ٻيو ڪو رستو باقي نه رهي چين جي هڪ سفارتڪار ۽ جنگي معاملن جي ماهر ڊاڪٽر وڪٽر گائو جي چوڻ مطابق، هي جنگ تيزيءَ سان رڳو علائقائي نه، پر عالمي ٽڪراءَ ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي، هن جو اِهو به چوڻ آهي ته اهڙي صورتحال ۾ اسرائيل طرفان ايران جي اهم هنڌن تي ايٽمي حملو ٿيڻ جو خطرو به وڌي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن وقت هن خطي ۾ رڳو اسرائيل وٽ ايٽمي هٿيار موجود آهن ۽ هو اڳ ئي انتهائي خطري واري حالت ۾ انهن جي استعمال جو اشارو ڏئي چڪو آهي انهيءَ ڪري دنيا جا گهڻا ملڪ هن جنگ کي فوري طور بند ڪرڻ ۽ مسئلو ڳالهين وسيلي حل ڪرڻ جي گهُر ڪري رهيا آهن ڪجهه ملڪ ته عملي طور تي ۾ ان لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن ڪجهه وقت اڳ ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي الجزيره کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ انهن سفارتي ڪوششن جو ذڪر ڪيو هو هن چيو هو ته هن تڪرار ۾ جيڪڏهن ڪو ملڪ اثرائتو ثالثي (صلح ڪرائڻ وارو) ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، ته اهو چين آهي، ڇاڪاڻ ته چين جا ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل ٽنهي سان متوازن لاڳاپا آهن.

صدر ٽرمپ جي طرفان الٽيميٽم ملتوي ڪرڻ ڪانپوءِ آمريڪي ميڊيا ۾ خبرون گردش ڪري رهيون آهن ته ترڪي، مصر، عمان ۽ پاڪستان به پس پرده سفارتي ڪوششن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن يعني انهن ملڪن پنهنجو اثر استعمال ڪندي جنگ کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي جيتوڻيڪ جنگ بدستور جاري آهي ۽ آمريڪي ۽ اسرائيلي حملا ايران جي مختلف حصن ۾ ٿيندا رهي رهيا آهن پر آمريڪي سينيٽ ڪافي واضح ڪري چڪو آهي ته جنگ بند ٿيڻ تائين اهي ڪارروايون جاري رهنديون ٻئي طرف، اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو پڻ اعلان ڪيو آهي ته جيستائين ڪو رسمي معاهدو نه ٿئي، اسرائيل ايران تي حملا جاري رکندو. ايران طرفان به جوابي ڪارروايون لڳاتار ٿي رهيون آهن جنهن سبب پورو خطو انتهائي تناوَ ۽ شديد ڇڪتاڻ ۾ آهي آبنائي هرمز تي ايران جو ڪنٽرول برقرار آهي ۽ آمريڪا جي اتحادي ملڪن جي تيل بردار جهازن جي آمد و رفت اڃا تائين محدود آهي تنهن هوندي به صدر ٽرمپ جي اعلان کي عالمي سطح تي ساراهيو ويو برطانيه جي وزيراعظم ڪئير اسٽارمر چيو ته اها هڪ مثبت اڳڀرائي آهي ۽ هن وچ اوڀر ۾ جنگ بندي ۽ ڊگهي مُدت لاءِ امن قائم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو وڌيڪ اهو اعلان عالمي تيل جي قيمتن ۽ اسٽاڪ مارڪيٽن تي به خوشگوار اثر وجهي ٿو يعني مارڪيٽ ۾ استحڪام آيو آهي ۽ قيمتن ۾ سڪون محسوس ڪيو ويو آهي

ڪجهه حلقن جو خيال آهي ته آمريڪي انٽيليجنس ادارا صدر ٽرمپ کي واضح طور تي ٻڌائي چڪا آهن ته ايران جي توانائي وارن منصوبن کي تباهه ڪرڻ يا آبنائي هرمز جي جوڙاري فوجي موجودگي جي باوجود آمريڪا پنهنجا مقصد حاصل نه ڪري سگهندو حقيقت ۾، هي جنگ، جيڪا ڪيترن ماهرن جي مطابق اڳ ئي آمريڪا جي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي چڪي آهي، مڪمل طور تي ٽرمپ جي هٿ مان نڪري سگهي ٿي اهڙي صورتحال ۾ نه صرف ٽرمپ جي سياسي ساک کي وڌيڪ نقصان پهچي سگهي ٿو پر امن قائم ڪرڻ واري دعويدار طور اڀرڻ ۽ نوبل انعام حاصل ڪرڻ جو موقعو به وڃائي ڇڏيندو. ڊاڪٽر وڪٽر گائو جو چوڻ آهي ته ٽرمپ هن جنگ کي مشرق وسطيٰ ۾ اهڙي حد تائين وٺي ويو آهي جو مستقبل ۾ جڏهن ڪو تاريخدان 2026ع تي نظر وجهي، ته ممڪن آهي ته هو ٽرمپ کي آمريڪا جي عالمي طاقت ۽ بالادستي جي زوال جو ذميوار قرار ڏئي. گذريل هڪ مهيني جي جنگ وچ اوڀر ۾ ڪيترن ئي نون جيو پولٽيڪل حقيقتن کي جنم ڏنو آهي انهن مان سڀ کان اهم حقيقت اِها آهي ته آمريڪا جنگ شروع ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو پر ان کي اها مڪمل طاقت نه آهي ته اها جنگ پنهنجي مرضيءَ سان ختم ڪري سگهي، جيڪڏهن اِها جنگ ڊگهي ٿيندي، ته ان جا اثر رڳو وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا، پر عالمي سياست ۽ معيشت تي به وڏو اثر پوندو. اِهو به ممڪن آهي ته آمريڪا، جيڪو اڳ ئي ٽرمپ جي پاليسين سبب عالمي سطح تي پنهنجي ساک وڃائي چڪو آهي ۽ ماضي واري طاقت جي سياست ڏانهن واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، عالمي نظام ۾ پنهنجو اثر وڌيڪ وڃائي ويهندو. اهڙي صورتحال ۾ مشرق وسطيٰ جا ملڪ، جيڪي اڃا تائين آمريڪا تي ڀاڙيندا رهيا آهن پاڻ کي انتهائي غير يقيني ۽ نازڪ حالت ۾ محسوس ڪندا ۽ ان جا نتيجا سڀني جي سامهون واضح ٿيندا.

معاشي بحران ۾ مبتلا هاري!

نظير احمد سومرو

ڪنهن به ملڪ جي ترقي، استحڪام ۽ خودمختياريءَ جو دارومدار ان جي معيشت تي هوندو آهي ۽ معيشت جو بنياد زراعت آهي اڄ ملڪ جو هاري سخت معاشي بحران جو شڪار ٿي ويو آهي ڏينهن رات زمين مان سون پوکڻ لاءِ ڪم ڪندڙ هاري بک ۽ بدحاليءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي پاڪستان هڪ زرعي ملڪ هئڻ باوجود هاريءَ کي پنهنجي حق نه ملي رهيو آهي ڊوائن، ڊيزل، بجلي ۽ ٽيوب ويلن جا خرچ ڪيترائي ڀيرا وڌي ويا آهن جڏهن ته فصلن جا اگهه لاڳيتو گهٽجي رهيا آهن اهم فصل هاريءَ جي فائدي بدران نقصان جو سبب بڻجي ويا آهن حڪومت امدادي قيمت جو اعلان ته ڪري ٿي پر خريداريءَ جو ڪو به اثرائتو نظام ناهي زرعي بئنڪون، خانگي ادارا ۽ وياج خور آبادگارن جي مجبورين جو ناجائز فائدو وٺي رهيا آهن جيڪڏهن هڪ فصل ناڪام ٿئي ٿو ته ايندڙ فصل به قرض تي پوکيو وڃي ٿو. تنهنڪري هاري نسلن تائين قرضي ٿيندو پيو وڃي پر عملي طور ڪي به اپاءَ ڪهڻندي نظر نٿا اچن آبهوا جي تبديليءَ پڻ هاريءَ جي مشڪلاتن کي تمام گهڻو وڌايو آهي ڪڏهن سخت برساتون، ڪڏهن گجگوڙ ۽ ڪڏهن ڊگهي خشڪي فصلن کي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي هو ميدان ۾ وڃي ٿو ۽ هر سال وڌيڪ واپس اچي ٿو ڪڻڪ جي تباهي ملڪ جي معيشت لاءِ هڪ خطرناڪ گهنٽي آهي ڪڻڪ، جنهن جو فصل اڄ تيار ٿي مارڪيٽ ۾ پهچڻ شروع ٿي ويو آهي اڄ زوال ۾ آهي، جنهن نه رڳو هارين کي متاثر ڪيو پر هارين جي زندگيءَ تي به خراب اثر پيا آهن فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ ڪري ڳوٺ ويران ٿي رهيا آهن نوجوان روزگار جي ڳولا ۾ شهرن ڏانهن منتقل ٿي رهيا آهن جڏهن ڪو هاري پنهنجي زمين ڇڏي وڃي ٿو ته نه فقط هڪ ماڻهو پر سمورو زرعي نظام ڪمزور ٿئي ٿو جيڪڏهن اها صورتحال جاري رهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ هڪ سنگين خوراڪ جو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو ان لاءِ اهو آهي ته هاري دوست پاليسيون ناهيون وڃن فصلن جي بروقت حڪومت جي خريداريءَ کي يقيني بڻايو وڃي، زرعي اوزار سستا ۽ معياري طور تي فراهم ڪيا وڃن هارين جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ واري مافيا کي ختم ڪيو وڃي ۽ هارين کي جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ تائين رسائي ڏني وڃي هن وقت اسان جي زراعت ۽ معيشت جو هڪ دردناڪ پهلو بڻيل آهي ڪڻڪ جو فصل تيار ٿيڻ بعد جڏهن هاريءَ کي پنهنجي محنت جو پورو اگهه نٿو ملي ته ان جا ڪيترائي سبب آهن

هارين کي ٿيندڙ نقصان جا بنيادي سبب: سرڪاري طور خريداريءَ جو بحران: اڪثر جڏهن فصل لهندو آهي ته سرڪاري مرڪز وقت تي نٿا کُلن يا وري باردانو (ٻورين) جي فراهميءَ ۾ رڪاوٽون وڌي وينديون آهن.

وچولي طبقي جو اثر: جڏهن هاري سرڪار کي ڪڻڪ وڪڻڻ ۾ ناڪام ٿيندو آهي ته هو مجبور ٿي واپارين يا دلالن کي سستي اگهه تي ڪڻڪ وڪڻندو آهي

پيداواري خرچن ۾ اضافو: ٻج، ڀاڻ ڊي اي پي، يوريا، ڊيزل ۽ پاڻيءَ جا خرچ آسمان سان ڳالهائي رهيا آهن جيڪڏهن ڪڻڪ جو اگهه انهن خرچن جي تناسب سان نه وڌندو ته هاري کي ڪٽڻ بدران ڪٽي پوندي آهي

درآمدي پاليسي: ڪڏهن ڪڏهن ضرورت نه هجڻ باوجود ٻاهرين ملڪ مان ڪڻڪ گهرائي ويندي آهي جنهن سان مقامي مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جا اگهه ڪري پوندا آهن نقصان جا سماجي ۽ معاشي اثر هارين کي پوندڙ هن مالي نقصان جا نتيجا تمام خطرناڪ نڪرندا آهن

قرضن جو جار: هاري ايندڙ فصل (جهڙوڪ ڪپهه يا سرنهن) لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ وٺڻ لاءِ وڌيڪ قرض کڻڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي

زراعت تان اعتماد جو ختم ٿيڻ: جڏهن محنت جو ثمر نه ملندو آهي ته نئين نسل زراعت ڇڏي شهرن ڏانهن روزگار لاءِ واجهائيندي آهي

غذائي تحفظ: جيڪڏهن هاري کي نقصان ٿيو ۽ هن ايندڙ سال ڪڻڪ گهٽ پوکي ته ملڪ ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو

هيءَ واقعي هڪ افسوسناڪ صورتحال آهي جڏهن هاري سڄو سال محنت ڪري ٿو پگهر وهائي فصل تيار ڪري ٿو ۽ آخر ۾ کيس پنهنجي محنت جو پورو اگهه نٿو ملي ته اها رڳو هڪ هاريءَ جي شڪست ناهي پر پوري زرعي معيشت لاءِ هڪ وڏو ڌڪ ۽ نقصان آهي سنڌ ۽ پنجاب ۾ هن وقت ڪڻڪ جي فصل جي لاهي زورن تي آهي پر هاريءَ جي منهن تي خوشيءَ بدران پريشاني آهي ان جا ڪجهه اهم سبب ۽ موجوده صورتحال هيءَ آهي ته هارين جي مايوسيءَ جا مکيه سبب سرڪاري اگهه ۽ اوطاقن جي بندش: حڪومت پاران ڪڻڪ جو امدادي اگهه ته مقرر ڪيو ويندو آهي پر اڪثر باردانو (ٻورين) جي ورچ ۽ خريداري مرڪزن جي دير سان کلڻ هاري مجبور ٿي پنهنجو فصل واپارين کي گهٽ اگهه تي وڪڻي ڇڏي ٿو هاري خوشحال ٿيندو ته مستقبل خوبصورت ٿيندو جيڪڏهن اڄ ملڪ جي آبادگارن جي حمايت نه ڪئي وئي ته سڀاڻي اهو معاشي بحران سڄي ملڪ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندو هاري جي طاقت اصل ۾ پاڪستان جي طاقت آهي

افغانستان: انساني حقن جي سنگين صورتحال

احمد ابڙو

افغانستان هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو آهي پر هن ڀيري ڪنهن جنگي حڪمتِ عملي يا سفارتي ڪاميابي سبب نه پر انساني حقن جي شديد ۽ مسلسل ڀڃڪڙين جي ڪري تازين رپورٽن ۽ ميدان مان ايندڙ شاهدين مطابق، طالبان جي موجوده حڪمرانيءَ هيٺ افغانستان ۾ انساني حقن جي صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو رُخ اختيار ڪري چڪي آهي انساني حقن جي تنظيم "رواداري" جي تازو جاري ڪيل رپورٽ ان تلخ حقيقت کي چٽي نموني سامهون آڻي ٿي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ملڪ ۾ ظلم، جبر ۽ ناانصافيءَ جو دائرو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي

طالبان رجيم جي آمرانه پاليسين نه صرف سياسي آزاديءَ کي محدود ڪري ڇڏيو آهي پر سماجي ۽ معاشي ڍانچي کي به سخت متاثر ڪيو آهي رپورٽ موجب گذريل سال دوران شهري آزاديءَ کي سختيءَ سان دٻايو ويو، جڏهن ته عورتن، مذهبي اقليتن ۽ نسلي گروهن تي ٿيندڙ ظلم ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ڏٺو ويو انگن اکرن مطابق ٽارگيٽ ڪلنگ، عدالت کان مٿانهون قتل جبري گمشدگيون ۽ تشدد جي واقعن ۾ 404 سيڪڙو اضافو ٿيو جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 611 ماڻهو متاثر ٿيا اهي رڳو انگ اکر نه پر انساني زندگين جي تباهي ۽ خاندانن جي اجڙڻ جي ڪهاڻي بيان ڪن ٿا.

طالبان حڪومت جي سخت پابندين خاص طور عورتن جي زندگيءَ کي محدود ڪري ڇڏيو آهي 2025ع دوران لاڳو ڪيل جبري قانونن عورتن کي تعليم، روزگار ۽ سماجي سرگرمين کان تقريباً محروم ڪري ڇڏيو آهي عورتن جي بنيادي حقن تي اهڙي نموني بندشون نه رڳو انساني حقن جي عالمي اصولن جي خلاف آهن پر هڪ صحتمند سماج جي ترقيءَ لاءِ به وڏو خطرو آهن جڏهن ڪنهن معاشري جي اڌ آباديءَ کي عملي طور خاموش ۽ غيرفعال بڻايو وڃي ته اهو سماج اڳتي وڌڻ بدران پوئتي وڃي ٿو

طالبان جي عدالتي نظام بابت به ڳڻتي وڌي وئي آهي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته طالبان عدالتن پاران ڪوڙا، جسماني سزائون ۽ تذليل آميز سزائون عام بڻجي ويون آهن اهڙيون سزائون واضح طور عالمي قانونن ۽ انساني وقار جي خلاف آهن جديد دنيا ۾ جتي قانون جو بنياد انصاف، شفافيت ۽ انساني وقار تي رکيو ويو آهي، اتي اهڙي قسم جا عمل ڪنهن به رياست جي قانوني حيثيت تي سوال اٿارين ٿا.

ان کان علاوه، افغانستان ۾ نسلي ۽ مذهبي اقليتن جي حالت پڻ انتهائي خراب آهي، انهن کي روزگار، معاشي موقعن، تعليم ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي کان محروم رکيو ويو آهي، اهڙو رويو نه صرف سماجي اڻبرابريءَ کي وڌائي ٿو پر ملڪ ۾ بيچيني ۽ عدمِ استحڪام کي به جنم ڏئي ٿو هڪ گهڻ نسلي ۽ گهڻ مذهبي سماج ۾، جيڪڏهن سڀني کي برابر حق نه ڏنا وڃن ته اهو سماج ڊگهي عرصي تائين امن ۽ استحڪام برقرار نٿو رکي سگهي.

انساني حقن جي آزاد ادارن ۽ عدليه جي غير موجودگي صورتحال کي وڌيڪ خراب بڻائي ڇڏيو آهي جڏهن ملڪ ۾ ڪو اهڙو نظام موجود نه هجي، جيڪو مظلومن کي انصاف فراهم نه ڪري سگهي ته پوءِ ظلم جو سلسلو بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي جاري رهي ٿو افغانستان ۾ هن وقت اهڙي ئي صورتحال آهي، جتي نه آزاد ميڊيا آهي، نه مضبوط عدليه ۽ نه ئي ڪو موثر احتسابي نظام. نتيجي طور، عام شهرين لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ تقريباً ناممڪن بڻجي ويو آهي

ماهرن جو چوڻ آهي ته طالبان جي حڪمرانيءَ افغانستان کي هڪ اهڙي موڙ تي آڻي بيهاريو آهي، جتي قانون جي جاءِ تي بندوق ۽ رواداريءَ جي جاءِ تي دهشت حڪمراني ڪري رهي آهي اهو صرف هڪ سياسي يا حڪومتي بحران ناهي پر هڪ اخلاقي ۽ انساني بحران پڻ آهي، جنهن جا اثر نه صرف افغانستان تائين محدود رهندا پر پوري خطي ۽ دنيا تي پوندا.

عالمي برادريءَ لاءِ به اها هڪ اهم آزمائش آهي. انساني حقن جا عالمي چارٽر ۽ اصول صرف ڪاغذن تائين محدود نه هئڻ گهرجن پر انهن تي عملي طور عملدرآمد به ضروري آهي. جيڪڏهن دنيا افغانستان ۾ ٿيندڙ ظلم تي خاموش رهي ٿي ته پوءِ اهو عالمي نظام جي اخلاقي حيثيت تي وڏو سوال بڻجي ويندو. عالمي ادارن کي گهرجي ته هو نه صرف بيان جاري ڪن پر عملي قدم پڻ کڻن، جيئن افغانستان جي عوام کي سندن بنيادي حق واپس ملي سگهن.

پاڪستان جهڙن پاڙيسري ملڪن لاءِ به اها صورتحال انتهائي اهميت رکي ٿي افغانستان ۾ عدمِ استحڪام جو سڌو اثر خطي جي امن معيشت ۽ سلامتيءَ تي پوي ٿو تنهنڪري ضروري آهي ته علائقائي ملڪن گڏجي هڪ اهڙو لائحه عمل ترتيب ڏين جنهن سان افغانستان ۾ امن استحڪام ۽ انساني حقن جي بحالي ممڪن بڻائي سگهجي

شايد اهو چوڻ غلط نه هجي ته افغانستان اڄ هڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي انساني حقن جي ڀڃڪڙي، معاشي بدحالي ۽ سماجي بيچيني گڏجي هڪ اهڙو بحران پيدا ڪري رهيا آهن جنهن جو حل صرف طاقت سان نه پر انصاف، رواداري ۽ انساني قدرن جي بحاليءَ سان ممڪن آهي طالبان حڪومت لاءِ به اهو هڪ موقعو آهي ته اها پنهنجي پاليسين تي نظرثاني ڪري ۽ دنيا اڳيان اهو ثابت ڪري ته هو هڪ ذميوار رياست طور عالمي اصولن جو احترام ڪرڻ لاءِ تيار آهن جيڪڏهن ائين نٿو ٿئي ته افغانستان نه صرف پنهنجي عوام لاءِ پر پوري دنيا لاءِ هڪ مسلسل بحران جو مرڪز بڻيل رهندو انساني حقن جو تحفظ رڳو هڪ نظريو نه پر هر انسان جو بنيادي حق آهي ۽ ان جي حفاظت عالمي برادريءَ جي گڏيل ذميواري آهي

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

مورو واسين جو احتجاج، واڳ ڌڻين کي نوٽيس وٺڻ کپي!

هيءُ خط مورو شهر جي انهن مظلوم خاندانن جي آواز طور اوهان تائين پهچي رهيو آهي، جيڪي گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان پنهنجي پيارن جي آزاديءَ لاءِ روڊن تي ويٺل آهن. مورو سانحي جي متاثرن جا وارث، جن ۾ انهن جون امڙيون، ڀينرون، ٻارڙا ۽ بزرگ شامل آهن، مسلسل احتجاج ڪندي انصاف جي اپيل ڪري رهيا آهن پر افسوس جو سندن دانهن اڃا تائين اقتدار جي ايوانن تائين نه پهتي آهي.

مورو پريس ڪلب آڏو ڪالهه 14هين ڏينهن به جاري رهندڙ احتجاج دوران دل کي جهوريندڙ منظر ڏسڻ ۾ آيو جتي معصوم ٻارڙا ۽ نياڻيون پنهنجن هٿن ۾ لوهي زنجيرون ٻڌي پنهنجن پيارن جي آزاديءَ جي گهر ڪري رهيا هئا. اهي ئي ٻار جن جي هٿن ۾ ڪتاب هجڻ گهرجن ها، اسڪولن ۾ هجڻ گهرجن ها، سي اڄ روڊن تي ويهي پنهنجي حقن لاءِ دانهون ڪري رهيا آهن. انهن جي اکين ۾ بي وسي ۽ دلين ۾ درد واضح نظر اچي ٿو جيڪو ڪنهن به حساس دل کي لوڏي ڇڏي ٿو. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته سندن ڪيترائي ماڻهو گذريل ڏهن مهينن کان جيل ۾ قيد آهن. نه سندن ڪيس هلي رهيا آهن، نه کين عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي، نه ضمانت ملي رهي آهي ۽ نه ئي سندن وارثن کي ملاقات جي اجازت ڏني وڃي ٿي. اهو عمل نه رڳو قانون جي ڀڃڪڙي آهي پر انساني حقن جي به سنگين لتاڙ آهي. هيءُ مظلوم ماڻهو اوهان کان پرزور اپيل ڪن ٿا ته هن معاملي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي. اسان اهو يقين رکون ٿا ته مظلومن جون دانهون خالي نه وينديون. تاريخ شاهد آهي ته ظلم هميشه ختم ٿيو آهي ۽ انصاف آخرڪار غالب رهيو آهي. اميد آهي ته اوهان هن معاملي کي سنجيدگيءَ سان وٺندي جلد انصاف مهيا ڪندا ۽ انهن بيگناهه ماڻهن کي آزاد ڪرائيندا.

هاشم احمد/مورو

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪوڙين ڪايائُون تُنهنجيون، لِکَن لَکَ هزارَ؛
جِيءُ سيڪنهن جيءَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ؛
پِريَمِ تنهنجا پارَ، کهڙا چئِي ڪيئن چوان.
(سُر ڪلياڻ)

اڄوڪو ڏينهن - 29 مارچ

هينري بارٽل فريئر



اڄ سنڌ جي انگريز ڪمشنر هينري بارٽل فريئر جي جنم جو ڏينهن آهي هو 29 مارچ 1815ع ۾ ويلس برطانيه جي هڪ ڳوٺ ڪلائيڊيڪ (Clydach) ۾ پيدا ٿيو هن کي 1850ع ۾ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو 1851ع ۾ هن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري ٻولي قرار ڏنو ۽ حڪم نامون جاري ڪيو ته سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سمورا سرڪاري آفيسر فارسيءَ بدران سنڌي ٻوليءَ ۾ خط ۽ ڪتابت ڪندا ۽ جن آفيسرن کي سنڌي نٿي اچي سي لازمي طور تي سنڌي ٻولي سکندا هن سنڌي ٻوليءَ جي الف ب جوڙڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي سنڌي ٻوليءَ جي هاڻوڪي ابجد اصل ۾ هينري بارٽل فريئر جي جوڙيل انهيءَ ڪاميٽيءَ ٺاهي هئي هن سنڌ جي ٽپال کاتي ۾ سڌارا آندا ۽ ڪراچيءَ کان ملتان تائين سنڌو درياهه وسيلي ٻوٽ سروس شروع ڪئي هن جي دور ۾ ڪيترائي سنڌي اسڪول کوليا ويا ۽ ڪيترائي سنڌي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا هن 1862ع کان 1867ع تائين بمبئيءَ جي گورنر ۽ 1877ع کان 1880ع تائين ڏکڻ آفريقا جي هاءِ ڪمشنر طور خدمتون سرانجام ڏنيون هن 29 مئي 1884ع تي لنڊن ۾ وفات ڪئي ڪراچيءَ جو مشهور فريئر هال اڄ به هن انگريز عملدار جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ موجود آهي

عبدالرزاق قريشي

عبدالرزاق قريشي جيڪب آباد جو مشهور صحافي، ساهتڪار ۽ سياسي ڪارڪن هو هن جو جنم 29 مارچ 1929ع تي عبدالوهاب قريشيءَ جي گهر ٿيو تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پهريائين تپيدار ۽ پوءِ پوليس ۾ سپاهيءَ طور ڀرتي ٿيو ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي پرائمري اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪيائين هن کي ادبي ۽ صحافتي سرگرمين سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هو هن جيڪب آباد ۾ "رزاق اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس" قائم ڪئي ۽ "البرق" نالي اخبار جاري ڪئي هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ڏاهپ جو خاتمو"، "مشاهير جيڪب آباد" ۽ "جيڪب

تعلقي جي ڳوٺ ڪاڻوٽ ۾ اکيون کوليون سندس پورو نالو محمد بلاول ولد محمد يعقوب وگهامل هو هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي پر اڳتي هلي ايم اي جي سند حاصل ڪري ڪاليج ۾ پهريائين ليڪچرار ۽ پوءِ پروفيسر مقرر ٿيو هو هڪ ڊگهي عرصي تائين سچل سرمست ڪامرس ۽ آرٽس ڪاليج جو پرنسپال پڻ رهيو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد هن جي شاعري مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪئي، جنهن تمام گهڻي مقبوليت ماڻي هن جي لکيل ڪتابن ۾ دلسوز ڪافيون (شاعري) ، ڪليات پرديسي (شاعري)، پڪار (شاعري)، سوني صندوق (ٻاراڻو ادب)، زندگي ۽ حادثا (افسانا)، جادوءَ جو گلاب (ٻاراڻو ادب)، رهبر دوستي (مضمون) ۽ سچل جي شاعري ۽ جماليات شامل آهن هن 23 ڊسمبر 1999ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

اسرار شاهه



اڄ مشهور اديب اسرار شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي اسرار شاهه جو اصل نالو اسرار احمد ولد حاجي محمد جمعو ميمڻ هو هن 29 مارچ 1954ع ۾ ٽنڊي جام شهر ۾ اکيون کوليون هن اسڪول جي استاد طور سنڌ جي مختلف اسڪولن ۾ ذميداريون سرانجام ڏنيون ڪجهه وقت "روزاني سنڌ نيوز" جي اسٽاف رپورٽر طور ڪم ڪيائين 1987ع ۾ هن "سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن" جي نالي سان ٻارڙن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. انهيءَ سلسلي جون اٽڪل 60 کان 70 ستر ڪڙيون ڇپجي پڌريون ٿيون هن ٻارڙن لاءِ ڪيترائي تفريحي ۽ ادبي پروگرام پڻ منعقد ڪيا هن سنڌي ۽ اردو اسٽيج ڊرامن ۾ به ڀرپور حصو ورتو سندس طويل انٽرويو "اٿون ڪو جاڳان" نالي ڪتاب ۾ ڇپجي چڪو آهي ۽ هن 17

مختيار اٽر

اديب علم فاضل جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي ايم اي (سوشالاجي) ۽ ايم اي (صحافت) جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن "روزاني عبرت اخبار" ۾ ڪمپازيٽر طور عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هن انهيءَ اخبار جي سب ايڊيٽر، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين هو "عبرت مئگزين" ۽ "ڪاوش مئگزين" جو ايڊيٽر پڻ رهيو ان کان علاوه روزاني سنڌ نيوز، روزاني خلق ۽ روزاني مهراڻ سان پڻ وابسته رهيو هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ به ڪيترائي فيچر ۽ اسڪرپٽ لکيا هن جو هڪ ڪتاب "منزل منزل نوڪو" ڇپيل آهي هن 4 مارچ 2007ع تي وفات ڪئي

لقمان حڪيم ڪوڪر

اڄ مشهور شاعر لقمان حڪيم ڪوڪر جي ياد ڏياري ٿو، جيڪو اڄوڪي ڏينهن تي 1992ع ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو هن ناميارو شاعر جو جنم جولاءِ 1929ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي سوني جتوئي ڳوٺ ۾ ٿيو هن عربي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم پنهنجي مامي مولوي محمد احمد ڪوڪر کان حاصل ڪئي لاڙڪاڻي ۾ ئي سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين هن جو لاڙڪاڻي جي شاهه بخاريءَ لڳ جلد سازيءَ جو هڪ ننڍڙو دڪان هو، جتي گراهڪن کان وڌيڪ اديبن ۽ شاعرن جو ميڙاڪو لڳل هوندو هو هن لاڙڪاڻي ۾ بزم سچل جو بنياد رکيو ۽ پاڻ ئي انهيءَ ادبي تنظيم جو پهريون صدر ٿيو هو هفتيوار الحيدر جي سنڌي شعبي جو ايڊيٽر ۽ هفتيوار انصاف جي ادبي

ناصر مورائي

اڄ نامور ترقي پسند اديب ناصر مورائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو هڪ چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، صحافي ۽ ليکڪ هو سندس جنم پهرين اپريل 1937ع تي موري ۾ ٿيو ۽ سندس پورو نالو سيد ناصر علي شاهه ولد سيد جعفر علي شاهه هو هو سنڌي ادبي سنگت جي موري واري شاخ جي باني ميمبرن مان هڪ هو ڪجهه عرصو حميد سنڌيءَ سان گڏ روح رهاڻ رسالي ۾ ٻانهن ٻيليءَ طور ڪم ڪيائين پاڻ برسات رسالي جي ايڊيٽر طور به خدمتون سرانجام ڏنائين هن کي ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي ۽ لطيف جي پيغام کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ مختلف سرن تي ننڍا ننڍا ڪتابڙا ڇپائي مفت ۾ ورهايائين. هن سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ ۽ ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ سميت مختلف مزاحمتي تحريڪن ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. ذوالفقار سيال پنهنجي ڪتاب "آئينا ۽ عڪس" ۾ سنڌي ادب جي هن انمول هيري جي وفات جي تاريخ 29 مارچ 2001ع لکي آهي، جڏهن ته اسلم عباسيءَ پنهنجي ڪتاب "مورو تاريخ ۽ ثقافت" ۾ 31 مارچ 2001ع لکي آهي.

فقير غلام حيدر نظاماڻي

فقير غلام حيدر نظاماڻي ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهه جو مشهور راڳي هو ڀٽائيءَ جي هن سچي عاشق پهرين آگسٽ 1933ع تي فقير شيرمحمد نظاماڻيءَ جي اڱڻ تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن کي ڀٽائيءَ جي بيتن سان عشق جڻ ته ڄائي ڄم کان رهيو ٻارهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ شاهه جي رسالي جا ٽي سُر بر زبان ياد ڪري ورتائين ۽ ان کان پوءِ سڄي ڄمار تنبوري جي تار تي شاهه جي راڳ کي آلاپيندي گذاريائين هو اربع جي رات پنهنجي اوطاق تي "لطيفي راڳ جي محفل" مچائيندو هو 1957ع کان 2002ع تائين هر خميس جي رات ڀٽائيءَ جي درگاهه جي حاضري ڀريندو هو ۽ شاهه جي شاعريءَ کي راڳ جو

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين درخواست نمبر 15 سال 2026

ارشاد علي ولد مزمل حسين ذات آرائين رهاڻڪ وارڊ نمبر 11 دستگير ڪالوني مورو ضلعو نوشهروفيروز.. اپليڪينٽ ..بخلاف .. (1) مزمل حسين ولد ارشاد علي رهاڻڪ وارڊ نمبر 11 دستگير ڪالوني مورو ضلعو نوشهروفيروز (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2026-04-02 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين درخواست نمبر 27 سال 2026

مسمات شاهه ڪنول زال عبدالرزاق رهاڻڪ ڳوٺ محمد خان چانڊيو پي او امام بخش مري ديهه 38 داد تعلقو نوابشاهه .. اپليڪينٽ ..بخلاف .. (1) عبدالرزاق ولد غلام محمد رهاڻڪ ڳوٺ محمد خان چانڊيو پي او امام بخش مري ديهه 38 داد تعلقو نوابشاهه ..اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) غلام محمد (2) محمد صارم جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2026-03-31 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سائره ابڙو.. پلينٽف ..بخلاف .. رضوان علي ابڙو مسلم بالغ رهاڻڪ ڳوٺ وارث ڏنو ماڇي رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو سيل نمبر 03113872452 ..اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2026-04-13 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته نالي مريم زال جواد خان نيازي شناختي ڪارڊ نمبر 4130487964338 هڪ عدد پلاٽ نمبر 211 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ واصف مصطفيٰ ولد شاڪر مصطفيٰ شناختي ڪارڊ نمبر 4130423175211 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر تمام دستاويزي ثبوتن سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي آگاهه ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي.

مريم زال جواد خان نيازي

عام اطلاع

جيئن ته نالي سحرم خالد ولد خالد ميمڻ ويٺل باقيل پوٽه محلہ تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد خالد ولد ميرمحمد ميمڻ جيڪو لوڪل گورنمينٽ رٽائرڊ انسپيڪٽر هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 2025-11-22 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي(1) مسمات زاهده پروين (بيواهه) (2) حسيب خالد(پٽ) (3) حنين (پٽ) (4) سحرم خالد (پٽ) (5) انعم (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هرڪ نالي... جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

ڪري ڇڏيو، سوڀوديرو پوليس مطابق، واقعو پئسن جي ڏي وٺ جي ڪري پيش آيو آهي ۽ هڪ ماڻهو کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته واقعي جي جاچ جاري آهي، جاچ دوران واقعي جا اصل سبب سامهون اچي ويندا.

احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي متاثر مڙس قاسم خاصخيلي الزام مڙهيندي چيو ته منهنجي زال عزت خاتون جيڪا منهنجي چاچي غلام شبير جي ڌي ۽ منهنجي سئوٽ آهي جنهن جي اڳ ۾ پڻ پهرين شادي رياض خاصخيلي سان ٿيل هئي جنهن سان طلاق بعد رياض خاصخيلي دل جي دوري سبب فوت ٿي ويو هو جنهن مان ڪيس 2 نياڻيون به آهن پوءِ منهنجي چاچي منهنجي شادي عزت خاتون سان ڪرائڻ لاءِ زور ڀريو ۽ مون رحم ڪئي ساڻس هڪ سال اڳ شادي ڪئي جڏهن ته زال جي مري ويل اڳوڻي مڙس جي مائٽن منهنجي زال کي ورغلائي 2 نياڻين سميت پهچائي يرغمال بڻايو آهي ۽ هاڻي منهنجي زال پنهنجي اڳوڻي مڙس کي مارڻ جا مون تي ڪوڙا الزام هڻي رهي آهي. ان موقعي تي متاثر شخص جي سهري غلام شبير جو چوڻ آهي ته منهنجي ڌيءَ غلط ماڻهن جي ڳالهين ۾ اچي يرغمال ٿي منهنجي پائٽي کي ڇڏي وئي آهي جڏهن ته اسان جو عيوضو به ٿيل آهي ان باوجود منهنجي نياڻي مون پيءُ جي عزت جو خيال نه ڪيو. متاثر مڙس ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي جاچ ڪري مون کي پنهنجي زال موٽائي مون سان انصاف ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

مير قلپوتو علي خان رند، شاهد نواز سيال، اڪرم راجپوت، فرحان علي ميتلو تنوير عباسي ، سيف قلپوتو، يوسف آرائين، غلام مصطفيٰ ميتلو، جان محمد تاريجو، ياسر سيال ۽ سراج الدين شهواڻي بيا ڪري رهيا هئا صحافين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته صحافت هڪ مقدس پيشو آهي ۽ حق سچ لکڻ هر صحافي جو بنيادي حق آهي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا سچ لکندڙ صحافين کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي کين هراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته دهشتگردي ايڪٽ جهڙن سنگين قانونن جو غلط استعمال ڪري صحافين کي ڊيڄارڻ ۽ سندن آواز بند ڪرائڻ جمهوريت خلاف سازش آهي. صحافين چيو ته اهڙيون ڪارروايون آزادي صحافت تي سڌو سنئون حملو آهن، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيون وينديون. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڄامشورو جي صحافين خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور ختم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائي پوري سنڌ ۾ تحريڪ هلائي ويندي. هنن سنڌ جي وزير اعليٰ، صوبائي وزير اطلاعات ۽ آءِ جي سنڌ کان پرزور مطالبو ڪيو ته ڏتي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو سميت صحافين خلاف داخل ڪيل ٻي

بنياد ڪيس ختم ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي قدم کنيا ويندا.

الزام لڳايو ته جوابدار تڳيو گڏاڻي، منور گڏاڻي، ضمير گڏاڻي، راڄا، قربان ۽ ٻين ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ حملو ڪري فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ نصيبان زخمي ٿي پئي، صاحبان گڏاڻي ٻڌايو ته هو لابارو ڪري رهيا هئا ته جوابدارن اوچتو حملو ڪري فائرنگ ڪئي. هن چيو ته اسان غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهيون، هڪ ماڻهو اڳ ئي قتل ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي به اسان کي حراسان ڪيو پيو وڃي. هن ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

طرفان فوري طور پيڇو ڪيو ويو پر قورو ميرواهه روڊ وٽ هڪ ون ٽو ڦاءِ موٽر سائيڪل ڇڏي اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويا پوليس ڪارروائي دوران ون ٽو ڦاءِ موٽر سائيڪل برآمد ڪري ورتي جيڪا وارهه جي رهواسي جمع خان بروهي جي ظاهر ٿي جيڪا ڦورن ڪجهه ڏينهن اڳ ڦر ڪئي هئي اهڙي طرح پوليس متاثر ڳوٺاڻي کي اطلاع ڪري موٽرسائيڪل حوالي ڪري ڇڏي جڏهن ته اهڙي ڪامياب ڪاروائي تي اسپيشل فورس ٽيم جي ساراهه ڪئي وئي.

هنڌ پهچي لاش ڪڍي پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ ته نامعلوم لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي لاش ڪجهه ڏينهن جو پراڻو آهي جنهن ڪري لاش سڄي ۽ ڳري ويو آهي پوسٽ مارٽم کان پوءِ وڌيڪ معلومات ملندي

مري سان عوام جون محبتون گڏ آهن هن هميشه ٽنڊوالهيار سميت سنڌ ۾ رهندڙ مري برادري ۽ ٻين مختلف برادرين جي ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪئي آهي پاڻ سياست ۾ هجي نه هجي سندس در تي عوام جا ميلا لڳل هوندا آهن جتي عوام پنهنجي مسئلن جي حل ۽ مختلف فيصلن لاءِ گڏ ٿئي ٿي هنن چيو ته رئيس غلام قادر مري جي صحتيابي لاءِ سڄي سنڌ دعاگو آهي انشاءَالله هو جلد صحتيات ٿي پنهنجي عوام جي پهرين کان وڌيڪ خدمت ڪندو اسان پ پ پ ڪارڪنن سميت ساڻس محبت ڪندڙن کي چئون ٿا ته رئيس غلام قادر مري جي صحتيابي لاءِ وڌ کان وڌ دعائون ڪيون وڃن

اصغرآباد ڳوٺ نيپڙا زرداري ۾ پهچي ڪري مير محمدزرداري استاد سرور علي زرداري احمدعلي زرداري محمد جمن زرداري استاد بهار علي زرداري ممتاز علي ۽ ٻين عزيزن سان مرحوم عبدالغفور زرداري جي اوچتي وڇوڙي تي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ياد رهي ته مرحوم عبدالغفور زرداري ڪراچي کان واپسي دوران رستي ۾ ٽريفڪ حادثي سبب لاڏاڻو ڪري ويو هو جنهن جي خبر سان علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، ان موقعي تي ضلع دادو زرداري اتحاد جي صدر رئيس طالب حسين زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شهيد عبدالغفور زرداري جو اوچتو وڇوڙو اسان جي اتحاد لاءِ وڏو نقصان آهي، سندس خال ڪڏهن به پورو نٿو ٿي سگهي، هن چيو ته مرحوم پنهنجي حياتيءَ ۾ انسانيت جي ڀلائي ۽ سماجي خدمت لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ هميشه غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندو رهيو آخر ۾ مرحوم لاءِ دعا مغفرت گهري وئي ۽ وارثن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو جڏهن ته چيو ويو ته زرداري اتحاد هر ڏک سک ۾ پنهنجي برادري سان گڏ بيٺل رهندو.

سيڪريٽري جاتي خاصخيلي سان سندس ماسات شينهن عرف غلام مصطفيٰ خاصخيلي جي لاڏاڻي تي ڏک جواظهارڪندي دلي تعزيت جواظهارڪيو آهي سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدرڪامريڊ ثمرحيدرجتوئي چيوته پورهيت اڳواڻ مرحوم شينهن عرف غلام مصطفيٰ خاصخيلي جي پورهيت جدوجهد کي تاريخ ۾ هميشه سونهري لفظن سان ياد رکيو ويندو

جي بي ڌياني سبب ڪورواهه شهر کنڊر بڻجي ويو آهي شهر جو ڊرينيج سسٽم ۽ واٽرسپلاءِ مڪمل ناڪارا ٿي ويا آهن جڏهن ته شهر جا روڊ گهٽيون کنڊر بڻيل آهن پر هن طرف ڪو ڌيان نٿو ڏي هنن چيو ته يونين ڪائونسل ڪورواهه جا اڪثر ڳوٺ پڻ بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل آهن پر چونڊيل نمائنده اليڪشن بعد ڪو ترقياتي ڪم ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن جنهن ڪري هتان جا رهواسي عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهن هنن شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق ڪندي ٻارهن اپريل تي ڪورواهه شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍڻ جو اعلان پڻ ڪيو.

آهن جنهن سبب آئون پنهنجي ٽن نياڻين سميت پنهنجي ئي مڙس جي شرعي گهر ۾ دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون هن چيو ته ساهرن ۽ ڏيرن جي ظلم خلاف عدالت سگهوريءَ ۾ ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن بعد ڏير ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ پڻ مجبور ڪري رهيا آهن جڏهن ته عدالت سگهوريءَ جي حڪم جي روشنيءَ ۾ اڄ ايس ايڇ او نيو سعيدآباد گلزار لغاري ڪيس جي جاچ ڪرڻ لاءِ گهر پهچي سڄي واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا آهن ۽ ايس ايڇ او پاران گڏيل ملڪيتي پلاٽ تي عدالتي حڪم جي پابند ڪرڻ باوجود مخالف ڌر جي نگرانيءَ ۾ زير تعمير هلندڙ ڪم جو پڻ معائنو ڪيو ويو آهي هنن سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياريءَ کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

وڃي ته متي ۾ گولي لڳڻ ڪري پاڪ آرمي جو رٽائرڊ ايس ايس جي ڪمانڊو قربان سهتو سخت زخمي ٿي پيو، اطلاع تي نيوسعيدآباد پوليس پهچي زخمي کي نيوسعيدآباد جي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمي کي طبي امداد ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ لمس حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، زخمي جي پٽ سبحان علي سهتو موجب سندن زرعي زمين تي سڪندر علي سهتو عبدالحفيظ سهتو هٿياربندن سان گڏ قبضو ڪيو آهي جيڪي ڪنهن به وقت اسان کي جاني مالي نقصان پهچائي سگهن ٿا، هن گهرو وزير، آئي جي سنڌ پوليس، ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته

سندن زمين تان قبضو ختم ڪرائي قبضو ڪندڙ هٿياربندن کي ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

ان موقعي تي اڳواڻن حبيب الله ڏگهي رحمت الله ڪيريو الهجڙيو پنهور، غلام رسول ڏاهري، ممتاز گهوٽاڻي، حاجي محمد ڪيريو محمد عثمان جمالي، نصرت جمالي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته مخدوم خاندان هميشه سنڌ جي عوام جي بي لوث خدمت ڪئي آهي ۽ سنڌ جو عوام ساڻن دلي محبت ڪري ٿو، مخدوم خاندان سنڌ ۾ عوامي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۽ سياست ڪئي آهي، عوام مٿن ڀرپور اعتماد ڪري ٿو هنن چيو ته مخدوم اسان جا روحاني مرشد آهن جن هميشه پيار امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي، جنهن سان انسان جي دنيا ۽ آخرت ڪامياب ٿي وڃي ٿي تقريب جي آخر ۾ سروري جماعت جي اڳواڻن طرفان پنهنجي روحاني پيشوا، ملڪ ۽ قوم لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اسان ڪنهن تي به حملو ناهي ڪيو ۽ اسان خلاف لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن هنن چيو ته اسان جو 9 سالن کان گهٽي جي مامري تي پنهنجي برادري جي ماڻهن گهرام، عظيم، خدا بخش، پليو غلام قادر ۽ يونس وارن سان تڪرار هلندڙ آهي جن گذريل ڏينهن اسان جي گهرن تي حملو ڪيو جڏهن ته سامهون واري ڌر موبائيل چوري جو الزام هڻي ڊرامو رچائي پريشان ڪري رهيا آهن جنهن ۾ ڪابه صداقت ناهي هنن چيو ته باثر علائقي جي معززين وٽ به فيصلو ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ڪورٽ سگهوري پڻ کين ڪوڙو قرار ڏنو آهي جڏهن ته مقامي انتظاميا کي پڻ ڳوٺ جي رستي تي قبضي بابت ڄاڻ آهي پر هو ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن اسان پوليس وٽ به دانهيو پر اڄان تائين پوليس ڪک پچي هيٺو ناهي ڪيو ۽ باثر موتمار ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري رهيا آهن ان لاءِ مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ڊپٽي ڪمشنر سميت ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان جي گهٽي تان ناجائز قبضو ختم ڪرائي، باثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

علي محمد هالو سميت دادو ۽ ڄامشورو جي ڏورانهن علائقن مان آيل پراڻا ۽ وفادار پارٽي ڪارڪنن جو وڏو انگ پڻ امجد بلوچ سان گڏ موجود هو، دوري دوران، امجد بلوچ پارٽي ڪارڪنن جي حالتن تي گهري ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ پارٽي قيادت تي زور ڀريو ته اهي انهن ڪارڪنن جو خاص خيال رکن، جيڪي مشڪل وقتن ۾ بهادري سان پارٽي سان گڏ بيٺل رهيا، هن فريال ٽالپر کي اپيل ڪئي ته هوءَ پارٽي جي گرائونڊ فورس لاءِ اميد جي واحد ڪرڻ آهي، ۽ انهن ڪارڪنن جي سار سنڀال لاءِ هڪ مضبوط نظام جوڙڻ گهرجي، جيڪو ڪارڪنن ۽ پارٽي قيادت جي وچ ۾ سڌو رابطو قائم ڪري، ڇاڪاڻ ته اڄ ڪارڪن ٻيهر جاگيرداري نظام جهڙين حالتن ڏانهن ڌڪجي رهيا آهن، امجد بلوچ جي سيوهڻ شريف، ڪي اين شاهه ۽ ميهڙ پهچڻ تي پارٽي ڪارڪنن پاران شاندار استقبال ڪيو ويو، ان کان علاوه، هن ڪجهه بيمار پراڻن پارٽي ڪارڪنن جي گهرن تي وڃي سندن عيادت پڻ ڪئي ۽ انهن لاءِ جلد صحتيابي جون دعائون ڪيون

خان ڳوڙڙ ۽ پڻ موجود هئا، جن ڳنڍجي ترقياتي ڪمن جو جائزو پڻ ورتو ان سلسلي ۾ سردار شاهد خان سهول پاران هڪ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي، جتي آيل مهمانن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو تقريب دوران مهمانن کي سنڌي ثقافت موجب اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پ پ طرفان عوام جي سهوليت لاءِ سندن بنيادي مسئلا حل ڪري رهيا آهيون ۽ اهو اسان کي بلاول ڀٽي زرداري جو پڻ حڪم آهي ۽ اسان جو منشور روٽي ڪپڙا اور مڪان آهي ٽرڙي محبت جي عوام هميشه محبتون ڏنيون آهن، جنهن تي اسين سندن ٿورائتا آهيون ان موقعي تي سردار شاهد خان سهول، ديدار خان ڳوڙڙ ۽ سردار غلام دستگير ڳوڙڙ پاران ايم اين اي کان وڌيڪ ترقياتي ڪمن لاءِ 5 ڪروڙ رپين جا فنڊ ۽ اڳ اعلان ڪيل 5 ٽرانسفارمر جلد فراهم ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي ايم اين اي عرفان جاني لغاري عوامي مطالبن کي مڃيندي اعلان ڪيو ته ٽرڙي محبت لاءِ 5 ڪروڙ رپين جا ترقياتي فنڊ جاري ڪيا ويندا ته جيئن مختلف علائقن ۾ رهيل ڪم مڪمل ٿي سگهن تقريب جي آخر ۾ آيل مهمانن جي اعزاز ۾ ڊنر پڻ ڏنو ويو جتي خوشگوار ماحول ۾ گڏيل هم آهنگي جو اظهار ڪيو ويو.

ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج جي اڳواڻن الزام هنيو ته حيدرآباد جي ميئر ڪاشف شورو بنا جواز 700 کان وڌيڪ ملازمن جي پينشن بند ڪري ڇڏي آهي، هنن الزام هنيو ته ڪمشنر بلديه ظهور لکن ميئر کي گمراهه ڪري پينشن بند ڪرائي آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته ڏگهي عرصي تائين پينشن نه ملڻ سبب سخت مالي مشڪلاتون پيدا ٿي ويون آهن ۽ گهرن ۾ فاقه ڪشي جهڙي صورتحال آهي. هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پينشن فوري طور بحال ڪئي وڃي ۽ راشي آفيسر ڪمشنر کي هٽايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

مري سان عوام جون محبتون گڏ آهن هن هميشه ٽنڊوالهيار سميت سنڌ ۾ رهندڙ مري برادري ۽ ٻين مختلف برادرين جي ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪئي آهي پاڻ سياست ۾ هجي نه هجي سندس در تي عوام جا ميلا لڳل هوندا آهن جتي عوام پنهنجي مسئلن جي حل ۽ مختلف فيصلن لاءِ گڏ ٿئي ٿي هنن چيو ته رئيس غلام قادر مري جي صحتيابي لاءِ سڄي سنڌ دعاگو آهي انشاءَالله هو جلد صحتيات ٿي پنهنجي عوام جي پهرين کان وڌيڪ خدمت ڪندو اسان پ پ پ ڪارڪنن سميت ساڻس محبت ڪندڙن کي چئون ٿا ته رئيس غلام قادر مري جي صحتيابي لاءِ وڌ کان وڌ دعائون ڪيون وڃن

جي مامي پاٽيجي وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو اسان جي عامر مگسي، عبدالغفور مگسي وسيم مگسي، ماجد مگسي، نياز مگسي تي بيگناهه ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن چيو ته اسان جو ڪٺوهر برادري جي مامي پاٽيجي جي جهيڙي سان ڪوبه واسطو نه آهي ايس ايڇ او جهول محمد اسحاق سنگراسي بلاوجه ڳري رشوت وٺي اسان جي ماڻهن مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي. هنن چيو ته ڪالو ڪٺوهر ملوڪ ڪٺوهر لياقت ڪٺوهر ۽ سندن

ساٿي بلاوجه اسان جي برادري جي معزز شخصيت عبدالغفور مگسي کي جهيڙي ۾ شامل ڪري رهيا آهن جڏهن ته جهيڙي ۾ جاڙون جي رهواسي وسيم مگسي جو پڻ نالو شامل ڪيو ويو آهي جيڪو هتي رهي ئي ڪون ٿو هنن چيو ته ڪٺوهر برادري اسان جي معزز شخصيت عبدالغفور مگسي جي سوشل ميڊيا ذريعي ڪردار ڪشي ڪري موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪو ناقابل برداشت عمل آهي هنن وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، گهرو وزير ضياء لنجار، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ٻين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

ٿي مرحوم غلام مصطفيٰ عرف شينهن خاصخيلي جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ دعا گهري وئي سماجي اڳواڻ مرحوم شينهن خاصخيلي جي تيجهي دعا جي تقريب ۾ پ پ ايم پي اي ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ساجدجوکيو جي فرزند واجدجوکيو پرسنل سيڪريٽري محمد انورخاصخيلي ڪائونسلر حسين بخش جوکيو چاچاسليمان خاصخيلي ڪراچي جي ضلعي ملير پ پ جي جنرل سيڪريٽري امداد جوکيو ضلعي ملير ڪراچي آرايس يو جي ڪوآرڊينيٽر رضابلوچ پ ٽ الف ڪڏاپ جي صدر وڏيري اعزاز علي جوکيو جنرل سيڪريٽري حيدر خاصخيلي پ ٽ الف سڪرٽر جي اڳوڻي اڳواڻ محرم الدين خاصخيلي سماجي اڳواڻ حافظ زوهيب خاصخيلي ابوبڪر خاصخيلي پرسنل سيڪريٽري اميرعلي جوکيو انجنيئر اڪرم بلوچ مصطفيٰ بلوچ اي ايس آءِ براهوجوکيو سماجي اڳواڻ ظهيراحمد جوکيو جاويد جوکيو استادنواب خاصخيلي ارباب خاصخيلي سينئرصحافي براڊڪاسٽر سخي غلام حسين خاصخيلي شاهد خاصخيلي اعجازخاصخيلي سميت سياسي سماجي ادبي صحافتي حلقن شرڪت ڪئي سوڳ وارو خاندان جي استاد نواب خاصخيلي ارباب خاصخيلي شاهد خاصخيلي اعجازخاصخيلي سان ڪراچي جي ڳوٺ خير محمد خاصخيلي ۾ تعزيت جوسلسلو جاري آهي

پوليس واپاري زبير شاهه تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ واپاري زبير شاهه ڳالهائيندي چيو ته مرغي جي دڪان تان گوشت وٺي رهيو هوس، ته پوليس اهلڪارن دڪان ۾ ويٺل نوجوان کي ڪيٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پڇا ڪرڻ تي اهلڪارن پاران ڌڪا ۽ دٻاءُ ڏيڻ بعد گارگند ڪئي وئي، جنهن بعد ڊيوٽي اٽڪاءَ جو ڪيس داخل ڪيو آهي، هن چيو ته آئون شهر جو عزتدار واپاري آهيان، مونسان انصاف ڪيو وڃي، جڏهن ته واپاري ايسوسيئيشن جي صدر نظام ميمڻ، اختر ڪچي، هارون سومرو ۽ ٻين چيو ته ڏڌو پوليس واپارين سان وڏو دوکو ڪري زبير شاهه مٿان ڪيس داخل ڪري زيادتي ڪئي آهي، اهڙي عمل خلاف لائحه عمل جوڙي رهيا آهيون، جڏهن ته صحافي صوفي نور محمد شاهه چيو ته پٽ مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

مستقل ڪرڻ لاءِ احتجاج ڪري رهيا هئا. طارق شاهه جاموٽ احتجاجي ڌرڻي ۾ پهچي ملازمن کان ملاقات ڪئي ۽ بعد ۾ او جي ڊي سي ايل جي مقامي انتظاميا سان ٽڙ پارٽي ملازمن کي مستقل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون، ذريعن موجب انتظاميا مسئلي جي حل لاءِ هڪ مهيني جي مهلت گهري ورتي، بعد ۾ طارق شاهه جاموٽ احتجاجي ملازمن جي نمائندن سان ڳالهيون ڪري کين احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو جنهن بعد ملازمن هڪ مهيني لاءِ پنهنجو احتجاج ملتوي اعلان ڪيو ته جيڪڏهن هڪ مهيني اندر کين پڪو نه ڪيو ويو ته هو ٻيهر احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڇڏيندا. انهي موقعي تي طارق شاهه جاموٽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هتان غريب ملازمن پنهنجي سڄي ڄمار او جي ڊي سي ايل کي ڏيئي ڇڏي آهي. کين فوري طور پڪو ڪيو وڃي. هن چيو ته هي هتي جي مقامي ماڻهو آهن ۽ روزگار تي پهريون حق انهن جو آهي. هن چيو ته هو اسلام آباد وڃي او جي ڊي سي ايل جي مينيجنگ ڊائريڪٽر سان ملاقات ڪري ملازمن جو مسئلو حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو طارق شاهه جاموٽ چيو ته او جي ڊي سي ايل ضلعي حيدرآباد مان اربين رپين جو تيل ۽ گيس حاصل ڪري رهي آهي، انتظاميا کي مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيئي بيچيني ختم ڪرڻ گهرجي.

پريس ڪلب جي صدر محمد حنيف ڳرگيز آسن ميگهواڙ پيارا علي نهڙي شفقت علي قائمخاني مولابخش جسڪاڻي نعمان وهاب ملڪ اسلام اقبال قائمخاني سميت نوجوان صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ محمد حنيف ڳرگيز نعمان وهاب ملڪ اسلام آسن ميگهواڙ غاضي نهڙي ايل جي راٺوڙ عمر ساگر لاشاري شفقت علي قائمخاني ممتاز جوڻيجو ۽ ٻين صحافين ممتاز نهڙي جي صحافتي خدمتن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هن هميشه حق ۽ سچ جي آواز کي اجاگر ڪيو آهي ۽ ٿرپارڪر جي پٺتي پيل غريب محروم ماڻهن جي مسئلن کي اجاگر ڪري اعليٰ اختيارين تائين پهچايو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته موجوده دور ۾ بيباڪ ۽ ايماندار صحافت انتهائي ضروري آهي ۽ ممتاز نهڙي جهڙا صحافي سماج لاءِ وڏو سرمايو آهن. ان موقعي تي ممتاز نهڙي خطاب ڪندي چيو ته صحافت هڪ ذميواري آهي، جنهن کي ايمانداري ۽ بهادري سان نڀائڻ گهرجي، هن چيو ته هو هميشه مظلوم ماڻهن جي حق لاءِ آواز اٿاريندو رهندو ۽ ڪنهن به دٻاءِ يا خوف کان سواءِ سچ کي سامهون آڻيندو رهندو، دوران صحافين وچ ۾ گڏيل اتحاد، پيشاوراڻه ذميوارين ۽ علائقي جي مسئلن بابت به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، ۽ چيو ته اهڙيون علمي ۽ صحافتي ويهڪون جاري رکيون وڃن.

جو مطالبو خبر موجب ٺئين ڪوٽ پرسان ڳوٺ جوڙي احمد دين ۾ بجلي جي تارن مان چڻنگ نڪرڻ سبب ڪڻڪ جي تيار ٿيل فصل کي باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ اڌ ايڪڙ تي بيٺل ڪڻڪ سڙي رک ٿي وئي، اطلاع ملڻ تي هارين ۽ ڳوٺاڻن پهچي باهه تي ضابطو آندو جنهن بعد زميندار جوڙي امين، پورو درس، محمد بخش ۽ ٻين هارين حيسڪو عملي خلاف احتجاج ڪندي چيو ته بجلي جون تارون ناڪاره بڻجي چڪيون آهن روز ڪرڻ ۽ چڻنگ ڪرڻ معمول بڻيل آهن هنن چيو ته اڄ باهه لڳڻ سبب کين لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي، هنن چيو ته 11 هزار وولٽيج وارين پراڻين ۽ ناڪاره بجلي جون تارون بار بار ڪرڻ سبب اهڙا واقعا پيش اچن ٿا هنن وڌيڪ چيو ته هو ڪيترائي ڀيرا حيسڪو سب ڊويزن

ٺئون ڪوٽ جي ايس ڊي او کي شڪايتون ڪري چڪا آهن، پر تاحال تارون تبديل ناهن ڪيون ويون، هنن چيو ته هفتو اڳ پڻ تارون ڪرڻ ڪري ايڪڙ ڪڻڪ سڙي ويو اڄ ٻيهر واقعو پيش آيو آهي، متاثرن اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته جلد نقصان جو ازالو ڪري نيون بجلي جون تارون لڳايون وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

ڪراچي شفٽ ڪرڻ جو حڪم ريتي ملاوٽ واري معاملي انڪوائري جي نالي تي گم ملوث عملدارن سياسي اثر رسوخ جي ڪري فرار خبر موجب سنڌ حڪومت طرفان ڪڻڪ جي خريداري لاءِ 35 سئو رپيا اگهه مقرر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ٽنڊوالهيار ۾ ڪڻڪ جي گودام ۾ ٻجري ملاوٽ وارو مامرو حل نه ٿيڻ ڪري ٽنڊوالهيار جي آبادگارن ۾ ڳڻتي جي لهر پيدا ٿي وئي آهي ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب هن وقت گودام ۾ 30 هزار ڪڻڪ جون ٻوريون پيل آهن جن کي سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي شفٽ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي جنهن بعد ملوث ماڻهن خلاف انڪوائري ڪرڻ بعد ڪارروائي ڪئي ويندي ٻي پاسي ٽنڊوالهيار جي گودام ۾ پيل ڪڻڪ جون ٻوريون ڪراچي شفٽ ڪرڻ ۽ نئين خريداري وقت سر نه ٿيڻ سان آبادگارن کي وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو جڏهن ته شهر ۾ چڪي ۽ فلور ملز کي ڪڻڪ وقت سر نه ملڻ سان اٽي جو بحران پڻ ٿي سگهي ٿو جنهن سان اٽي جي اگهن ۾ واڌ جا چٽا امڪان نظر اچي رهيا آهن انهي حوالي سان رابطو ڪرڻ تي آبادگار اڳواڻ عبدالرحيم درس عبرت کي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت آبادگارن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي ڪڻڪ پوکائي لاءِ مليل سبسيڊي ۾ به من پسند ماڻهن کي نوازيو ويو چمبڙ تعلقي جي 6 سئو آبادگارن جا فارم رد ڪيا ويا جيڪي حقيقي ماڻهون هئا هن چيو ته آبادگار اڳ ئي پريشان آهي وري ٻجري ملاوٽ واري اسڪينڊل کان پوءِ وڌيڪ پريشان ٿي ويو آهي حڪومت کي گهرجي ته آبادگارن ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ لاءِ تڪڙا اپاءَ وٺي جيئن آبادگارن کي پنهنجو جائز حق ملي سگهي ۽ عوام کي وڌ کان وڌ رليف ملي

ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وڃي، محسن نقوي جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ۾ سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن جي خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون جو حڪم به ڏنو ويو. هن چيو ته ايف آءِ اي ۾ اصلاحات جو عمل هن سال ڊسمبر تائين مڪمل ڪيو ويندو ۽ ڊي جي ايف آءِ اي ڊاڪٽر عثمان انور بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته انساني اسمگلنگ ۾ ملوث مافين ۽ انهن جي سهولتڪارن جو جامع ڊيٽا جوڙيو پيو وڃي. هن چيو ته پرڏيهي ملڪن ۾ نوڪرين جي سمورن اشتهارن جي آن لائن نگراني ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته گمراهه ڪندڙ اشتهارن بابت عوامي آگاهي به يقيني بڻائي ويندي. محسن نقوي هدايت ڪئي ته ايف آءِ اي کي هر قسم جي منظم ڏوهه جي خلاف هر اول دستي جي طور تي منظم ڪيو وڃي ۽ اداري کي هر سطح تي مڪمل سپورٽ فراهم ڪئي وڃي. ڊي جي ايف آءِ اي وڌيڪ ٻڌايو ته اداري ۾ احتساب کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ شفاف ۽ موثر نظام واضح ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٻين ايجنسيز سان ورڪنگ گروپس ۽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽيز به قائم ڪئي پئي وڃي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته اميگريشن، اينٽي هيومن اسمگلنگ ۽ مني لانڊرنگ جي خلاف موثر ڪارروائي جي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي به يقيني بڻايو پيو وڃي.

ڪري ٻٽي کي سيٽي ۾ لڳي جيڪو عمل اتفاق سان ٿيو آهي.

رند، جنرل سيڪريٽري بدرالدين اوٺو ڪمال الدين خاصخيلي سيد عقيل عباس شاهه، تصور حسين جٽ ۽ ٻين اڳواڻ استادن نيشنل پريس ڪلب پهچي ڊي اي او ۽ جي ناروا سلوڪ خلاف احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن محمد بخش رند ۽ ٻين چيو ته ٽريننگ ميٽنگ دوران استادن ڊي اي او ڄامشورو پانڌي خان ٽالپر کان سوال ڪيو ته تعلقي سيوهڻ جي 63 اسڪولن جي ڪاسٽ سينٽر جي بجيٽ نه اچڻ جو سبب ڇا آهي ؟ پر اهڙي سوال تي پانڌي خان ٽالپر تيز ٿي ويو ۽ سوال ڪندڙ استادن سان غير مناسب ۽ غير اخلاقي رويو اختيار ڪري استادن کي گارگند ڪري بدڪلامي ڪئي جنهن تي استادن ٽريننگ سيشن جو بائيڪاٽ ڪيو هنن الزام هنيو ته ڪافي سالن کان مقرر ڇاتايل ڊي اي او ڄامشورو ڪرپشن جا رڪارڊ قائم ڪندي اسڪولن لاءِ مليل بجيٽ هضم ڪندو رهيو آهي ۽ هن تعليمي ادارن کي تباهه ڪري ايس ٽي ايس تحت بدليون رشوت عيوض ڪيون آهن جنهن ڪري جتي ٻار آهن اتي استاد نه آهن ۽ جتي استاد آهن اتي وري ٻار نه آهن ڊي اي او ڄامشورو بائيو ميٽرڪ ۾ آئي ڊي بند ڪري رشوت وٺي وري کولي ڇڏي ٿو ۽ نون ڀرتي ٿيل استادن کي مالي رشوت عيوض تحت ٻين ضلعن ڏي بدلي ڪري تعليمي ڍانچي کي تباهه ڪري رهيو آهي هنن وزير تعليم سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ڊي اي او ڄامشورو جي بدانتظامي ۽ مالي بيقائدگين جي جاچ ڪرائي کيس جلد بدلي ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

صابري قوال جي گروپ قوالي پيش ڪري رنگ جمائي ڇڏيو. تنهن بعد سنڌ جي قديمي ثقافتي راند ملهه ۽ جاپان جي قديمي ثقافتي راند سومو جا گڏيل مقابلا ٿيا. شرڪت لاءِ سنڌ مان آيل ملهه پهلوان محمد صديق ۽ قربان هوٿيپوٽي مقابلي ۾ حصو ورتو، جڏهن ته پهلوان محرم مجيداڻي ريفريءَ جو ڪردار ادا ڪيو مقابلو چئن رائونڊن تي ٿيو پهرين رائونڊ ۾ سومو مقابلو پيش ڪيو ويو ٻئي رائونڊ ۾ ملهه مقابلو پيش ڪيو ويو جيڪو صديق کٽيو ٽئين رائونڊ ۾ سومو ۽ ملهه پهلوانن جو مقابلو سومو جي انداز ۾ پيش ڪيو ويو. جيڪو سومو پهلوان کٽيو جڏهن ته چوٿون رائونڊ سومو ۽ ملهه پهلوانن جي وچ ۾ ملهه واري انداز ۾ ٿيو جنهن ۾ پڻ صديق کٽيو سوڀارو ٿيو فيسٽيول ۾ شرڪت ڪندڙن وڏي دلچسپيءَ سان هي مقابلا ڏٺا ۽ پهلوانن کي ڀرپور داد ڏنو سنڌ مان گروپ ڪوآرڊينيٽر ناميارو سفرنامه نگار ۽ پبلشر قربان منگي، گروپ ليڊر ناميارو مصور ۽ انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين جو ڊائريڪٽر سعيد منگي، سنڌ جي ثقافتي لباس شلوار قميص، اجرڪن ۽ سنڌي ٽوپين ۾ ملبوس هن موقعي تي شريڪ ٿيا. سعيد منگيءَ هن موقعي تي ملهه راند جي تاريخ جي حوالي

سان تفصيل سان بيان ڪيو. هن موقعي تي سعيد منگيءَ پاران ملهه راند جي موضوع تي هڪ ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي وئي، قربان منگيءَ جپان جي سفير کي، سعيد منگيءَ شهر جي ميئر کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپين جا تحفا ڏنا. ملهه پهلوانن سومو پهلوانن کي اجرڪن جا تحفا ڏنا، جڏهن ته سومو پهلوانن پڻ کين جاپان جون ثقافتي سوکڙيون ڏنيون. جاپاني ميزبان علي جوهر زيديءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هن تقريب جو اهتمام ٿيو، جيڪو بنيادي طرح لقمان ،خيرپور ميرس، سنڌ ، پاڪستان جو رهواسي آهي. هن موقعي تي علي جوهر زيديءَ پاران آجياڻو پيش ڪيو ويو ۽ پڻ سنڌ مان آيل مهمانن کي سوکڙيون پيش ڪيون ويون. پاڪستان ايسوسيئيشن ڪانسائي جي اڳواڻ علي جوهر زيديءَ هن موقعي تي چيو ته سنڌ مان مهمانن جي آمد اسان لاءِ خوشين جا خزانا کڻي آئي آهي. جڏهن سنڌ جو ملاکڙو ۽ جاپان جي سومو راند يڪجا ٿيڻ سان محبتن ۽ عالمي ثقافتي يڪجهتيءَ جا رنگ نروار ٿيا آهن ۽ پاڪستان جاپان دوستي مضبوطيءَ جي سفر ڏانهن وڌي آهي. هن اهو به چيو ته جاپان جي سومو پهلوانن کي پڻ سنڌ پاڪستان ۾ اچي هن قسم جا مقابلا ڪرڻ گهرجن جنهن لاءِ پاڪستان حڪومت کي اڳڀرائي ڪرڻ گهرجي.

جو مڙهه قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا هئا مزدا ڊرائيور مزدا سميت فرار ٿي ويو واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي

رپيا اسان کي ادا ڪيا بقايا رقم جي گهر ڪئي ته هو موت مار ڌمڪيون ڏيڻ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳو آهي هنن جو چوڻ آهي ته اسان پنهنجي زرعي زمين وڪرو ڪئي آهي پر هو حق گهرڻ تان اسان مٿان ڌمڪيون پيو آهي اسان وزير اعليٰ سنڌ، صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ،ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ايس ايس پي خيرپور ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ٿا ڪيون ته اسان کان زرعي زمين خريد ڪندڙ باثر غلام سرور جاگيراڻي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري رهيل زمين جي رقم ڏياري جاني مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ضايع ڪري منهنجي ويڊيو ناهي جهول پوليس مون کي انصاف ڏيڻ بجاءِ جوابدار ڌر کان پيسا وٺي مون سميت 6 ڄڻن تي جهيڙي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي جڏهن ته آئون هلڻ ڦرڻ کان لاچار آهيان کٽ تي پيو آهيان هن چيو ته مون سان ظلم ٿيو آهي جوابدار ڌر سرڪش آهي منهنجي جان کي خطرو آهي ان سلسلي ۾ آءِ جي سنڌ وٽ دانهيو آهي جنهن نوٽس ورتو آهي هن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

هنن دانهيو ته سندن زمين سروي نمبر 16 ۽ 17 ديهه عبدالله ۽ ديهه ٽرائي ۾ آهي، جتي روينيو عملدارن کاتن ۾ هير ڦير ڪري جعلي داخلائون رکي ڇڏيون آهن، جڏهن ته 2007 کان وٺي ڪيس هلندڙ آهي، جتان ڊي سي خيرپور، ڪمشنر سکر ۽ عدالت مان به فيصلا سندن حق ۾ اچي چڪا آهن، ۽ مخالف ڌر جون اپيلون ۽ رکيل جعلي انٽريون عدالتي حڪمن تحت رد ٿي چڪيون آهن، ان باوجود مخالف ڌر جي باثرن علي نواز خادم حلڻ، مسمات سومران کان ڳري رقم وٺي سال 2026 ۾ وري ٻيهر جعلي داخلا رکي وئي آهي، هنن دانهيو ته روينيو عملدارن کين دربدر ڪري ڇڏيو آهي، مخالف ڌر جعلي داخلائن رکرائي ڪنڊ ڪوٽ مان ڏوهاري گهرائي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، برادري جي ڇڱن جي فيصلن کي به نٿو مڃيو وڃي، هنن چيف جسٽس سنڌ، روينيو بورڊ جي چيئرمين ۽ ٻين وسوارن کان نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

محمد اڪرم بلوچ ڊي ايس پي لائسنس نوابشاهه غلام مصطفيٰ بلوچ، ايس ايڇ او اڏيرولال اسٽيشن نظام الدين شيخ ايس ايڇ او غلام مصطفيٰ عاقلاڻي، اڳوڻو جنرل مينيجر الحبيب بينڪ بلوچستان حاجي فيض محمد انڙ حاجي پورو خيبر، عبدالغفور هنگورو، صدر عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن، سميت سياسي سماجي اڳواڻ ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جڏهن پونئرين سان ڳوٺ حاجي جمع خان بلوچ ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

سولنگي الطاف ۽ ٻين ڳالهائيندي چيوته فيض گنج تعلقي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل آهي جنهن سبب ماڻهو گهرن ۾ به غير محفوظ آهن هنن چيوته سبزي جي دڪاندار امام بخش غريب پورهيت آهي جنهن کان ڦر ٿي آهي هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽر سائيڪل سميت سمورو سامان واپس ڪرايو

دوران ڪيترين ئي دڪانن ٻاهران رکيل سامان پڻ ضبط ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر عارف بتول جو چوڻ آهي ته انهن قدمن جو مقصد شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۽ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي هن واضح ڪيو ته ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه ڏني ويندي ۽ شهر کي صاف سٿرو ۽ منظم بڻائڻ لاءِ اهڙا قدم جاري رهندا هن وڌيڪ چيو ته رستن ۽ فوٽ پاٿن تي قائم غيرقانوني قبضا ختم ڪرڻ لاءِ آپريشن بغير فرق جاري رهندو انڪروچمينٽ خلاف هن آپريشن دوران پوليس ۽ ميونسپل ڪميٽي جو عملو پڻ موقعي تي موجود رهيو ۽ انتظاميا سان مڪمل سهڪار ڪيو. هن موقعي تي ميونسپل ڪميٽي شڪارپور جي سي ايم او عبداللطيف راجپوت سميت ميونسپل جو عملو پوليس آفيسر ۽ ضلعي انتظاميا جا آفيسر ۽ عملو موجود هئا.

عبدالمجيد ولد روشن علي ابڙو کي پستل جو سڌو فائر مٿي ۾ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، جڏهن ته زخمي نوجوان جي وارثن عورتن ۽ ٻارڙن جي دانهن تي جوابدار پنهنجي پٽن سميت فرار ٿي ويو زخمي نوجوان جي وارثن حد جي ٿاڻي باقراڻي تي اطلاع ڏيڻ بعد زخمي نوجوان کي ترت علاج لاءِ لاڙڪاڻي ٽراماسينٽر کڻائي ويا، هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي زخمي نوجوان جي پيءُ عاشق

علي صحافين کي ٻڌايو ته اسان جو چاچو وريام ڏوهاري قسم جو ماڻهو آهي ۽ قتل سميت ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل آهي، جيڪو اسان جي اوطاق ۾ منشيات هيروئن ۽ آئس وڪرو ڪري رهيو هو جنهن کي ڪافي ڀيرا اسان منع ڪئي ته بابا اسان جي اوطاق ۾ اهڙي قسم جي حرڪت نه ڪر منع ڪرڻ بعد به هو ڪو پٽي مڙيو جنهن ته گذريل ڏينهن منهنجو ڀاءُ عبدالمجيد جيڪو چاچي وريام جو ڀاڻيجو ۽ ناٺو پڻ آهي، جنهن وڃي چاچي کي منع ڪئي ته مان گورنمينٽ ملازم آهيان ۽ منهنجي اوطاق ۾ اهڙو غير قانوني ڪم نه ڪر ته ڪو ڀلو عمل ناهي، جنهن تي چاچي مجرمانه قتل جي ارادي سان منهنجي ڀاءُ کي پستل جو سڌو فائر مٿي تي ڪيو جيڪو دانهن ڪري واقعي واري هنڌ تي ڪري پيو جنهن بعد ٻارڙن ۽ عورتن جي دانهن تي جوابدار پٽن سميت فرار ٿي ويو آهي، ان موقعي تي هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو ،ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته خدارا اسان جي ظالم چاچي کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي اسان سان انصاف ڪيو وڃي،

بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ 2 مهينا اڳ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿيو هيو جنهن ۾ جتوئي برادري جو نوجوان مارجي ويو هيو 7اڄ بروهي برادري پاران ٻيين پيرو وڏيرو عبدالمالڪ بروهي پاران پير بجل الدين سرهندي وڏيرو سڪندر جوڻيجو ،ڊاڪٽر محراب خان لاڪير ،مير غلام مرتضيٰ ڳوڙڙ جي اڳواڻي ۾ منٿ ميڙ امن قافلو پاڪ ڪتاب ساڻ ڪري مقتول توفيق جتوئي ڌر جي وارثن وٽ پهتو جتي پير بجل الدين سرهندي جتوئي ڌر جي معزز حفيظ جتوئي ،ممتاز جتوئي ۽ عبدالخالق جتوئي کي ڪي پاڪ ڪتاب جو واسطو ڏئي جهيڙو نه ڪرڻ ۽ نباهه لاءِ زور ڀريو حفيظ جتوئي ،عبدالخالق جتوئي مثبت جواب ڏيندي جيڪو مير منٿ قافلي ۾ شامل سمورن ماڻهن لاءِ عزت آهي اسان جو نوجوان مارجڻ باوجود پاڪ ڪتاب به اسان ڏي کڻي ٿا اچو اسان نه اڳ جهيڙو ڪيو نه جهيڙي جو ارادو آهي قانوني ڪارروائي ڪرڻ اسان جو حق آهي سولنگي برادري کي جهيڙو نه ڪرڻ لاءِ اسان روڪيو هيو جيڪڏهن سولنگي ڌر بروهي ڌر سان جهيڙو ٿا ڪن ان جهيڙي سان اسان جو ڪو تعلق ناهي ان موقعي تي وڏيرو سڪندر علي جوڻيجو سيد سڪندر شاهه، مولوي عبدالغفار چانڊيو، ڊاڪٽر مجيب رحمان ڪلهوڙو ،شفقت سولنگي، مير عطاءِ ☐ زهري، مير تاج محمد بروهي، لياقت علي ڪنير ،علي شير جوڻيجو ،ڊاڪٽر سليمان بروهي، ڊاڪٽر فاروق لاشاري، D.Bبلوچ، حاجي حسين بخش بروهي ،ڪامريڊ مختيار بروهي سميت سول سوسائٽي جا ماڻهو شريڪ هئا

خانصاحب زلمي جي وچ ۾ مئچ ٿيو جنهن ۾ خانصاحب زلمي ٽاس کٽي پهريان بيٽنگ جو فيصلو ڪيو جنهن ۾ بهترين بيٽنگ ڪندي 226 جو ٽارگيٽ ڏنو ان کان بعد مير مارخور بهترين بيٽنگ ڪندي 215 تائين ئي اچي سگهي ۽ خانصاحب زلمي 11 رنس تان فائنل کٽي ورتو هن تقريب جا مهمان مير انوار بخش ٽالپر چيئرمين يونين ڪائونسل لواري شريف اياز انصاري اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر لواري شريف تنظيم جا مرڪزي اڳواڻ مولا بخش چنا پيار علي ٽالپر فتح الله جوڻيجو محمد سومار ڪوريجو تاجيه شاگرد تنظيم جا مرڪزي صدر حبيب الله جوڻيجو ۽ جنرل سيڪريٽري فيض الله قاضي تبيب الله ڪوريجو ۽ ضلع عهديدارن، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر عبدالفتاح جوڻيجو پروفيسر حيات ڪيريو ايڊووڪيٽ مير ممتاز ٽالپر، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلع جنرل سيڪريٽري ادي ساجده شجاع ٽالپر جن هٿان هن فائنل سرمني جي تاجيه شاگرد تنظيم نشات ضلع بدين طرفان پوري ٽورنامينٽ ۾ بهترين ڪم سرانجام ڏيندڙن کي اپريسيشن سرٽيفڪيٽس، ورڪن، اليڪٽريشن، نشات ميڊيا سيل، نشات والينٽيئرس سيڪيورٽي، مينيجمينٽ انچارج سجاد جوڻيجو ۽ اصغر علي ڪوريجو کي ڏنا ويا هن پوري ٽورنامينٽ جي مين آف دي سيريز جي ٽرافي سراج جوڻيجو کي ڏني وئي ۽ فائنل ۾ مين آف دي مئچ جي ٽرافي به سراج جوڻيجو پنهنجي نالي ڪري ورتي، فائنل مئچ جي رنرپ جي ٽرافي مير مارخور ڏانهن وئي ۽ فائنل مئچ ونر جي ٽرافي خانصاحب زلمي ڏانهن وئي ڪرڪيٽ جي شائقين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ امداد حسين ارمان خاصخيلي جي صدارت ۾ ٿي گذري ، ادبي ويهڪ ۾ ڊاڪٽر قادر بخش مگسي غزل ، آغا جان آغا غزل ، عبدالستار آڪاش تڪڙائي غزل ، وملي ڪيمچند شرما گيت ، رمضان آزاد لغاري نظم ، دانش ڪمار غزل ، امتياز علي رند ڪهاڻي ، نجيب الله گهراٽو ڪتاب سياڳي تي تبصرو پيش ڪيو ، ادبي ويهڪ ۾ پيش ڪيل تخليقن تي سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري اعجاز علي جسڪاڻي ، گل خاصخيلي ، پير ماجد جان سرهندي ، عاشق علي ڳاهو اعظم پٽي ، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي ، غلام نبي شاعر خاصخيلي ، محمد علي صابر سرهيو ، گل محمد سومرو ، محمد اشرف ڪنجلاڻي ، حاجي سميع الله نديم ميمڻ ،حاڪم علي رند، چنتو رمز خاصخيلي، فياض لغاري ، شاهه زمان قريشي ، جان محمد لغاري ، اياز علي سومرو ، سبزل ڪنڊاڻي ، محمد صديق ڪانباٽيڻ ، اياز لغاري ۽ ٻين تنقيدي ۽ اصلاحي رايا ڏنا ، ادبي ويهڪ جي وقتي صدر امداد حسين ارمان خاصخيلي صدارتي راءِ ڏيندي چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جون ڀرپور ادبي ويهڪون تمام بهترين ۽ اتساهه جو سبب آهن ، سينيئر توڙي جونيئر ليکڪ سکڻ ۽ سيکارڻ واري عمل کي مثبت انداز ۾ هٿي ونرائي رهيا آهن اهو حوصلو ئي ادبي سرگرمين جو مستقل مزاجيءَ سان قائم رهڻ جو سبب آهي ، جڏهن ته سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري خاڪي جاني جي پيءُ جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي فاتحه خواني ڪئي وئي ، ان موقعي تي سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري اعجاز علي جسڪاڻي اڳوڻن رابطا سيڪريٽرين اعظم پٽي ۽ آغا جان آغا ، ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي ، ۽ ٻين مسڪين ڪندي ملاڪاتياري کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته مسڪين ملاڪاتياري جي شاعري جو ننڍپڻ کان شوق هو علمي صحبتن عالمن ۽ شاعرن جي دوستيءَ جي اثر سبب 1943ع ۾ والد جي وفات کانپوءِ باقاعده شاعري ڪيائين ، ”ماهتاب ڪاتياري“ جي نالي سان پهريون ڪتاب ڇپايائين جيڪو

بدين پيپلزپارٽي اڳواڻ حاجي عبدالستار ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

بدين (ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع بدين جو نائب صدر جهونو اڳواڻ ۽ سينئر صحافي انيس ميمڻ سرڪشي ميمڻ جو ماماڻو حاجي عبدالستار ميمڻ ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ 80 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي سندس جنازي نماز آچر جي ڏينهن پير عالي شاهه عيد گاهه ۾ پڙهائي ويندي کيس شاهه قادري قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويندو سندس فرزندن پرويز ميمڻ عرفان ميمڻ فرحان ميمڻ نادر ميمڻ ڪامران ميمڻ سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ڪنڊڪوٽ ۾ جعفريه الائنس پاڪستان ضلعي اليڪشن، ڪوآرڊينيٽر فقير نظير ميراڻي منتخب

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۾ جعفريه الائنس پاڪستان ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ جي اليڪشن ٿي گذري اليڪشن مدرسه مصطفيٰ امام بارگاهه الحسيني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ ذوار وزير علي مشهيدي ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن اليڪشن ڪاميٽي جي ميمبر ذوار شاهنواز جعفري جي نگرانيءَ هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ ڪشمور ،ڪنڊڪوٽ ضلعي ڪنڊڪوٽ تعلقن جي ڪوآرڊينيٽر ۽ ڊپٽي ڪوآرڊينيٽر پاران ضلعي ڪوآرڊينيٽر ۽ ڊپٽي ڪوآرڊينيٽر جي اليڪشن ٿي جنهن ۾ ضلعي ڪوآرڊينيٽر فقير نظير احمد ميراڻي ۽ ڊپٽي ڪوآرڊينيٽر فرمان علي گولو جو اعلان ڪيو ويو جنهن بعد ڊويزن جي عهديدارن پاران نئين ضلعي قيادت کي مبارڪباد پيش ڪئي وئي جنهن بعد سنڌ جي روايت موجب ذوار وزير علي مشهيدي ،ذوار شاهنواز جعفري، مدرسه المصطفيٰ جي پرنسپال مولا نا اقرار علي الحسيني کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا ويا، جنهن بعد آمريڪا اسرائيل خلاف احتجاج ڪيو ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل مرده آباد جا نعرا هنيا ويا هنن چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل جو دماغ درست ڪرڻ ايندو آهي هن جي هوا نڪري وئي آهي هنن چيو ايراني اها قوم آهي جيڪا سر ڪٽائي سگهي ٿي پر جهڪائي نٿي سگهي هنن چيو ته پاڪستاني قوم ايران سان هر وقت گڏ آهي ۽ آمريڪا پنهنجي غلطي تسليم ڪري نه ته آمريڪا ۽ اسرائيل کي هميشه لاءِ دفن ڪيو ويندو هنن چيو ته آمريڪا جو حملو پوري مسلمانن تي حملو آهي اسان هن کي سبق سيکاري سگهون ٿا، هن موقعي تي سائين آفتاب علي شاهه تياغازي، عبدالوهاب راجپوت ،ڊاڪٽر ذوالفقار علي شاهه به موجود هئا

سروري جماعت ٿرپارڪر طرفان جونيئر مخدوم امين فهيم جي پهرين سالگره جي تقريب

مٺي (ڊ-ر) سروري جماعت ٿرپارڪر طرفان ولي عهد مخدوم محبوب الزمان جي فرزند جونيئر مخدوم امين فهيم جي پهرين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب سروري جوڻيجا هائوس مٺي تي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سراج سومرو سعيد ميمڻ پير شاهه مير محمد جوڻيجو غلام مصطفيٰ ڪوس هاشم جوڻيجو عنايت جوڻيجو ڏسپلاٽو جوڻيجو ۽ ٻين سروري جماعت جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سروري جماعت سدائين صبر تحمل ۽ رواداري جي سوچ ۽ هر ڪنهن سان محبت پيار جي پرچار ڪئي آهي سروري جماعت جي روحاني پيشوائن مخدوم طالب المولي کان ولي مخدوم امين فهيم ۽ جميل الزمان تائين سمورن عوامي خدمت تي يقين رکيو آهي ۽ هن ملڪ جي وقار عزت خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي هنن چيو ته جونيئر مخدوم امين فهيم به سروري جماعت جي روحاني پيشوا مرحوم امين فهيم وانگر سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪندو

بلوري ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران ايوب ٻائيتار سان روح رهاڻ رچائي وئي

ميرپوربٺورو (ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپوربٺورو طرفان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپوربٺورو جي حميد شاهين هال ۾ ادبي سنگت شاخ بلوري جي ميمبر ۽ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايوب ٻائيتار سان روح رهاڻ رچائي وئي جنهن ۾ جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چئرمين نواز خان زئور،ادبي سنگت جي عهديدار گل ٻيبي شاهه عوامي تحريڪ جي علي محمد پرويز،نور محمد ڪبير،غلام نبي زئور،مير ڏڳڙ ۽ ٻين خطاب ڪيو رهاڻ ۾ ادبي سياسي سماجي ڪارڪنن جي شرڪت سنڌياڻي تحريڪ جون عورتن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ملاڪاتيار جي درويش جي ڪرامتن جي قصيدن تي مشتمل هو سندس ٻيو ڪتاب سندس ٽيون شعري مجموعو ”ساوڻ ڪاڻ سڄاڻ“ ڇپجي پڌرو ٿيو بهترين شاعري تي کيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ مليا، تڪڙ سان وابستہ اعليٰ پايي جي عالم علامه قاضي سيد اسدالله شاهه ۽ امداد حسينيءَ سان سندس خاص تعلق رهيو ، ملاڪاتيار تڪڙ ٽنڊو محمد خان ۽ ان جي آسپاس ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۽ ادبي محفلن ۾ مسڪين ملاڪاتياري جي شرڪت کي لازمي سمجهيو ويندو هو اهو ئي سبب آهي جو هو مشاعرن ۾ پنڌ به پهچي وڏي چڙهي حصو به وٺندو هو مسڪين ملاڪاتياري جي شاعري سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپبي سنڌي ادبي سنگت، ذات ڏيپ مارڪو علامه آءِ آءِ قاضي ادبي فورم سميت ڪافي علمي ۽ ادبي ادارن سان سلهاڙيل رهيو ، مسڪين ملاڪاتياري جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو

برادرين جي 7 اهم شخصيتن پ پ ۾ شموليت جو اعلان خبر موجب ڪي اين شاهه جي يونين ڪائونسل فتح پور ۾ بروهي برادري ۽ مري برادري جي 7 اهم شخصيتن ساٿين جي موجودگي ۾ جي ڊي اي پارٽي کي الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو تي اعتماد جو اظهار ڪندي برادري ۽ پنهنجن ساٿين سميت پ پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو پ پ ۾ شامل ٿيندڙ عبدالمالڪ بروهي، عنايت الله بروهي، قادر بخش بروهي، سيف الله مري، نظير مري، دودو خان مري پنهنجن ساٿين سميت شامل ٿي ويا جن کي پارٽي جا مفلر پارائي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو پاران پ پ ۾ شامل ٿيندڙن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته برادرين مون مٿان اعتماد ڪيو آهي مان انهن جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندس هن چيو ته پ پ جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي ڪي اين شاهه عوام هميشه جوڻيجا خاندان کي عزت مان محبت ڏني آهي انهي کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي پ پ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به پارٽي وٽ روزگار ۽ ترقياتي پروگرام ناهن پ پ عوام جي بي لوث خدمت ڪئي آهي جڏهن ته چور دروازي کان اقتدار ۾ ايندڙ مخالفن جو سچ لهي چڪو آهي ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه صدر لالا اعجاز حسين چانڊيو مشهودالحق گاڏهي، ميونسپل ڪميٽي ڪي اين شاهه وائيس چيئرمين ڊاڪٽر غلام محمد شيخ، سٽي صدر مرتضيٰ لغاري، يوسي فتح پور چيئرمين رئيس شڪيل احمد چانڊيو، يوسي چنڊڻ چيئرمين خادم حسين ٻهن رئيس مظهر نبي لغاري، رئيس محمد ايوب لغاري، پرسنل سيڪريٽري غلام عباس ناچ، ممتاز علي ملاح، مير احمد ٻهن رياض حسين بروهي، بخشل لغاري، محسن ابڙو مقصود جوڻيجو ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا

خيرپور ويجهو سولنگي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڳوٺ سنڌو سولنگي واسي ڌرين ۾ پئسن جي ليتي تان جهيڙي دوران فائرنگ ۾ اهلڪار منصور سولنگي ٿلهي تي دم ڏنو

ٺوڦيوڊيرو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

واقعو پئسن جي ڏي وٺ جي ڪري پيش آيو آهي ۽ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي، وڌيڪ جاچ جاري آهي: پوليس

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي تعلقي ٺوڦيوڊيرو جي ڳوٺ سنڌو سولنگي ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو جنهن دوران سرڪاري اهلڪار گولي لڳڻ سبب فوت واقعو پئسن جي ڏي وٺ سبب پيش آيو تفصيل موجب خيرپور جي تعلقي ٺوڦيوڊيرو جي ڳوٺ سنڌو سولنگي ۾ سولنگي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ سرڪاري اهلڪار منصور سولنگي فوت ٿي ويو. پوليس مقتول منصور سولنگي جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دڙو: واپاري تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڄامشورو جي صحافين جي گهرن تي حملن خلاف خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو

قلم ڌڻين خان محمد مگنهار، غلام قادر سومرو عبدالمجيد پنهور ۽ ٻين احتجاج ڪيو

باريجا پائرن جي گهرن تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

خيرپور (ڊ ر) ڄام شورو جي صحافين ڏتي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو خلاف حق ۽ سچ لکڻ جي ڏوهه ۾ دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل خلاف خيرپور جي صحافين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو پريس ڪلب خيرپور اڳيان احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست اعليٰ خان محمد خان مگنهار صدر غلام قادر سومرو عبدالمجيد پنهور شاهنواز ڪلهوڙو غلام حسين ميراڻي گل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو گڏاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، عورت زخمي

ڳوٺ ناڙي گڏاڻي ۾ پراڻي سڱاوتي تڪرار تان جهيڙي ۾ نصيبان زخمي ٿي پئي

زخمي عورت کي سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو، متاثرن پاران جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ناڙي گڏاڻي ۾ پراڻي سڱاوتي تڪرار تان گڏاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائرنگ سبب عورت نصيبان گڏاڻي زخمي ٿي پئي زخمي عورت کي ليٽر ملڻ بعد سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ عورت صاحبان گڏاڻي احتجاج ڪندي الزام هنيو ته ڪجهه مهينا اڳ سندس مڙس غلام مصطفيٰ گڏاڻي کي مخبري جي الزام هيٺ قتل ڪيو ويو هو جنهن ڪيس جي فريادي مقتول جي ذيءَ نصيبان گڏاڻي آهي هن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شاهپورچاڪر لڳ نصرت ڪئنال ۾ لڙهندڙ لاش پوليس ڪڍڻ بدران اڳتي روانو ڪري ڇڏيو

ڄام صاحب ۽ ڪيهاڻي پوليس حدبنديءَ جو تڪرار ڄاڻائي لاش کي اڳتي روانو ڪيو

شاهپورچاڪر پوليس لاش ڪڍي روڊ هيلٿ سينٽر اسپتال منتقل ڪيو، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

شاهپورچاڪر (ن ع) سدا واهه ۾ 75 موري کان ڪيهاڻي ۽ ڄام صاحب کان نامعلوم لاش لڙهندو ڇنا دستري نصرت ڪئنال شاهپورچاڪر پهچي ويو نامعلوم لاش پوليس جي نااهلي بيحسي جي انتها ٻن ٿاڻن ڄام صاحب ۽ ڪيهاڻي پوليس وارن لاش کي ٻاهر ڪڍڻ بدران حدبندي جو تڪرار ڄاڻائي لاش کي اڳتي روانو ڪري ڇڏيو جيڪو شاهپورچاڪر ٿاڻي حد ۾ سدا واهه شاخ ۾ لڙهي پهتو آهي لاش کي ڪڍڻ لاءِ شاهپورچاڪر پوليس واقع واري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پ پ اڳواڻ رئيس غلام قادر مري بيماري سبب ڪراچي اسپتال ۾ داخل

مري هائوس تي قرآن خواڻي ڪرائي سندس صحتيابي لاءِ دعائون گهريون ويون

ڪنڊيارو(ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينئر اڳواڻ ۽ مري برادري سنڌ جو سرواڻ رئيس غلام قادر مري بيماري سبب

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ مگسي برادري جو جهول پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪلوهر برادري جي جهيڙي جو اسان جي ماڻهن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

ڪلوهر برادري جي مامي پاڻيچي جي جهيڙي سان ڪو به واسطو ناهي، نوٽيس ورتو وڃي

هالا (ت ر)هالا ۾ مگسي برادري جي ماڻهن جو جهول پوليس پاران ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو ويو مگسي برادري جي ماڻهن خالد مگسي علي رضا مگسي احمد مگسي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته سانگهڙ ويجهو دلشاخ تي زرعي زمين تان ڪلوهر برادري

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: تيل ڪمپني جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن ٻي طرف ايم اين اي طارق شاهه جاموٽ ساڻن ڳالهائي رهيو آهي

سيوهڻ ۾ ڳوٺاڻي جو زال ۽ ساهورن جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ جي يوسي ٻاجارا ۾ ناريءَ جي متاثر مڙس قاسم خاصخيلي پاران ڇڏي ويل زال مسمات عزت خاتون مبينا ناجائزين ۽ ڪوڙڻ الزامن خلاف پنهنجي سهري ۽ برادري سان گڏ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: زخمي عورت کي ايمبولينس ۾ نيو پيو وڃي

وڳڻ پوليس پاران ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪرڻ جي دعويٰ

وڳڻ (ن ع) وڳڻ پرسان اسپيشل فورس اعجاز ٻکيهو جي ڪيمپ ڳوٺ علي اصحابو ۾ گشت دوران ڦر جي ارادي سان بيٺل ڦورن کي ڏٺو جن پوليس کي ڏسندي ئي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي اسپيشل پوليس رفان فوري طور پيڇو ڪيو ويو ۾ ڦورو ميرواهه روڊ وٽ هڪ ون ٽو فاءِ موٽر سائيڪل ڇڏي اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويا پوليس ڪارروائي دوران ون ٽو فاءِ موٽر سائيڪل برآمد ڪري ورتي جيڪا وارهه جي رهواسي جمع خان بروهي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: زرداري اتحاد جي اڳواڻن جو مرحوم عبدالغفور زرداري جي وارثن سان تعزيت

راڌڻ (ن ع) زرداري اتحاد سنڌ پاڪستان ضلع دادو جي عهديدارن ڳوٺ ڄام زرداري جي چڱي مڙس ۽ ضلع دادو زرداري اتحاد جي صدر سرائي طالب حسين زرداري، نائب صدر اسد شوڪت زرداري ايڊيشنل سيڪريٽري اياز علي زرداري جنرل سيڪريٽري شهمير زرداري ۽ فنانس سيڪريٽري سجاد علي زرداري پنهنجي ٽيم سان گڏ ضلع نواب شاهه جي علائقي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پورهيت اڳواڻ شينهن خاصخيلي جي لاڏاڻي تي سنڌهاري ڪاميٽي جو ڏک جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڦرحيدرجتوئي سماجي ۽ ڊرائيور يونين جي اڳواڻ شينهن عرف غلام مصطفيٰ خاصخيلي جي اوچتو دل جي دوري سبب لاڏاڻي تي ڏک جواظهارڪيو آهي سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ڦرحيدر جتوئي سماجي اڳواڻ شينهن خاصخيلي جي وڇوڙي تي استادنواب خاصخيلي ارباب خاصخيلي شاهد خاصخيلي اعجاز خاصخيلي سنڌجي سينئرصحافي براڊڪاسٽر ماهرموسميات سخي غلام حسين خاصخيلي سينئرصحافي ۽حيدرآباديونين آف جرنلسٽس جي فنانس

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ٻاجارا جي رهواسي مڙس جو زال خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

جاپان ۾ اوساڪا ڪلچر فيسٽيول ۾ ملهه جي مقابلي ۾ سنڌ جا پهلوان سوڀارا

اوساڪا ۾ منعقد مقابلن ۾ پهلوان قربان هوٿيپوٽو،صديق ٻگهي ۽ ٻين حصو ورتو

سعيد منگيءَ پاران ملهه راند جي موضوع تي هڪ ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي وئي

خيرپور(ڊ ر) پاڪستان ايسوسيئيشن ڪانسائي جاپان پاران جاپان جي شهر اوساڪا ۾ منعقد ٿيندڙ عالمي پاڪستان اوساڪا ڪلچرل فيسٽيول جي پهرين ڏينهن واري تقريب ڪانسائي جي هڪ شاندار هال ۾ ٿي جنهن ۾ جاپان ۾ رهندڙ پاڪستانين ۾ مقامي شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي هن فيسٽيول جو افتتاح جاپان ۾ قائم پاڪستان ايمبيسيءَ ۾ مقرر سفير عبدالحميد ۽ ڪانسائي جي ميئر ڪئي شروعات ۾ سنڌ مان آيل

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ پ ٽ الف ۽ استادن پاران ڊي اي او ڄامشورو خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين محمد بخش رند، بدرالدين اوٺو، ڪمال الدين خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

استادن کي گارگند ڪري بدڪلامي ڪندڙ ڊي اي او خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: مظاهرين

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ تعلقي جي تعليمي ادارن جي فلاح بهبود بابت آيل اسپيسفڪ بجيٽ کي خرچ ڪرڻ لاءِ منعقد ڪيل ٽريننگ سيشن جو استادن پاران بائيڪاٽ ڪيو ويو آهي، ملنيل ڄاڻ موجب پ ٽ الف تعلقي سيوهڻ سان لاڳاپيل عهديدارن ۽ استاد هيڊ ماسترن ڊي اي او ڄامشورو جي نامناسب رويي ۽ گندا لفظ استعمال ڪرڻ خلاف احتجاجن ٽريننگ سيشن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو آهي، جنهن بعد پ ٽ الف تعلقي سيوهڻ جي صدر محمد بخش

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پسٽل سان حرڪت ڪندي ٻه ٻارڙا زخمي، اسپتال داخل

پٺائي ڪالوني ۾ زخمي صدرالدين ناريجو ۽ مزمل ٻبر کي وارث اسپتال ڪٺائي آيا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پسٽل سان حرڪت ڪرڻ جو نتيجو گولي لڳڻ ڪري مبينا 2 ٻارڙا زخمي ٿي پيا پٺائي ڪالوني واري علائقي جي رهواسين ٻن ٽينيجرن صدرالدين ناريجو ۽ مزمل ٻبر پسٽل چيڪ ڪرڻ دوران گولي هلڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا جن کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي زخمي ٽينيجر ٻڌايو ته هڪ پسٽل جنهن کان اسان اتفاق هٿاسين غلط چيڪ ڪرڻ دوران گولي هلڻ سبب منهنجي ڏندن کان ڪراس

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لطيف آباد نمبر 4 جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ديرو ۾ سپاف لمس حيدرآباد جي اڳواڻن جي پ پ چيئرمين سان ملاقات

سپاف اڳواڻ عبدالغفار ڪاتيار ۽ ٻين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ليبرز ونگ اڳواڻ فريال ٽالپر سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال سميت شاگردن جدوجهد بابت ڳالهيون ٿيون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال لمس حيدرآباد ۾ سپاف يونٽ جي جنرل سيڪريٽري عبدالغفار ڪاتيار ۽ ٻين پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پ پ ليبرز ونگ اڳواڻ فريال ٽالپر سان نئوديرو بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي سپاف اڳواڻن پاران پ پ چيئرمين وچ ۾ ملڪ جي موجوده سياسي حالتن ۽ شاگردن جدوجهد بابت ڳالهيون ٿيون پ پ چيئرمين پاران سپاف اڳواڻن کي سنڌن جدوجهد کي ساراهيندي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت جو ڪٽڪ جي خريداري لاءِ 35 سئو روپيا اگهه مقرر

بجري ملاوٽ واري اسڪينڊل کان پوءِ وڌيڪ پريشان ٿي ويا آهيون: آبادگار

ڪٽڪ پوکائي لاءِ ملنيل سبسيڊي ۾ به من پسند ماڻهن کي نوازيو ويو

حڪومت کي گهرجي ته آبادگارن ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ٺوس اپاءَ وٺي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) سنڌ حڪومت طرفان ڪٽڪ جي خريداري لاءِ 35 سئو روپيا اگهه مقرر . ڪٽڪ ۾ بجري ملاوٽ وارو اسڪينڊل حل نه ٿيڻ ڪري آبادگار سخت پريشان. گودام ۾ پيل 30 هزار بورين کي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ پرسان بجلي تارن مان ڪٽڪ جي تيار فصل کي باهه، احتجاج

ڳوٺ چوڌري احمد دين ۾ اڌ ايڪڙ ڪٽڪ سڙي رک، لکين رپين جو نقصان

11 هزار وولٽيج جون پراڻيون ۽ ناڪاره تارون بار بار حادثن جو سبب بڻجن ٿيون: هاري

نئون ڪوٽ (ن ع) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ چوڌري احمد دين ۾ بجلي جي تارن مان ڪٽڪ جي تيار ٿيل فصل کي باهه اڌ ايڪڙ تي بيٺل ڪٽڪ سڙي رک ، هارين جو حيسڪو عملدارن خلاف احتجاج ،انصاف

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ صحافي ممتاز نهڙي جي مان ۾ رهاڻ جو اهتمام

بيباڪ صحافت وقت جي اهم ضرورت، ممتاز نهڙي جهڙا صحافي سماج جو سرمايو آهن:مقرر

مظلومن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهندس، صحافت ايمانداري ۽ بهادري سان نڀائڻ گهرجي: ممتاز نهڙي

نئون ڪوٽ (ن ع) ٿرپارڪر ضلعي ۾ غريب ۽ مظلوم طبقن جي دٻيل آواز کي اقتداري ايوانن تائين پهچائڻ لاءِ هميشه سرگرم ۽ بيباڪ صحافي ممتاز نهڙي جي مان ۾ نئون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ صحافين پاران پروقار رهاڻ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي سينيئر صحافين

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ لڳ تيز رفتار مزدا ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

انڊس هاءِ وي اوڳاهي لاڙي وٽ تيز رفتار مزدا ۽ موٽر سائيڪل ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ 20 سالن جو علي رضا ولد راحب علي سهرياڻي ٿلهي تي فوت ٿي ويو

زخمي ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪنڊڪوٽ ٺل انڊس هاءِ وي اوڳاهي لاڙي وٽ تيز رفتار مزدا جو موٽر سائيڪل ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار 20 سالن جو علي رضا پٽ راحب علي سهرياڻي ٿلهي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي نوجوان علي رضا سهرياڻي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) پرڳڙي محلي جي رهواسين شڪيل احمد جاگيراڻي عرفان علي جاگيراڻي پريس ڪلب خيرپور پهچي صحافين اڳيان داهيندي چيو ته 2024 ۾ لاڙڪاڻو جي ڳوٺ حاجي رضا محمد جاگيراڻي ۾ اسان پنهنجي زرعي زمين 7 ايڪڙ غلام سرور جاگيراڻي کي ٻه ڪروڙ ڏهه لک ۾ وڪرو ڪري ڏني سموري رقم قبضو وٺڻ جي ڇهن مهينن اندر ادا ڪئي ويندي پر زمين خريد ڪندڙ هڪ ڪروڙ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

محترم سائين محمد ايوب ٻانيٽار
روح رهاڻ
پاران: سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپوربٺورو ضلع سجاول

ميرپوربٺورو: سنڌ ادبي سنگت پاران محمد ايوب ٻانيٽار سان ٿيل روح رهاڻ جو ڏيک

جهول پوليس جهيڙي دوران ٽنگ ۽ ٻانهن کان ضايع ٿيل تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

زميني تڪرار تان جوابدارن ڪهاڙين جا وار ڪري ٽنگ ۽ ٻانهن ضايع ڪري ڇڏي آهي: نياز

ٻانهن ڪٽي پوليس ڏي ويس ته مون سميت 6 ڄڻن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) جهول پوليس پاران زمين جي تڪرار تان حملي ۾ ٽنگ ۽ ٻانهن ضايع ٿيل ٽنڊي آدم واسي نياز حسين ولد رستم مگسي سميت 6 ڄڻن خلاف مبينا طور جوابدار ڌر کان ڏيتي ليتي جي بنياد تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ هلڻ ڦرڻ کان لاچار نياز حسين مگسي ميڊيا اڏو داڻهيندي الزام مڙهيو ته اسان جو ڪالو خان واري ڌر سان زمين جو تڪرار آهي جوابدارن مون تي ڪهاڙين ۽ پستولن سان حملو ڪري ٽنگ ۽ ٻانهن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

فيض گنج ۾ ڪرونڊي واسي زال ۽ مڙس جو روينيو عملي جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

فيض گنج (ن ع) ڪرونڊي واسڻ مسمات شهزادي زال علي مراد ڏومڪي مڙس سان گڏ پريس ڪلب پهچي داڻهيو آهي ته مختيار ڪار فيض گنج ۽ روينيو عملي کين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پڪاچانگ ويجهو پورهيت کان هٿياربند موٽرسائيڪل ۽ رقم ڦري ويا، احتجاج

ڪرونڊي لڳ سبزي کپائيندڙ امام بخش سولنگي کان هٿياربندن ڦرلٽ ڪئي

واقعي خلاف علائقي واسين جو احتجاج، ڌرڻو جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

فيض گنج (ن ع) پڪاچانگ ۾ ريڙهو هلائيندڙ کان هٿياربندن پاران موٽر سائيڪل روڪ رقم ڦر واقعي خلاف دڪاندارن پاران احتجاجي مظاهرڪيو ويو پڪاچانگ شهر ۾سبزي کپائيندڙ امام بخش سولنگي کان ڪرونڊي لڳ هٿياربند موٽر سائيڪل موبائل فون 50 هزار روڪ رقم ڦرڪري فرار ٿي ويا سبزي واري کان ڦر واقعي خلاف پڪاچانگ جي سبزي دڪاندارن پاران ريلي ڪڍي مک چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو اڻ موقعي تي امام بخش سولنگي سليم

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال ڳوٺ حاجي جمع بلوچ جي معزز جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي تعزيتي سلسلو جاري

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرولال لڳ ڳوٺ حاجي جمع خان بلوچ جي معزز جان محمد بلوچ جي لاڏاڻي تي سندس پاءُ شاهه محمد بلوچ پٽ عبدالرؤف ۽ ٻين سان پ پ اڳواڻ سٽياري امجد بلوچ وفا وڏيرو شعيب ايوب هنگورو سرفراز الهجڙيو خاصخيلي شمن سهتو بادشاهه رند سيٺ محمد رحيم بلوچ سيٺ ڊاڪٽريم بلوچ ايڊوڪيٽ غلام صديق سومرو سرور خشڪ ضلع ڪائونسل ميمبر سٽياري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ غيرقانوني قبضن خلاف ضلعي انتظاميا جو آپريشن جاري

اي سي ڊاڪٽر عارفه بتول ۽ سي ايم او جي اڳواڻي ۾ عملدارن ڪارروايون جاري رکيون

رستم موڙ کان گهنٽا گهر لکي در تائين رستن ۽ فوٽ پاٿن تي قائم قبضا هٽايا ويا آهن: اي سي

شڪارپور (ڊ ر) ڪڏريل ڏينهن شڪارپور ۾ ضلعي انتظاميا طرفان شهر جي شاهراهن ۽ بازارن مان غيرقانوني قبضا ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروائي جاري آهي ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر عارفه بتول ۽ سي ايم او ميونسپل ڪاميٽي عابد لطيف راجپوت جي اڳواڻي ۾ شهر جي مختلف اهم علائقن ۾ ڪيون ويون انتظاميا رستم موڙ کان گهنٽا گهر لکي در تائين وڏي پيماني تي ڪارروائي ڪندي رستن ۽ فوٽ پاٿن تي قائم قبضا هٽائي ڇڏيا. آپريشن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٻاقراڻي ويجهو جوابدار پاڻيچي کي گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

ڳوٺ رواٽ ابڙو واسي وريام پاڻيچي عبدالمجيد ابڙو کي زخمي ڪري فرار ٿي ويو

چاچو منشيات وڪرو ڪري رهيو هو منع ڪرڻ تي زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

ٻاقراڻي(ن ع) ٻاقراڻي تعلقي جي ڳوٺ رواٽ خان ابڙو ۾ اوطاق جي ماسري تان چاچي سهري وريام ابڙو پنهنجي پاڻيچي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

MALTA
NIGER
MADAGASCAR
LATVIA
ITALY

ڪيمرون: ريلوي وارو مملڪتي وزير بلاول اظهر ڪياني عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ

بدين نشات نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ، خانصاحب زلمي فائنل کٽي ورتو

بدين (ڊ ر) ناچيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف ضلع بدين جي طرفان نشات نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل مئچ گرائونڊ خانصاحب عبدالرحمان لواري شريف ۾ ٿي گذريو مير مارخور ۽

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: بروهي برادري جو امن قافلو جتوئي برادري وٽ پاڪ ڪتاب کڻي پهتو

جتوئي برادري جي نوجوان مارڻ بعد بروهي اڳواڻن جو قافلو سان مقتول ڌر وٽ پهتا، مثبت موٽ

اسان نه اڳ جهيڙو ڪيو نه جهيڙي جو ارادو آهي، قانوني ڪارروائي جو حق آهي:عبدالخالق جتوئي

راڌڻ (ن ع) بروهي سولنگي جهيڙي ۾ مارجي ويل جتوئي ماسرو ٿورو ڪانٽر ڏيو توهان کي مثبت جواب ڏينداسين جتوئي برادري جو بروهين جي منٿ ميڙ قافلي کي سٺي موٽ خبر موجب راڌڻ ۾ سولنگي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: منٿ ميڙ قافلو ڌرين سان ڳالهائي رهيو آهي

نيوسعيد آباد واسڻ بيواهه جو پنهنجي ساهورن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

هالا (ت ر) نيوسعيدآباد شهر جي رهواسي مرحوم محمود لاڪو جي بيواهه مسمات زرينا پاران ساهرن جي زيادتين خلاف داڻهيندي چيو آهي ته ست سال اڳ منهنجو گهر وارو فوت ٿي ويو جنهن بعد منهنجا ڏير هڪ غلام النبي لاڪو ۽ الهورايو لاڪو زبردستي مون کي پنهنجي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ مسڪين ملاڪاتياري جي ياد ۾ ادبي ويهڪ، پيغام پيش

ادبي ويهڪ ۾ غزل، نظم، گيت ۽ ڪهاڻيون پيش، تخليقن تي تنقيدي ويچار

مسڪين ملاڪاتياري سنڌي ادب جو اهم نالو آهي، سندس خدمتون هميشه ياد رهنديون: مقرر

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران ناميارو اديب ۽ شاعر مسڪين ملاڪاتياري جي ياد ۾

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪي اين شاهه ۾ بروهي ۽ مري برادرين جي اهم شخصيتن جي پ پ ۾ شموليت

برادرين مون مٿان اعتماد ڪيو مان انهن جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندس: زبير جوڻيجو

ڪي اين شاهه عوام هميشه جوڻيجا خاندان کي عزت مان محبت ڏني آهي انهي کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي

ڪڪڙ (ن ع) پ پ ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو کي ڪي اين شاهه تعلقي ۾ مختلف هنڌن تي اڄياڻو ، بروهي ۽ مري

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه ۾ ايس يو پي جي سڏ تي شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ جي يو آءِ، عوامي تحريڪ، شيعه علما ڪائونسل، ايس ٽي پي، جسقم ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن جي شرڪت

چونڊيل نمائندن جي بي ڌياني سبب شهر کنڊر بڻيل آهي، ڊرينيج سسٽم ۽ واٽرسپلاءِ مڪمل ناڪارا آهن:اڳواڻ

چونڊيل نمائنده اليڪشن بعد ڪو ترقياتي ڪم ڏيڻ لاءِ تيار ناهن، 11 اپريل تي مسئلن جي حل لاءِ ريلي ڪڍي

ڪورواهه (رپورٽ: غلام علي مغل) ڪورواهه شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ميزباني هيٺ آل پارٽي ڪانفرنس سنڌ هائوس ڪورواهه ۾ ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ امير آزاد پنهور جي صدارت هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ جي يو آ جي اڳواڻ فرمان ميمڻ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ حنيف چانڊيو شيعا علماء ڪائونسل جي اڳواڻ قادر بخش مگنهار ايس ٽي پي اڳواڻ مصطفي ڪنڀار جسقم آريسر جي وڪيو ميمڻ جي ڊي اي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

8 شوال
عالمگير يوم انهدام جنت البقيع
عالم اسلام کا متفقہ مطالبہ جنت البقیع اور جنت المعلی کی عزت رفتہ بحال کی جائے
تحريڪ نفاذ فقه جعفريه ضلع حيدرآباد

حيدرآباد: تحريڪ نفاذ فقہ جعفريه پاران جنت البقيع جي تعميرات جي حوالي سان احتجاج ڪيو پيو وڃي

نيوسعيدآباد سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ، نوجوان مرٽينگ

ڳوٺ رمضان سهتو پرسان زمين جي مالڪي تان ٻن سئوٽن ۾ جهيڙو ٿي پيو

گولين لڳڻ سبب قربان سهتو زخمي ٿي پيو، اطلاع پوليس پهچي زخمي کي اسپتال پهچايو

نيوسعيدآباد (ت ر) زميني تڪرار تان سهتا برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ چڪتاڻ گولين لڳڻ سبب پاڪ آرمي جو رٽائرڊ نوجوان مرٽينگ ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو نيوسعيدآباد جي ڳوٺ رمضان سهتو پرسان ديهه گس ٽپو زير پير ۾ 8 ايڪڙ زرعي زمين جي مالڪي جي تڪرار تان ٻن سئوٽن پي ٽي آءِ جي مقامي اڳواڻ سڪندر سهتو ۽ سبحان علي سهتو جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن بعد فائرنگ ڪئي وئي، چيو پيو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ مخدوم محبوب الزمان جي فرزند جي پهرين سالگرهه جي تقريب

سروري جماعت پاران مخدوم محمد امين فهيم جونيئر جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

مخدوم اسان جا روحاني مرشد آهن جن هميشه پيار امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي:اڳواڻ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ سروري جماعت پاران سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جي پوٽي ولي عهد مخدوم محبوب الزمان جي فرزند مخدوم محمد امين فهيم جونيئر المعروف سائين علي سرڪار جي پهرين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن حبيب الله ڏگهه رحمت الله ڪيريو الهجڙيو پنهور غلام رسول

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر جي ڏاڍائين خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان ڪنهن تي به حملو ناهي ڪيو ۽ لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن:مظاهرين

عظيم خدا بخش وارن سان تڪرار هلندڙ آهي، بااثر موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ فضل محمد ڏاليرو جي رهواسين پاران کهڙي تي قبضي ۽ بااثر جي ڏاڍائين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي قائم ڏاليرو غلام مصطفيٰ ڏاليرو دلبر ڏاليرو ۽ وحيد علي ڏاليرو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اسان ڪنهن تي به حملو ناهي ڪيو ۽ اسان خلاف لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن هنن چيو ته اسان جو 9 سالن کان کهڙي جي ماسري تي پنهنجي برادري جي ماڻهن ڳهراڻ عظيم خدا بخش پليس غلام قادر ۽ يونس وارن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ پ پ اڳواڻ امجد بلوچ جو مرحوم اقبال چنا جي وارثن سان تعزيت

پارٽي ڪارڪنن سان ملاقات، حالتن تي گفتگو ۽ خاص خيال رکڻ جو زور

وفادار ڪارڪنن لاءِ مضبوط نظام ناهڻ جي اپيل، قيادت سان سڌو رابطو قائم ڪرڻ جي تاڪيد

ميهڙ (ن ع) پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ۽ اڳوڻو صدر پيپلز يوٿ سنڌ، امجد بلوچ ڏاڙو لاڏاڻو ڪري ويل پارٽي جي سچائل اڳواڻي ضلع دادو جي مرحوم اقبال چنا جي رهائشگاهه تعلقو ميهڙ تي پهچي فاتحه خواڻي ڪئي ۽ سندس پاءُ شهري اتحاد ميهڙ صدر عبدالستار چناءِ پٽ سهيل چنا سان تعزيت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي غلام ياسين ساهڙ ڪامريڊ محمد بخش چانڊيو نثار سومرو احسان علي ساهڙ عبدالحميد قمبراڻي ڪامريڊ ملو ڪوسو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: اسسٽنٽ ڪمشنر عارفه بتول حددخلين بابت هدايت ڏئي رهي آهي

ٽنڊوڄام طارق شاهه جاموٽ ۽ جي ڊي سي ايل ملازمن جي احتجاج جو نوٽيس ورتو

طارق شاهه جاموٽ احتجاجي ڌرڻي ۾ پهچي ملازمن کان ملاقات ڪري انتظاميا سان ڳالهيون

مسئلو حل ڪرڻ لاءِ هڪ مهيني جي مهلت، ملازمن احتجاج عارضي طور ملتوي ڪيو

ملازمن سڄي جمار او جي ڊي سي ايل کي ڏيئي ڇڏي آهي، کين پڪو ڪيو وڃي:طارق شاهه جاموٽ

ٽنڊوڄام (ت ر) پيپلز پارٽي ايم اين اي طارق شاهه جاموٽ او جي ڊي سي ايل جي ٿرڊ پارٽي (ڪچا) ملازمن جي احتجاج جو نوٽيس ورتو ڪنر آئل فيلڊ جو دورو مقامي انتظاميا سان مسئلي جي حل لاءِ ڳالهيون رپورٽ موجب او جي ڊي سي ايل جي ڪنر پسائڪي ۽ ٽنڊو عالم آئل فيلڊن ۾ ڪم ڪندڙ ٿرڊ پارٽي (ڪچا) ملازم 15 کان 20 سال گذرڻ باوجود اڃا تائين پڪا نه ٿي سگهيا آهن ملازم گذريل هڪ هفتي کان ڪنر آئل فيلڊ جي مين گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دڙي ۾ واپاري تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف شهرين ۽ واپارين جو احتجاج

صحافي جي پٽ زبير شاهه تي ڊيوٽي اتڪاءَ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي:مظاهرين

پوليس واپارين سان ڏرڪو ڪري زبير شاهه مٿان ڪيس داخل ڪري زيادتي ڪئي آهي:واپاري

دڙو (ن ع) دڙي ۾ پوليس پاران صحافي جي پٽ واپاري زبير شاهه تي ڪيس داخل، واپارين ۽ شهرين ۾ ڏاڍ پڪڙيل احتجاج، دڙي ۾ خانگي چينل جي رپورٽر صوفي نور محمد شاهه جي پٽ واپاري زبير شاهه تي پوليس پاران ڊيوٽي اتڪاءَ جو ڪيس داخل ڪيو ويو دڙو پوليس پاران صحافي جي پٽ زبير شاهه تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف شهرين ۽ واپارين ۾ صحافين ۾ سخت ڏاڍ پڪڙيل آهي، دڙو پوليس واپاري اڳواڻن کي ٿاڻي تي ڳالهين لاءِ گهرايو هو ان کان اڳ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ سماجي اڳواڻ مرحوم شينهن خاصخيلي جي ٽيجهي تقريب ٿي گذري

تقريب ۾ واجد جوکيو سميت سياسي، سماجي ادبي، صحافي ۽ مٽن مائٽن جي شرڪت

ڳوٺ خير محمد خاصخيلي ۾ قرآن خواڻي ۽ دعا گهري وئي، يونينن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سماجي ۽ ڊرائيور يونين اڳواڻ غلام مصطفي عرف شينهن خاصخيلي مرحوم جوٽيجهو ڪراچي جي ڳوٺ خيرمحمد خاصخيلي ۾ ٿيو ٽيجهي ۾ سياسي سماجي ادبي صحافتي حلقن سميت پ پ ڪراچي جي اڳواڻن سميت سنڌاسيمبلي جي ميمبر پ پ جي سينئراڳواڻ اڳوڻي صوبائي وزير ساجد جوکيو جي فرزند واجدجوکيو سميت مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٽيجهي جي موقعي تي قرآن خواڻي ۽دعا جي تقريب

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام مڪاني اداري جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن جي بندش خلاف احتجاج

حيدرآباد جي ميئر بنا جواز 700 کان وڌيڪ ملازمن جي پينشن بند ڪئي آهي:مظاهرين

ڏکي عرصي تائين پينشن نه ملڻ سبب سخت مالي مشڪلاتون پيدا ٿي ويون آهن

ٽنڊوڄام (ت ر) رٽائرڊ ملازمن پاران پنجن مهينن کان پينشن نه ملڻ خلاف چوويهن ڏينهن به احتجاج جاري رهيو آچر ڪاتيان خليل آرائين، شرافت راجپوت ۽ پروين ارشاد مسيح سميت ٻين پينشنرن ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ملي: سروري جماعت پاران جونيئر امين فهيم جي سالگراهه ملهائي پئي وڃي

ٽرڙي محبت لاءِ 5 ڪروڙ رپين جا ترقياتي فنڊ جاري ڪيا ويندا:عرفان جاني لغاري

پ پ طرفان عوام جي سهوليت لاءِ سنڌن بنيادي مسئلا حل ڪري رهيا آهيون

عرفان جاني لغاري جو راڌڻ ويجهو ڳوٺن ۾ ترقياتي منصوبن جي افتتاح بعد خطاب

راڌڻ (ن ع) ميهڙ تعلقي مان چونڊيل ايم اين اي عرفان جاني لغاري جي هٿان ڳوٺ ملوڪ ڪلهوڙو ۽ ڳوٺ ملو ماڇي ۾ پيور بلاڪ ۽ ڊرينج منصوبن جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي ٽائون ڪاميٽي ٽرڙي محبت چيئرمين سردار شاهد خان سهول ٽائون چيئرمين راڌڻ سردار غلام دستگير ڳوٺ سيتا ٽائون چيئرمين قمبرخان لغاري پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر اسد ظفر لغاري پ پ پ اڳواڻ سردار طفيل احمد مهيسر پ پ ٽائون ٽرڙي محبت صدر ديدار

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

Chand Bagh School
FULLY RESIDENTIAL
علم . اخلاق . کردار

Enroll today
and secure a future built on values
& excellence
GRADE 5 to 10 (O Levels)
SESSION 2026-27

Jilani Block

ADMISSION
TEST WILL BE HELD AT SCHOOL ON SUNDAY, APRIL 5, 2026

Prospectus & registration forms may be obtained from school office or against remittance of RS.3250/- On bank account title: Chand Bagh Foundation. Account #0136-1008448207, Bank Alfalah, G.T Road Muridke Or online registrations can be done on www.chandbagh.edu.pk

Chand Bagh School, Cambridge International (O-A Levels) provides premium residential education focused on academic excellence, discipline, and holistic development. Our balanced approach to academics, sports, and character building prepares students to become confident & responsible leaders. Personalized attention is ensured through our Pupil Personal Tutor (PPT) system and regular Parent -Teacher meetings, fostering strong guidance and support for every child. Set on a serene, purpose-built campus on 192 acres, Chand Bagh School is the ideal place for boys to learn, grow, and excel.

FOR MORE INFORMATION
PLEASE CONTACT ADMISSION OFFICE
www.chandbagh.edu.pk
admissions@chandbagh.edu.pk | admissions1@chandbagh.edu.pk
Tel: +92 302 9040798 | UAN: (042) 111-1998-98 EXT. 3105

Chand Bagh School
Kot Jilani 9-Km,
Muridke-Sheikhupura Road,
Muridke, Punjab, Pakistan.

Cambridge Assessment International Education
Cambridge International School

BRAIN CODE-2026

ھي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.